ॐ

हरि हर

सूर्य शरणम्

ڌرم

جيون جيئڻ جي ڪلا


Sant Baba Jairamdas Surya Mandir
GYAN SAGAR
480, Baba Jairamdasji Marg,
Sardarnagar, Ahmedabad-382475
E-mail : sj.jagyasi@gmail.com
www.gyansagar.org

ڌرم

جيون جيئڻ جي ڪلا

धर्म : जीवन जीअण जी कला

ڪلياڻ متر شري ستيہ نارايڻ گوئنڪا



DHARAM : JEEVAN JEEAN JEE KALA

- S.N. Goenka

پرڪاشڪ :

وپشينا وشوڌن ونياس تان ڪنيل

پيتا : سدا آنندميہ رهون.

मंगल मैत्री

सिन्धु की भूमि प्राचीन काल से अध्यात्म की भूमि रही है। इस धरती पर सन्त उपजे हैं। इसी कारण आज भी सिन्धु देश के लोग, सीमा के उस पार के हों या इस पार के, स्वभावतः अध्यात्म-प्रेमी हैं । सिन्धी भाषा का साहित्य भी आध्यात्मिकता के क्षेत्र में काफी समृद्ध है।

''धर्मः जीवन जीने की कला'' का सिन्धी भाषा में अनुवाद और प्रकाशन विपश्यी साधकों के लिए विशेषतः तथा अन्य अध्यातम-प्रेमियों के लिए सामान्यतः प्रेरणा जनन साबित होगा।

अनुवादक श्री रोचलदास नागवाणी एवं श्री कृष्णलाल बजाज गंभीर साधक हैं और इस पुण्य कार्य के लिए बधाई के पात्र हैं। दोनों का प्रभूत मंगल हो। अनेक सिन्धी भाषी इस पुस्तक को पढ़कर प्रेरणा प्राप्त करें और धर्ममय जीवन जी कर सुख-शांति लाभी हों।

कल्याणमित्र

सत्यनारायण गोयनका

संपर्क : विपश्यना संशोधन बिन्यास, धम्मगिरि, इगतपुरी-४२२४०३, जि. नाशिक, महाराष्ट्र.
फोन: ०२५५३-२४४०७६, २४४०८६, २४४३०२. फैक्सः ०२५५३-२४४१७६.
E-mail:info@giri.dhamma.org; website: www.vri.dhamma.org

منگل مئتري

سنڌوءَ جي ڀوُمي پراچين سمي کان اڌياتم جي ڀوُمي رهي آهي. هن ڌرتيءَ تي سنت پئدا ٿيا آهن. ان ڪري اڄ بہ سنڌو ديش جا ماڻهو، سرحد جي هن پار جا هجن يا هن پار جا، سڀاءُ کان اڌياتم پريمي آهن. سنڌي ڀاشا جو ساهتيہ روحاني کيتر ۾ ڪافي ڀريو ڀاڳيو آهي.

”ڌرم : جيون جيني کي ڪلا“ جو سنڌي ڀاشا ۾ انواد ۽ پرڪاشن وپشي سادڪن لاءِ خاص ۽ ڀين اڌياتم-پريمين لاءِ عام طور پريرڻا بخشيندڙ ثابت ٿيندو.

انواد شري روچلداس ناگواڻي ۽ شري ڪرشنلال بجاج گنيير وپشي سادڪ آهن ۽ هن پڇ ڪاريہ لاءِ واڌاين جا حقدار آهن. ٻنهي جو گهڻو گهڻو منگل ٿئي.

انيڪ سنڌي ڀاشي هن پستڪ کي پڙهي پريرڻا پراپت ڪن ۽ ڌرممئہ زندگي گهاري سکہ شانتيءَ جو لاڀ حاصل ڪن.

ڪلياڻ متر
ستيہ نارائڻ گوئنڪا

سجاڳ رهون، ڪنهن کي دک نه ڏيون، ڪنهن سان دکي نه ٿيون ۽ پڙ سرڪا رکون، اها ڪوشش ڪندا رهون. ڪرم کي خراب نه ڪيون. React نه ڪيون. وپشينا کي سمجهون.

समय के साथ, सभी रहते बदलते।
समय को बदलते हुए तू चला चल॥

نرمل، نرڀيه بڻجون گيان جي اُپاسنا ڪيون. اِها گرو ڀڳتي يعني سچ جي پوڄا.

अदिभुत खेल अमापु। गुरुअ लखायो ज्ञान सां॥
जंहिं में, जनम, न मरण जो। नको पुञु न पापु॥
नको जीवु, न ब्रह्म को।नको वरु सरापु॥
सामी चए संतापु । रहियो न रतीअ जेतिरो॥

بابا جن چوندا هئا :

ज्ञान आहे न अखरनि में पर।
महिर संदियुनि अखिड़ियुनि में॥

بابا جن جهڙا آتم مارگ جا Expert ٿي نه پر انوڀوي، ڏيرجوان، ست پرش، اگيان روپي اندڪار مان گيان روپي روشني طرف وٺي هلندڙ ستگرو آهن. جتي گرو هڪ پتا، ششيه هڪ پٽن مثل آهن.

آتم جو گيان مون دواران Vibrant ٿي سمجهي سگهجي ٿو اهو انوڀو جو وشيه آهي. جن شبدن، جن جملن، جن واڪين سان ٿي زندگي بدلجي وڃي اهو گرومنتر آهي. ان تي آچرڻ ڪجي.

सब का मंगल, सबका मंगल, सबका मंगल होय रे।
जन-जन मंगल, जन-जन मंगल, जन-जन सुखिया होय रे॥
दृश्य और अदृश्य सभी जीवों का मंगल होय रे।
जल के, थल के और गगन के प्राणी सुखिया होय रे।
दसों दिशाओं के सभ प्राणी मंगल लाभी होय रे।
निर्भय हों, निर्वैर बनें सब, सभी निरामय होय रे॥

मंगल कामनाएं ॥

ٻه اکر...

گروُ ملڻ کان پهرين من جي Position، گيت دواران :

कर्ता की तरह, भजता ही रहा हूँ मैं,
कभी राग.... में, कभी द्वेष में...
फसता ही रहा हूँ मैं....
कर्ता की तरह, भोक्ता की तरह... भजता ही रहा हूँ मैं...

اِن نموني Part ادا ڪيوسين.

گرو ملڻ سان پر گيا جاڳي اُن وقت من جي Position :

दृष्टा की तरह, भजता ही रहूंगा मैं,
कभी अनित्य समझकर, कभी समभाव रखकर,
प्रज्ञा को ही भजूंगा मैं, दृष्टा की तरह....

اُن نموني Part ادا ڪندس.

سنسار کي، هرهڪ دک سک کي، اَنتيه سمجهي ڪري،اِهو ٻه ٿوري وقت لاءِ آهي، گذري ويندو اِئين ڄاڻي راڳه دويش ۾ سمڀاو رکي ڪري سڄاڳه رهي ڪري ٻُڌيءَ کان ڪم وٺي ڪري درشٽا ٿي رهون. اُن پرم آنند ۾ ايڪاگر ٿي رهون.

جيون ڌارا جا 2 پهلوُ : (1) Physical (शारीरिक) (2) Mind (चित का)

(1) بابا جن چوندا هئا مان گونهه مُٽ جو پتلو آهيان ڇا ٿي پاڻ پڏايان. هن شرير ۾ ڇا آهي جو پاڻ کي مان سڏايان. هن جي سمپرڪ ۾ سني شيءِ مال منايون روٽيون ڪِنُ ٿي ٿيون نڪرن.

(2) هن من ۾ الائي گهڻن جنمن جا سڀ پاپ، اوگڻن جا ڍير، راڳه دويش روپي ميل چڙهيل آهي. مان صاف سٿرو ته نه آهيان؛ نرمل ته نه آهيان ته ڇا ٿي مان پاڻ پڏايان، ايمان ڇا ٿي ڪيان، پاڻ کي الائي ڇا ڇا ٿو سمجهان، اَيمان نه ڪريون.

جي پنهنجو اُڌار گهرجي، مڪتي گهرجي ته من ئي من ۾ اِهو سنڪلپ جلد ئي جلد ڪريون، جلد جاڳون ڇو جو موت جي گهڙي هرهڪ جي Fix آهي. جيترو جلد جاڳبو ته اوترو صفائيءَ لاءِ وقت وڌيڪ ملندو. سني صفائي ڪري سگهنداسين. وڌيڪ پرشارٿ، پريشرم، محنت ڪريون.


هندي پرڪاشڪ وٽان

’ڪلياڻ مترُ‘ پوڄيه ستيه نارايڻ گوئنڪا جي پروچنن ۽ ليکن جي طلب ساڌڪن ۽ ساڌنا پسند ماڻهن پاران وري وري ٿيندي رهي. انهن کي شايع ڪرڻ ۾ اُبا ڪن يادگار ٽرسٽ کي خوشي ٿي رهي آهي.

هن قسم جي ڪتاب جي ضرورت پوڄيه شري گوئنڪا پڻ محسوس ڪئي پر ڏيان شبر (ڪئمپ) ۾ رڌل رهڻ ڪري ليکن جي چنڊچاڻ ۽ اُنهن کي سلسليوار ٺاهي ڇپائڻ ممڪن نه ٿي سگهيو هو. ائين ته ٽرسٽ پاران ڇپجندڙ وپشينا پتريڪا ۾ پوڄيه گوئنڪا جا پروچن ۽ ليک شايع ٿيندا رهيا آهن يا ان جو لاڀ به ساڌڪن کي ملندو رهيو پر ساڌنا جو ڳجهو مطلب ٺيڪ سمجهڻ ۾ اچي اهڙن ليکن جو سلسليوار مڪمل سنگرهه ڪتابي روپ ۾ تيار ڪرڻ لاءِ وقت جي اڻاٺ هئي. پر پوڄنيه گروڄيءَ (گوئنڪا) جي بيماريءَ ڪانپوءِ آرام جي وقت اُنهن ’ڌرم جيئڻ جي ڪلا‘ نالي ڪتاب، پنهنجن پراڻن خواهه نون ليکن کي گڏي، تيار ڪرڻ جي ڪرپا ڪئي. ان لاءِ ٽرسٽ هنن جو ڏاڍو شڪرگذار آهي. جئن ته پوڄنيه گوئنڪا جي هيءَ رچنا هنن جي لنبي جيون جي آزمودن تي آڌار ٿي رکي تنهن ڪري ساڌڪن کي ته اُتساهه ملندو ئي پر ٻيا پڙهندڙ پڻ هنن جي آزمودن مان لاڀ ۽ پريرڻا حاصل ڪندا.

ساڌڪن ۽ پڙهندڙن طرفان پوڄيه گوئنڪا جي دوهن جي گهر ٿيندي رهي آهي. اُن جي پوئواري ٿوري ماترا ۾ ڪجهه دوها لکي ڪئي وڃي ٿي جيڪا پڻ هن وشيه (مضمون) کي سمجهڻ ۾ پڙهندڙن کي مدد ڪندي. هنن دوهن هن ڪتاب کي وڌيڪ وڻندڙ ۽ ڪمائتو بڻائڻ ۾ مدد ڪئي آهي.

هيءَ ٽرسٽ سرڳواسي شري سياجي اُبا ڪن جي پوتر ياد ۾ برپا ڪيو ويو آهي. هن جو مقصد ڪنهن ذات پات جي ڀيدڀاو ڪانسواءِ ماڻهن کي ڀڳوان ٻڌ جي ٻڌايل ۽ برما ۾ گرو ششيه پرمپرا رستي شڌ روپ ۾ قائم رکيل هن پوتر وپشينا ساڌنا جي ابياس ڪرائڻ ۾ مدد ڪرڻ آهي. سياجي اُبا ڪن هن ڪلياڻڪاري طريقي جي آچاريه پرمپرا جو هڪ چمڪندڙ ستارو هو. هو نه صرف برما جو پر انترراشٽريه ڪيتر جو مڃيل وپشينا آچاريه هو. هن جو پنهنجو ساتوڪ ۽ عملي جيون ’جيئڻ جي ڪلا‘



(ڪلياڻڪاري متر گوينڪاجي)

ليکڪ جي سڃاڻپ

’ڪلياڻ متر‘ ستيہ نارايڻ گوينڪا.
جنم : مانڊلي برما سنہ 1924ع
برما جا مشهور اُديوگپتي، واپاري ۽ سماج سيوڪ

برما جي مها ليکپال (اڪائونٽنٽ جنرل) اُبا کن کان سڀ کان پهريائين سنہ 1955ع ۾ وپشينا جي ساڌنا سکيا. تنهن کانپوءِ اُن جو لاڳيتو ابياس جاري رکيو اٿن. سنہ 1969ع ۾ ڀارت ۾ آيا. واپار ڌنڌي کان فارغ ٿي ڀارت ۾ جدا جدا هنڌن تي ’وپشينا‘ ساڌنا سيکارڻ لاءِ ڪئمپون لڳائي رهيا آهن.

هاڻي ڀارت چاهي ولايت ۾ ارڙهان دائمي ڌيان ڪيندر برپا ٿي چڪا آهن. اُتي ساڌڪن لاءِ رهڻ ۽ ڀوڄن جو پڻ خاطرخواه بندوبست آهي. شري گوينڪا ۽ اُن جي سهايڪ آچارين معرفت گهڻي ۾ گهڻيون ڪئمپون انهن ساڌنا ڪيندرن ۾ لڳايون وڃن ٿيون. اهڙي نموني ديش وديش ۾ گهڻن ئي هنڌن تي وپشينا-ڪيندر برپا ٿي رهيا آهن.

مهاڳ

وگيان دواران دنيوي سک سهوليتون اڳي کان وڌيل هجڻ جي باوجود به منش اڳي کان وڌيڪ سکيو ٿيو آهي ائين نٿو ڏسڻ ۾ اچي، پر جتي سک جا وسيلا جيترا وڌيڪ ميسر - موجود آهن اُتي اوتري وڌيڪ اشانتي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. آمريڪا وغيره ديشن ۾ سک جي گهٽن وسيلن سان گڏوگڏ حياتيءَ ۾ اشانتي ۽ مانسڪ تناوَ وڌيل آهي. ان ڪري شانتيءَ جي بک وڌيل آهي ۽ ماڻهن ۾ 'ڌيان' طرف ڪشش وڌي آهي. نتيجي طور ماڻهن جا جدا جدا تجربا (پريوگ) ديش ۽ وديش ۾ ٿي رهيا آهن. ڌيان وسيلي شانتي حاصل ڪرڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن.

ڀارت جي ويدڪ ۽ ٻوڌي سنسڪرتيءَ ۾ ڌيان تي ڪافي تجربا ڪيا ويا آهن. ڌرم جي پرمپرا پراچين ڪال کان هلندي آئي آهي. پر ڪٿي بگڙي آهي ته ڪٿي وري اُن روپ ۾ نه رهي گم ٿي ويئي. وپشينا ڌيان جي طريقي ۾ به ائين ڪجهه ٿيو. اصل ۾ هيءُ ڀڳوان ٻڌ دواران چالو ڪيل طريقو هو. هن ماڻهن جي ڀلائي ڪرڻ جي ڀاونا کان متاثر ٿي ديا ڀاو سان اُن جو پرچار ڪيو هو، جنهن جو لاڀ حاصل ڪري لکين ماڻهن اسيم شانتي پاتي هئي. ڀارت ۾ اُها شڌ روپ ۾ قائم نه رهي سگهي پر اهو طريقو ٻڌ ڌرم معرفت برما ۾ پهتو ۽ شڌ روپ ۾ اجا تائين هلي رهيو آهي.

اُن طريقي کي شريمان ستيه نارائڻ گوينڪا ساڌنا معرفت اپنائي اُن کي عام جي ڪلياڻ جي ڀاونا سان اٽڪ محنت ڪندي ڦهلائي رهيا آهن. هنن هيل تائين ڀارت جي سيني راڄين ۾ ڪيتريون ڪئمپون لڳايون آهن. اُهي ايتريون ته لوڪپريه ۽ ڪارگر ٿيون جو وپشينا ڌيان واري طريقي جي باري ۾ ماڻهن ۾ چئني طرفن ڄاڻڻ جي چاهنا پئدا ٿي. ماڻهن شري گوينڪا کي ڏاڍو زور ڀريو ته هن قسم جو ساهتيه ڇپائي جنتا کي وپشينا ڌيان جي طريقي کان واقف ڪرائين. پر شري گوينڪا کي ڀؤ پئي ٿيو ته ماڻهو ذهني طور ڪٽي هن کي سمجهي به وڃن تڏهن به ڌيان شبر ۾ ويهي ابياس ڪرڻ کان سواءِ غلطي ڪري سگهن ٿا ۽ جيئن ڀارت ۾ ٿي نه پر سڄي سنسار ۾ ٿيندو آهي اهڙي نموني پوري سمجهڻ کانسواءِ، لائق رهنمائي ڪرڻ جي حيثيت هجڻ بنا اُپديش ڏيئي ڪيترا ماڻهو فائدي بجاءِ هاڃي وڌيڪ ڪندا آهن. ٿورو ڪجهه ڄاڻي ڪيترا ماڻهو ٻين کي سيکارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جنهن ڪري گهٽائي ڀيرا ساڌڪن کي هاڃي رسندي آهي. هن ساڌنا ۾ اها ئي خاصيت رهي آهي ته ان ۾ پراچين ڪال کان هيل تائين ڪوبه ڦيرو نه آيو آهي. جيئن هئي تيئن ئي هلندي آئي آهي. ان ۾ ڪٿي به ڪوئي پنهنجي

جو اُتم مثال هو.

شري اُبا کن ۾ ڪابہ فرقيوار تنگدلي نہ هئي. هوُ ڌرم کي سڀ لاءِ هڪجهڙو مڃيندا هئا. اِها ئي ڳالهہ اسان کي پوجيہ گوينڪا جي ويچارن ۾ هر وقت ٻڌڻ لاءِ ملي ٿي.

پوجيہ شري گوينڪا سرڳواسي اُبا کن جي مکيہ ششين مان هڪ آهن. شري اُبا کن شري گوينڪا جي سموري سکيا ڏيئي خاص روپ سان وپشينا آچاريہ جي پد جو سنمان عطا ڪيو هو. ڪلياڻڪاري وپشينا ساڌنا هرهڪ ماڻهوءَ جي ڀلي ۽ سک لاءِ سڄي دنيا ۾ ڦهلجي اِها ئي هن جي دلي مُراد هئي، جيڪا پوري ڪرڻ لاءِ شري گوينڪا اڻٿڪ محنت ڪري رهيا آهن ۽ ٽرسٽ هن جي هن پوتر مقصد ۾ مدد ڪرڻ لاءِ برپا ڪئي ويئي آهي.

هي ڪتاب مٿئين مقصد جي پوئواري ڪرڻ ۾ هڪ اهم قدم آهي.

هن پستڪ جي ڇپائڻ ۾، شري رشيداس رانڪا، شريچند سراڻا ۽ شري رامپرتاپ يادو جيڪو سهيوگ ڏنو اُن لاءِ اسان سندن شڪرگذار آهيون.

شيوا ۾
ديانند ادوکيا

سنڌي پرڪاشڪ وٽان

خبر نہ آهي تہ ڪهڙي نيڪ ڪرم سببان پوتر ڀارت جي سڀوري سنڌ پرانت جي پير ڳوٺ (خيرپور رياست) جي هيمراجاڻي ڪل ۾ منهنجو جنم ٿيو ۽ جئرام نالو ڏنو ويو. وڏي ٿيڻ سان ان نالي ۾ منهنجو موهہ ٿيڻ لڳو. ان نالي کي سٺي ڪم تي شاباس ۽ خراب ڪم تي ڦٽڪار ملڻ لڳي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سزا بہ ملي. اهڙيءَ طرح شاباس ۽ ڦٽڪار، نيڪي ۽ نندا، مان ۽ اپمان، لاڀ ۽ هاڃي، دک ۽ سک ۾ عمر گذرندي رهي. مان ان نيڪيءَ ۽ نندا جي چڪر ۾ دکي رهڻ لڳس. من سان گڏ تن بہ دکي ٿيڻ لڳو، جنهن ڪري ڊاڪٽرن جو محتاج رهڻ لڳس.

نيڪ اهڙين حالتن ۾ هڪ متر جي صلاح سان مونکي اگتپوريءَ ۾ جتي وپشينا ساڌنا سيکاري ويندي آهي، اُتي جنوري 1983ع ۾ وڃڻ جو سوڀاڳيہ مليو. اِها ڪئمپ پوجيہ گوينڪا پاڻ ورتي هئي. مون جيڪو ڏهن ڏينهن ۾ محسوس ڪيو سو بيان ڪرڻ مشڪل آهي. صرف ايترو چئي سگهان ٿو تہ مون پٽڪيل کي راهہ ملي ۽ من سان گڏ تن بہ تندرست ٿيندو ويو.

وري جوُن 1990ع ۾ ٻيهر ڪئمپ ۾ وڃڻ ٿيو، جنهن مونکي اٿاهہ پيار سنئين راهہ تي هلڻ لاءِ سنا سنسڪار ڏنا آهن، ان سماج لاءِ شڌ ڌرم کي سمجهڻ ۽ اُن تي عمل ڪرڻ لاءِ، اُتساهہ ڏياريندڙ ڪتاب ”ڌرم-جيون جيئڻ جي ڪلا“ جو ترجمو سنڌيءَ ۾ ٿئي، جيئن مون جهڙا صرف سنڌي جاڻندڙ ساڌڪ اِهو ڪتاب پڙهي لاڀ حاصل ڪري سگهن. اِن ترجمي ڪري ڏيڻ ۾ وپشي ساڌڪ شري روچل ناگواڻيءَ ساٿ ڏنو آهي ۽ هندي دوها پڻ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏنا اٿائين. ترجمو ڪندي ڪتاب جي اصلي روپ کي قائم رکڻ لاءِ ڪوئي بہ ڌاريو اگر نہ ڳنڍيو ويو آهي، البت جتي ضروري سمجهيو ويو اُتي ڏکين لفظن جي معنيٰ يا سمجهاڻي ڏني وئي آهي.

ڪتاب ڇپجڻ کان اڳ، هي ترجمو، ’وپشينا‘ پتريڪا جي سمپادڪ رام پرتاپ يادوَ، سهايڪ آچاريہ ٻچوياڻي شاهہ، سهايڪ آچاريہ ڊاڪٽر نارائڻداس واڌواڻيءَ کي ڏيکاريو ويو ۽ سندن صلاح سان گهربل سڌارو ڪيو ويو. ان ڪانسواءِ پوجيہ آچاريہ شري گوينڪا سنڌي ترجمي لاءِ خوشي ظاهر ڪئي ۽ ڪتاب ڇپائڻ لاءِ اجازت ڏيڻ جي

طرفان قبر گهير نہ ڪري ۽ جيڪو ساڌڪ ٻين کي سيکاري اُهو پاڻ آزمودو پرابل لائق اڌڪاري هجي. ساهتيہ پڙهي هن طريقي کي ترتيب بنا اپنائي ڪٿي اُن جو غلط استعمال نہ ٿئي، شري گوينڪا جو اُهو انديشو بلڪل واجب هو ۽ اجا پڻ آهي، پر وپشينا ڌيان جي ڀڄهارت سمجهائڻ لاءِ ڪجهہ ساهتيہ جو نرماڻ ٿيڻ ضروري هو. ان ڪري ساڌڪن جي اِها مرضي هئي تہ شري گوينڪا ان باري ۾ لکن. زور ڀرڻ وارن منجهان مان پڻ هڪ هوس ۽ مون اِهو چيو تہ اهو صاف ڪيو وڃي تہ جنهن جو من وشيہ ۾ چاهہ هجي اُهي هن طريقي کي ساڌنا شبر ۾ ئي سکڻ جي ڪوشش ڪن، چاڪاڻ تہ شبر ۾ مناسب واتاورڻ سان گڏ لائق اڌڪاري ساڌڪ ذريعي گرو روپ ۾ ڏنل مارگہ درشن (رهنمائي) ڪمائتو تہ ٿيندو ئي آهي پر مارگہ ۾ جيڪي تڪليفون ۽ رڪاوٽون اچن ٿيون ان ڏس ۾ جوڳو مارگہ درشن هجڻ سان ساڌنا ۾ چڱو چوکو واڌارو حاصل ڪري ان مارگہ ۾ اڳتي وڌڻ ۾ ڏاڍي مدد ٿي ملي.

شري گوينڪا کان گرو روپ ۾ مليل مارگہ درشن جوڳي ڏس (مناسب دشا) ۾ واڌاري ڪرڻ ۾ سهايڪ ٿئي ٿو. ان ۾ ڀٽڪڻ جو انديشو نہ ٿو رهي ۽ ٿوري ئي وقت اندر جوڳو واڌارو ٿي سگهي ٿو.

شري ستيہ نارايڻ صحيح روپ ۾ ڪلياڻ متر آهن ۽ اُنهن جيڪا عوام جي ڀلي جي خيال کان وپشينا ساڌنا جي ڦهلائڻ ۾ محنت ڪئي، اُها سچ پچ ساراهہ لائق آهي. اُنهن جي بيحد محنت جو نتيجو اِهو نڪتو جو هوُ بيمار ٿي پيا، اُنهن آپريشن ڪرايو ۽ کين آرام ڪرڻ ضروري ٿي پيو. هن بيماريءَ ڪانپوءِ آرام جي وقت ۾ هنن، اُهي ليکہ، جيڪي وپشينا پتريڪا ۾ شايع ٿيا هئا ۽ جيڪي نوان لکي ڏنا اُنهن جو سنگره ڇپجي رهيو آهي. هنن ليکن جي باري ۾ اسان وڏاءُ نہ ڪري ايترو ئي چوڻ مناسب سمجهون ٿا تہ هي ليکہ خيالي نہ آهن پر پنهنجي گروءَ سياجي اُ با کن کان حاصل ٿيل آزمودي جو تاتپرج آهي. جيڪو هن وپشينا جي ساڌنا ڪري پراپت ڪيو آهي. پڙهندڙن کي هن ڳالهہ جي تصديق ليکہ پڙهندي ٿي ويندي. ڌرم جيون جيئڻ جي ڪلا آهي. اِهو بحث جو يا من جي وندر جو وشيہ نہ آهي پر جيون ۾ عمل ڪرڻ جي لائق آهي، جنهن سان جيون سکي ۽ سڦل ٿي سگهي ٿو.

اسان ڪلياڻ متر شري گوينڪا جا تهدل شڪر گذار آهيون جن هي پستڪ تيار ڪري ڇپائڻ جي منظوري ڏني آهي.

اُميد آهي تہ شري گوينڪا جي هن رچنا جو ساڌنا پريمي پڙهندڙ مناسب استعمال ڪندا.

- رشيداس رانڪا

فهرست

عنايت ڪئي. ان لاءِ مان سندن نهدل شڪرگذار آهيان.

ڪتاب ڇپائڻ ۾ وڌيڪ ساٿ ڪرشڻلعل ٻجاج جي مارگ درشن لاءِ ۽ ساٿ شري رام ماکيجا ۽ شري لڇمڻداس ايسراڻيءَ جو ٻڪ ٻوڙ ۾ سات ڏيڻ لاءِ پڻ شڪرگذار آهيان. هي شڌ ڌرم جو سنديش وشو ۾ ڦهليل سنڌي سماج جو مارگ درشن ڪري ۽ جيون منگلميه بڻائي، اها شڀ ڪامنا آهي. شال سڀ جو ڀلو ٿئي! سڀ جو منگل ٿئي!! سڀ جو ڪلياڻ ٿئي!!!

مارچ - 1992

شيوا ۾ :

جئرامداس ڪئارام هيمراجاڻي

فليٽ 35 ۽ 36 ڪرشڻليلا سوسائٽي،

ٺاڻا (اوپر) 400403.

فون (گهر) :

Jairamdas K. Hemrajani
Shop No. 22,
Shanti Bhavan Shopping Centre,
J.D. Road, Mulund (West),
Bombay-400 080.

1. ڌرم ڇا آهي؟

ڌرم جيون گذارڻ جي ڪلا آهي، پاڻ سکہ سان جيئڻ جي ۽ ٻين کي سکہ سان جيئڻ ڏيڻ جي. سڀ سکہ سان جيئڻ چاهين ٿا، دکہ کان آجو ٿيڻ چاهين ٿا پر جڏهن اسان اِهو نٿا ڄاڻون تہ حقيقي سکہ ڇا آهي ۽ اِهو بہ نٿا ڄاڻون تہ اُن کي ڪيئن حاصل ڪجي؟ تہ بناوتي سکہ پنيان پاڳل بڻجي ڊڪون ٿا. حقيقي سکہ کان پري رهي وڌ ۾ وڌ دکي ٿا ٿيون. نہ صرف پاڻ کي پر ٻين کي پڻ دکي ٿا ڪريون.

سچو سکہ اَندرين شانتيءَ ۾ آهي ۽ اَندرين شانتي من جو وڪارن کان آجو هجڻ يا من جي نرملتا ۾ آهي. وڪار ڪانسواءِ من جي اوستا ئي سکہ شانتيءَ جي اوستا (حالت) آهي.

انڪري سچي شانتي ۽ سچو سکہ اُهي ئي ماڻبندا آهن جن جو من صاف هوندو آهي. جيڪو جيترو وڪارن کان مڪت رهندو آهي اوترو ئي دکن کان آجو رهندو آهي، اوترو ئي جيئڻ جي صحيح ڪلا ڄاڻندو آهي ۽ اوترو ئي صحيح معنيٰ ۾ ڌارمڪ ٿيندو آهي. نرمل من سان ورتاءُ ڪرڻ ئي ڌرم آهي. اِها ئي جيئڻ جي ڪلا آهي. اِن ۾ جيڪو جيترو ڪامل اوترو ئي ڌارمڪ آهي. ڌارمڪ ماڻهوءَ جي اِها ئي وياکيا آهي.

قدرت جو هڪ اٽل نيم آهي، اُهو هي آهي تہ جهڙي نموني ڪجهہ ڪيو ويندو تهڙي نموني اُن جو نتيجو نڪرندو. جنهن سببان ڪوئي ڪم پورو ٿيندو آهي، انهن سببن جي غيرموجودگيءَ ۾ اُهو ڪم نٿو ٿي سگهي. هن نيم موجب جڏهن جڏهن اسان جو من دئيش، ڪوت (ڪپٽ) ڪروڌ، ساڙ، ڊپ وغيره سببان شڪست کائيندو آهي تڏهن اسان وياڪل (دکي) ٿي ويندا آهيون، دکہ ۾ پرجي سکہ کان پري ٿي ويندا آهيون. جڏهن جڏهن اسان جو من اهڙن وڪارن ۾ ڦاٿل نٿو رهي تڏهن تڏهن اسان وياڪلتا کان آجا ٿا رهون، دکہ سنتاپ کان بچيل رهون ٿا. پنهنجي اَندرين سکہ-شانتيءَ جا

मंगल हो! कल्याण हो!

जागे धर्म गृही जीवन में, मंगल हो! कल्याण हो!
छोटे पाएं प्यार सदा ही, सदा बड़ों का मान हो॥

हों नर-नारी धर्मविहारी, धर्मवंत संतान हो।
सुख छाए समृद्धि छाए, पूरे सब अरमान हों॥

बरसे बरखा सदा समय पर, भरे खेत खलिहान हों।
फल फूलों से लदे हुए सब, बाग और उद्यान हों॥

सुखद शांति हो जीवन पथ पर, होठों पर मुस्कान हो।
मिले सफलता कदम कदम पर, सदा धर्म का ध्यान हो॥

सदाचार का जीवन जीए, मन पर लगी लगाम हो।
करे सत्य का दर्शन भीतर, सम्यक अंतर्ज्ञान हो॥

सच्चाई से धन अर्जित हो, मुक्त-हस्त से दान हो।
अपना भी हित सुख सध जाए, सुखी सभी इन्सान हों॥

धन आए पर सिर ना सूजे, दूर सदा अभिमान हो।
भरे नम्रता अंतर्मन में, जरा न गर्व गुमान हो॥

परपीड़ा का भाव न जागे, सेवा प्रमुख प्रधान हो।
मन मैत्री से भरा रहे, चित करुणा-कृपा-निधान हो॥

हो उत्थान कुशल कर्मों का, अकुशल का अवसान हो।
हो महान जीवन, मानो मानवता का वरदान हो॥

मनचाही या अनचाही हो, समता दृढ़ बलवान हो।
चित किंचित विचलित न होवे, मुश्किल सब आसान हो॥

अडिग रहे चट्टान सदृश, चाहे जैसा तूफान हो।
ऐसा हो इन्सान कि जैसे, स्वयं सिद्ध भगवान हो।

संपर्क : विपश्यना संशोधन विन्यास, धम्मगिरि, इगतपुरी-४२२४०३, जि. नाशिक, महाराष्ट्र.
फोन ०२५५३-२४४०७६, २४४०८६, २४४३०२, फैक्स: ०२५५३-२४४१७६
E-mail: info@giri.dhamma.org; website www.vri.dhamma.org

ان جو مطلب تہ پاڻ تي ضابطو رکڻ سان ڌرم جي سيني پهلن (انگن) ۾ سنپورڻتا حاصل نٿي ڪري سگهجي پر ڌرم پالن ڪرڻ جي پهرئين قدم جي شروعات ضرور ٿئي ٿي. پهريائين تہ پاڻ تي ضابطي ذريعي ئي اسان شاريرڪ ۽ ڳالهائڻ جي براين ڪان پاسو ڪريون ۽ پوءِ لڳاتار ابياس ذريعي من پنهنجي سهج سڀاو سان ئي ڪوئي من، وچن ۽ ڪرم سان پاپ نہ ڪري سگهندو. تنهن ڪري اِها مکيہ ڳالهہ آهي تہ من کي وڪارن ڪان آجو رکجي.

اسان پنهنجي هرهڪ ڪم ڏانهن خبردار رهي اِن کي عيبن ڪان آجو رکي سگهون ٿا. پنهنجي من ۽ من جي عيبن ڏانهن بيخبر ۽ بيهوش بڻجي ان کي ڪڏهن بہ صاف نہ ڪري سگهنداسين، نہ وري اُن جي نرملتا کي قائم رکي سگهنداسين. اِن ڪري پنهنجي بدني، زباني ۽ من جي ڪمن جو، پنهنجي چت ۽ اُن جي سڀاءَ جي جائزي وٺڻ جو لاڳيتو ابياس ئي ڌرم پالن ڪرڻ جو صحيح ابياس آهي. ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ ڪان اڳ اسان اِها جاچ ڪريون تہ هن ڪم ڪرڻ ۾ اسان جو ۽ ٻين جو ڀلو ٿيندو يا برو. جيڪڏهن ڀلو ٿيندو هجي تہ ڪريون پر جيڪڏهن برو ٿيندو هجي تہ نہ ڪريون. اهڙي نموني ووڪ سان چڱيءَ طرح سوچيل ڪم مڙيوئي ڪلياڻڪاري هوندو. يعني تہ ڌارمڪ ئي هوندو جيڪڏهن اڻڄاڻائيءَ ۾ بنا سوچي ڪوئي شاريرڪ يا لفظي برو ڪم ٿي ويو، جيڪو پنهنجن يا پراون لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيو تہ روئي روئي پاڻ کي گناهہ جي ڳنڙيءَ ۾ گرفت نہ ڪيون پر جلد ئي ڪنهن ساٿي ساڌڪ يا گروجن سان ملي اُن جي سامهون پنهنجي ڀل ظاهر ڪري اُن کي قبول ڪريون ۽ اُن بوجهہ ڪان آجا ٿيون ۽ آئيندهہ لاءِ وڌيڪ خبردار رهڻ لاءِ پڪو انجام ڪريون. من جي طرف پڻ اهڙي قسم جي جاڳرتا جو ابياس وڌائيندا رهون. جڏهن جڏهن من ۾ ڪوئي وڪار جاڳي تہ هڪدم ئي اُنجو جائزو وٺون. پاڻ کي شاهد بڻائي وڪار جو جائزو ڪرڻ سان پنهنجو پاڻ ئي اُهو وڪار ڪمزور ٿي ويندو. جيڪڏهن اَڻڄاڻائيءَ سببان اُن جو جائزو نہ وٺي سگهون ۽ نتيجي طور اُهو اسان مٿان غالب پئجي وڃي تہ اُن کي ياد ڪري نہ روئون پر اجا بہ وڌيڪ خبردار رهڻ لاءِ انجام ڪريون ۽ سجاڳيءَ جو ابياس وڌايون. شڌ ڌرم ۾ پاڻ کي اِستر بڻائڻ جو اِهو ئي وگيانڪ طريقو آهي.

مالڪ بڻيا رهون ٿا.

جيڪا وڪارن کان مڪت رهڻ سيکاري ٿي اُها ئي حياتي گذارڻ جي صحيح ڪلا آهي. اِهو ئي شڌ ڌرم آهي. شڌ ڌرم جو سروپ ڏاڍو منگلميہ ۽ ڪلياڻڪاري آهي. اسان جڏهن جڏهن وڪارن کان مڪت ٿي نرمل من سان وهنوار ڪيون ٿا تڏهن تڏهن خود تہ حقيقي سک شانتي ڀوڳيون ٿا پر ٻين جي سک شانتيءَ جو پڻ سبب بڻجون ٿا. اهڙي نموني جڏهن جڏهن وڪارن سان ڀريل گندي من سان وهنوار ڪيون ٿا تڏهن تڏهن پاڻ تہ دکي ٿيون ٿا پر ٻين جي دکہ جو ڪارڻ بڻجون ٿا. سماج جي شانتي پڻ وڃايون ٿا.

ڪروڌ، لوڀ، واسنا، ڀئہ ساڙ، حسد، اَهنڪار وغيره من جي وڪارن جو شڪار بڻجي اسان هتيا، چوري، ويڀچار، ڪوڙ، ڇل ڪپٽ، چغلي، ٻئي جي گلا ۽ اجائي بڪواس ڪيون ٿا، ڪوڙو ۽ ڪنور ڳالهايون ٿا ۽ جڏهن جڏهن ائين ڪريون ٿا تڏهن تڏهن پاڻ ۽ ٻين جي دکہ جو ڪارڻ بڻجون ٿا. من جي وڪارن کانسواءِ ڪوئي بہ بدني يا زباني خراب ڪم ٿي نٿو سگهي. پر ڇا اهو ضروري آهي تہ من جا وڪار پئدا ٿيڻ سان اسان برا ڪم ڪريون ئي؟ اڪثر زوردار من جي وڪارن پئدا ٿيندي بہ اهڙن شاريرڪ يا زباني برن ڪمن کي پنهنجو پاڻ دبائي، انهن کان بچي سگهون ٿا ۽ ظاهري طرح ٻين کي پڻ نقصان نٿا رسايون. پر تڏهن بہ من جي خراب وڪارن کان هارائي جيڪڏهن من ئي من ۾ وياڪل ٿا رهون تہ من ذريعي تہ برائي ڪريون ئي ٿا. ان سان پنهنجي شانتي وڃايون ٿا ۽ اڻسڌي نموني ٻين جي شانتي پڻ وڃايون ٿا. اسان جي من جون خراب لهرون چوڌاري وايومنڊل تي اثر ڪري خراب ڪرڻ کانسواءِ نٿيون رهي سگهن.

جڏهن جڏهن اسان جو من وڪارن کان آجو ٿي نرمل ٿيندو آهي تڏهن تڏهن قدرتي اُهو پيار ۽ سدڀاوَ سان، مترتا ۽ ديا سان ڀرجي ويندو آهي. ان وقت اسين پاڻ تہ سکہ-شانتي محسوس ڪندا آهيون پر اڻسڌي نموني ٻين جي سکہ شانتيءَ جو پڻ وسيلو بڻجندا آهيون. اسان جي نرمل من جون لهرون پسگردائيءَ جي واتاورڻ تي اثر ڪري اُن کي شڪتيءَ انوسار نرمل بڻائيندا آهن.

جيون جي ملهن حاصل ڪرڻ لاءِ ئي تہ ڌرم جي ساڌنا آهي. جيڪڏهن ڌرم جي اپياس سان جيون جا ملهہ اعليٰ اُتم نٿا بڻجن، اسان جو لوڪن سان وهنوار نٿو سڌري ۽ اسان پنهنجي يا ٻين لاءِ ڪلياڻڪاري جيون نٿا گهاري سگهون تہ پوءِ اهڙو ڌرم اسان جي لاءِ ڪهڙي ڪم جو؟ ڪنهنجي لاءِ بہ ڪهڙي ڪم جو؟ ڌرم ان لاءِ آهي تہ اسان جو هڪ ٻئي سان سنٻنڌ سڌري. اسان ۾ وهنواري هوشيار اچي. ڪٽنب، سماج، جاتي، راشٽريہ ۽ انترراشٽريہ سمورا پرسپر سنٻنڌ هر شخص جي سنٻنڌن تي مدار رکن ٿا. تنهن ڪري شڌ ڌرم اِهو آهي تہ هرهڪ ماڻهو هتي هن جيون ۾ ٻين سان پنهنجو وهنوار ۽ سنٻنڌ سڌاري. هن حياتيءَ ۾ ئي سک ۽ شانتيءَ سان جيئڻ لاءِ ڌرم آهي. موت ڪانپوءِ بادلن جي مٿان لکل سرڳہ وارو جيون جيئڻ لاءِ ڌرم نہ آهي ۽ نہ وري ڌرتيءَ هيٺان ڪنهن اٿجاتل نرڪ کان بچڻ لاءِ، پر اسان جي ئي اندر سمايل سرڳہ جي سک ڀوڳڻ لاءِ ڌرم آهي. اسان جي اندر وقت بہ وقت نرڪ جي جيڪا باهہ ڀڙڪو کائيندي آهي، ان کي شانت ڪرڻ لاءِ ۽ ان کان بچڻ لاءِ ئي ڌرم آهي. ڌرم سڀ کي هڪ نظر سان ڏسندڙ ۽ ظاهر (ساکيات) آهي. هن جيون ۽ هن لوڪ لاءِ آهي، هلندڙ وقت (ورتمان) لاءِ آهي. جنهن پنهنجو ورتمان سڌاريو تنهن کي آئينده لاءِ چنتا ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي، اُن جو آئيندهہ پاڻيهي سڌري ويندو آهي. جنهن هي لوڪ سڌاريو تنهن کي پرلوڪ جي چنتا نہ آهي، هنجو پرلوڪ تہ پاڻيهي سڌري ويندو. جيڪو پنهنجو زمان حال نہ سڌاري سگهيو ۽ صرف ڀوشيہ طرف اُميد رکي ۽ پرلوڪ ڏانهن آس پري نگاهہ سان نهاري رهيو آهي، اُهو پاڻ کي دوکو ڏئي ٿو ۽ حقيقي آنند کان وانجهيل رهي شڌ ڪرم کان پري رهي ٿو. ڌرم وقت جو پابند نہ ٿيندو آهي يعني هاڻي هن جيون ۾ ڦل ڏيڻ وارو ٿيندو آهي. ڌرم جي نالي تي ڪوئي ڪم شروع ڪريون ۽ اُن جو لاڀ هتي نہ ملي، برائيءَ بنا من جي نرملتا جو حقيقي سک، هتي ئي هن جيون ۾ نہ ملي تہ سمجهڻ کپي تہ ڪنهن دوکي ۾ ڦاسي رهيا آهيون. شڌ ڌرم کان وانجهي رهيا آهيون. ڌرم سڀ لاءِ هن جيون کي شانتيءَ وارو بڻائڻ لاءِ آهي، اکين کان اوجهل ڪنهن تمام پري مستقبل جي بيمطلب چنتا کان مکت ٿيڻ لاءِ آهي. اِهو ئي ڌرم

جنهن اپياس سان پنهنجن ڪرمن ڏانهن سجاڳي ۽ خبرداري وڌندي هجي اُهو ئي شڌ ڌرم جو اپياس آهي. جنهن طريقي سان پنهنجي ڪمن کي سڌارڻ واري من جي نرملتا حاصل ٿيندي هجي اُهو ئي طريقو ڌارمڪ آهي.

جڏهن اسان خود جو جائزو وٺي آزمودي جي سهاري اندر ۾ جهاتي پائيندا آهيون ته ائين ئي احساس ٿيندو آهي ته هرهڪ گناهه جو سبب من جي ملينتا (ميراڻ) هوندي آهي، ڪوئي نه ڪوئي من جو وڪار آهي. اسان اهو به محسوس ڪندا آهيون ته هرهڪ وڪار جو سبب اسان جي اهنڪار لاءِ پڌدا ٿيل گهرو موهه هوندو آهي. جڏهن جڏهن موهه ۾ اندو بڻجي هن 'مان' کي وڏيڪ وزن ڏيئي ان سان چنبڙيل رهون ٿا تڏهن تڏهن محدود دائري ۾ بڌجي من ملين (گندو) ڪري ڪوئي نه ڪوئي اهڙو ڪم ڪري ويهون ٿا جنهن جو نتيجو خراب نڪري ٿو.

پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائڻ جي اپياس دوران حاصل آزمودي جي سهاري ئي اِهو ظاهر ٿو ٿئي ته جڏهن جڏهن اسان خودغرضيءَ (سوارٿ) ۾ اندا ٿي گناهن ۾ گرفت ٿيون ٿا، تڏهن تڏهن ٻين جو ته نقصان ڪريون ٿا، پر پنهنجو سچو سوارٿ به پورو نه ٿا ڪري سگهون ۽ جڏهن جڏهن انڌائپ کان مڪت رهندا آهيون تڏهن تڏهن پنهنجو ۽ پرائو ڀلو ڪريون ٿا. پنهنجو ڀلو ۽ ٻين جو ڀلو ڪرڻ ئي ڌرم آهي. جني ڪنهن جو به نقصان ٿيندو هجي اُتي اَڌرم ئي اَڌرم آهي. پنهنجو ۽ سڀني جو هڪ ڪرو واڌارو، اهڙو جيڪو صحتمند جيون آهي اُن جو نالو ئي ڌرم آهي. پنهنجو واڌارو ۽ ٻين جو واڌارو اهي هڪ ٻئي تي آڌار رکندڙ آهن.

اسانجا ستڪرم (سٺا ڪم) ۽ برا ڪرم صرف اسان کي ئي سکي-دکي نٿا بڻائن پر اُهي اسان جي سنگي ساٿين تي پڻ اثر ڪن ٿا. ماڻهو سماج جي ٻين ماڻهن سان گڏ رهي ٿو، اُهو سماج جو هڪ اٽوٽ انگ (عناصر) آهي. سماج جو اُن تي اثر ٿئي ٿو ۽ سماج تي پڻ هوءَ ٿورو گهڻو اثر ڪندو رهي ٿو. اهڙي نموني ڌرم پالن ڪندي جڏهن اسان سداچار واري حياتي گذاريون ٿا، برائين کان بچي چڱاين ۾ لڳون ٿا نه نه صرف پنهنجو پر ٻين جو پڻ ڀلو ڪريون ٿا.

غير صحتمند واتاورڻ ۾ رهندو آهي، گندي ۽ زهري هوا کائيندو آهي، پنهنجي پوشاڪ کي گندو رکندو، کنو کائيندو آهي، ته پنهنجي صحت کي نقصان پهچائيندو آهي بيمار ۽ دکي ٿيندو آهي. اِهو نيم سيني لاءِ هڪ جهڙو آهي ڪنهن خاص ماڻهوءَ يا سماج سان لاڳو نه ٿيندو آهي. نيڪ اهڙي نموني جڏهن ڪوئي پنهنجي من کي وڪارن سان بگاڙيندو آهي تڏهن وياڪل ٿيندو آهي. هن جي وات، پت ۽ ڪف (آيرويد موجب شرير جا ٽي دوش) ۾ گهٽ وڌائي پئدا ٿيندي آهي ته هوُ بيمار ٿيندو آهي. صحت وديا جا ساڌارڻ نيم سيني جي تن ۽ من سان هڪ جهڙا لاڳو ٿيندا آهن. قدر اِهو نه ڏسندي آهي ته انهن نيمن جي پيروي نه ڪندڙ ڪير آهي ڪنهن سماج يا ڪنهن سمپردايه جو آهي. قدرت ڪنهن خاص سمپردايه جي ماڻهوءَ تي ڪرپا نه ڪندي آهي ۽ نه ٻئي تي وري ناراض ٿيندي آهي. مليريا ته مليريا آهي، اُها نه هندو نه ٻڌ نه جئن نه پارسي نه مسلمان آهي نه عيسائي. ساڳئي نموني ڪونين ته ڪونين (مليريا لاءِ گوري) آهي، اُها نه هندو نه ٻڌ نه جئن نه پارسي نه مسلمان آهي نه عيسائي. اهڙي نموني حسد، ساڙ وغيره وڪار نه هندو نه ٻڌ نه جئن آهن نه پارسي نه مسلمان آهن نه عيسائي. وڪارن کان آجو رهڻ ئي شڌ ڌرم آهي. اِنڪري شڌ ڌرم نه هندو آهي نه ٻڌ نه جئن آهي نه پارسي، نه مسلمان آهي نه عيسائي. اُهو شڌ ڌرم ئي آهي.

ڌرم هڪ آدرشي جيون جي ريت آهي، سک سان رهڻ جو پوتر طريقو آهي. شانتي حاصل ڪرڻ جي نرمل وديا آهي، سڀ جو ڀلو ڪندڙ وهنوار جو نيم آهي، اِهو سڀ لاءِ آهي.

ڇا گڻوان ايڪاگر چت ۽ گيانوان ٿيڻ ٻڌ ڌرمين جو ئي ڌرم آهي؟ ٻين جو نه آهي؟ ڇا غصو نه ڪرڻ، ساڙ نه ڪرڻ، موهه نه ڪرڻ صرف جئنن جو ئي ڌرم آهي؟ ٻين جو نه آهي؟ ڇا هر حال ۾ هڪ جهڙو رهڻ، موهه نه ڪرڻ ۽ جيون مڪت ٿيڻ صرف هندن جو ئي ڌرم آهي؟ ٻين جو نه آهي؟ ڇا پريم ۽ ديا سان پرجي ماڻهن جي سيوا ڪرڻ صرف عيسائين جو ئي ڌرم آهي؟ ٻين جو نه آهي؟ ڇا ذات پات جي پيدياوَ کانسواءِ ۽ سماجڪ سمانتا وارو جيون جيئڻ ڇا صرف مسلمانن جو ئي ڌرم آهي؟ ٻين جو نه آهي؟ ڌرم تي هلڻ جو

آهي، اِها ئي ڌرم جي پوترتا آهي. اِهو ئي شڌ ڌرم وارو جيون آهي، جنهن جي ضرورت عام جنتا کي آهي.

ڌرم عام جنتا لاءِ آهي انڪري شڌ ڌرم جو سمپردايہ-فرقي سان ڪوئي واسطو نہ آهي. ڪوئي ڏيڻ وٺڻ نہ آهي. شڌ ڌرم جي راهہ تي هلندڙ راهي جڏهن ڌرم تي عمل ڪندو آهي تہ اهو ڪنهن خاص فرقي جي نلهي ۽ بيجان ريتين رواجن کي پوري ڪرڻ لاءِ نہ ڪندو آهي، ڪنهن خاص گرنٿ جي جوڙجڪي طريقن جو نت نيم پالن ڪرڻ لاءِ نہ ڪندو آهي، ڪوڙ ۽ انڌ وشواس جائي جم ڪان هلندڙ پراڻين رسمن جو شڪار بڻجي ڪنهن لڪير جو فقير بڻجڻ لاءِ نہ ڪندو آهي. پر شڌ ڌرم جو اپياسي پنهنجي جيون کي سکي ۽ صحتمند بڻائڻ لاءِ ئي ڌرم جو پالن ڪندو آهي. ڌارمڪ حياتي گذارڻ لاءِ ڌرم کي چڱيءَ طرح سمجھي اُن کي پنهنجي ۽ ٻين جي ڀلائيءَ جو ساڌن مڃي اُن جو پالن ڪندو آهي. بنا سمجھڻ جي صرف انڌوشواس جي ڪري يا ڪنهن اجنبي شڪتيءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ يا ان کان ڊجي، شڪ ۽ دٻاوَ وس ٿي ڌرم جو پالن نہ ڪندو آهي. ڌرم جو پالن اوگڻن کي دٻائڻ لاءِ نہ پر گيان رستي اُنهن کي شانت ڪري ٻاهر ڪڍڻ لاءِ ڪندو آهي. ڌرم جو پالن صرف پنهنجي لاءِ ئي نہ پر عام خلق جي ڀلي ۽ سک لاءِ ڪلياڻڪاري مڪتيءَ لاءِ ڪندو آهي.

ڌرم جو پالن، ائين سمجھي ڪري ڪرڻ کپي تہ ڌرم عام جنتا لاءِ آهي ۽ سڀني جو ڀلو ڪندڙ آهي، اهو ڪنهن خاص فرقي سان واسطو رکندڙ نہ ٿيندو آهي. جڏهن واسطو رکندو تڏهن من جي پوترتا ناس ٿي ويندي. ڌرم تيستائين شڌ آهي جيستائين عام جنتا، سڀني ديشن ۽ سڀني وقتن سان لاڳو آهي. سڀ لاءِ هڪ جهڙو ڪلياڻڪاري، منگلميہ ۽ سک ڏيندڙ ۽ سڀ لاءِ سولائيءَ سان بنا هٻڪ جي قبول ڪرڻ لائق هجي.

شڌ واتاورڻ ۾ رهڻ، شڌ هوا کائڻ، شرير صاف رکڻ، صاف سترا ڪپڙا پهرڻ، شڌ، صاف، ساتوڪ کاڌو کائڻ، اهو سڀ ان لاءِ ڪرڻ کپي ڇاڪاڻ تہ ان ۾ منهنجو ڀلو آهي. پر اهو صرف منهنجي لاءِ ئي نہ، پر سڀني لاءِ هڪ جيترو فائديمند آهي. صرف مان ئي نہ پر ڪوئي بہ ماڻهو جيڪڏهن گندي ۽

دوھا

ڌرم نہ ھندو ٻڌ آ، ڌرم نہ مسلم جئن،
ڌرم چت جي شڌتا، ڌرم شانتي سکہ چئن.

ڌرم ڌرم تہ سڀ چوَن، پر سمجھي ورلو ڪوئي،
شڌ چت جي ھلت چلت، سچو ڌرم آ سوئي.

قدرت جو قانون آ، سڀ سان لاڳو آھي،
بگڙيل من وياڪل رھي، نرمل ٿي سکہ پائي.

ڏئيش ۽ درياوَ جا، جڏھن پئدا ٿين وڪار،
مان يي پاڻ ڏکي ٿيان ۽ ڪريان سنسار. ◆

مان يي وياڪل نہ رھان ۽ نہ جڳت وياڪل ٿئي،
جيون جيئڻ جي ڪلا، سو ئي سچو ڌرم ٿئي.

اِھا ڌرم جي پرکہ آ، اِھا ڌرم جي ماپ،
سيني جو منگل ڪري؛ تڙي ڪڍي *سنتاپ.

◆ مان يي پاڻ ڏکي ٿيان ۽ ڏکي ڪريان سنسار.

* دک

مکيہ مقصد آهي تہ اسان ماڻهو بڻجون، سنا ماڻهو بڻجون. نيڪ ماڻهو بڻجنداسين تہ سنا هندو، سنا ٻوڌي، سنا جئني، سنا مسلمان، سنا عيسائي وغيره پنهنجو پاڻ ئي ٿي ويندا سين. جيڪڏهن سنا ماڻهو ئي نہ بڻجي سگهياسين تہ ٻوڌي بڻيا رهياسين تہ ڇا ٿيو؟ هندو، جئن، عيسائي، مسلمان وغيره بڻجي رهڻ مان بہ ڇا ورندو؟

ڌرم جي هن پوترتا کي سمجهون ۽ ڌرم تي هلون. اسان جي جيون ۾ شڌ ڌرم جاڳي. بيءمطلب ڪلن يعني آڊمبر جو ملهہ گهٽجي اُهو پاڙون پٽجن، شڌ تتوَ جو پورو پورو ملهہ ٿئي ۽ مانُ ٿئي. شڌ ڌرم جيون جو حصو بڻجي ان ۾ ئي اسان جو سچو ڪلياڻ ۽ سچو آنند سمايل آهي.

* * *

شيل (سداچار) سماڌي ۽ پرگيا جي اڀياس جو هرهڪ قدم، شڌ ڌرم جي اڀياس جي، ڌرم جي سار کي اپنائڻ جي، سچي سک کي حاصل ڪرڻ جي واحد وات آهي. جنهن سان ته اسان جو شيل جٽادار ٿئي ٿو ته شڌ سماڌي مضبوط ٿئي ٿي ۽ نه پرگيا استر ٿئي ٿي، اهڙو ڪرم سڪٽي پرمپرا سبڀان جيترو به ڌارمڪ چيو وڃي، اهو اصل ۾ صحيح ڌرم ڪان ۽ سار تتوَ ڪان پري ڪندڙ قدم ئي آهي. اهڙي سڀ بنا مطلب ڏيکاوَ واري هلت، ڪوڪلا ڪرم ڪانڊ، بيجان ليکا ۽ ٻاهرين هلت، آڊمبر واري ويس وڳا، اوچ ذات ۾ جنم وٺڻ يا ڏنوان هجڻ جو ڪوڙو اهم ڀاو (ايمان) وغيره بي مطلب ئي بي مطلب آهن. دکه ئي دکه آهن، پنهنجي لاءِ به ۽ ٻين جي لاءِ به دکه آهن.

تنهن ڪري ڌرم جي سار کي اپنايون ۽ نڪمي کي تياڳيون. پنهنجي ۽ ٻين جي سکه لاءِ! ڀلائيءَ لاءِ!

* * *

2. شڌ ڌرم

لنبي پرمپرا سببان ڌرم جي نالي ۾ جيڪي خالي ڪلون بچي ويون آهن انهن ڪان پاند آجو ڪريون ۽ شڌ ڌرم جي سار ڪي گرهڻ ڪريون. ڌرم جو سار ئي منگلڪاري آهي. صرف ڪلون بي مطلب آهن، نقصانڪار آهن، خالص سار حاصل ڪرڻ سان ئي سچو سک ملي ٿو.

شڌ ڌرم جو سار آهي گڏڪاري اُتم وهنوار. زباني ۽ شاريرڪ برن ڪرمن ڪان بچڻو آهي. زبان ۽ شرير جي براين ۾ مبتلا رهنداسين تہ منجي گندگي يعني وڪار تہ ضرور وڌندا. ڇاڪاڻ تہ زبان ۽ شرير جي هرڪا برائي گندي من سان لاڳاپو رکندڙ ٿيندي آهي. من جي خراب ٿيڻ بنا هنسا، چوري، ويڇار، ڪوڙ يا گندو ڳالهائڻ يا نشيدار شيون واپرائڻ، اهو سڀ ٿي نٿو سگهي. زبان ۽ شرير جي براين سان من جي ميراڻ وڌي ٿي. من جي هرهڪ برائي اسان کي دکي بڻائي ٿي ۽ نہ ڪي سکي.

شڌ ڌرم جو سار سماڌي آهي. ڪنهن بہ ڪلپنا ڪانسواءِ، مناسب آڌار جي سهاري من کي ايڪاگر ڪرڻ کي سماڌي چئجي ٿو. ايڪاگرتا ڪانسواءِ من ميرو رهندو آهي، اهڙي نموني ڪلپنا يا ڪامنا جي آڌار ذريعي ايڪاگر ٿيل من بہ ميرو رهندو آهي. ميرو من اسان کي دکي بڻائيندو آهي ۽ نہ ڪي سکي.

شڌ ڌرم جو سار آهي پرگيا (اندرين سوجهہ بوجهہ) جيون جي وهنوار ۾ ڪتب ايندڙ ٻاهريان سڀ آڌار ۽ پنهنجي من جي اندرين حالتن کي، ان جي سڀاوَ کي جيئن جو تيئن ڄاڻندو رهڻ ۽ اُنهن سان هڪ ٿي وڃڻ ڪانسواءِ انهن سان لڳاءُ نہ رکڻ ئي پرگيا آهي. سنساري سکن لاءِ چاهہ ۽ اڇاهہ، موهہ ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ ترشنائون ئي من جو مئل آهن. پرگيا انهن ترشنائن جي گندگيءَ کي نڙي ڪڍندي آهي اُها گندگي رهندي تہ اسان دکي ٿينداسين ۽ نہ سکي.

3. ڌرم جو سار

چڱيءَ طرح سمجهيل ڌرم کي ئي چڱيءَ طرح عمل ۾ آڻي سگهجي ٿو. ڌرم جي سار کي سمجهون. جڏهن سار کي سمجهنداسين تڏهن ئي ان تي عمل ڪري سگهنداسين، نه ته نه ته اندر جو سار ڇڏي ڪري ڪلن ۾ ئي منجهيل رهجي وينداسين. ڪلن کي ئي سار سمجهي ڌرم مڃڻ لڳنداسين.

سار ۾ سدا سمانتا رهندي آهي. ڪلون ته ڌار ڌار ٿينديون آهن ۽ جتي انهن ڪلن کي ڌرم مڃيو وڃي ٿو اُتي ڌرم به الڳ الڳ ٿيو وڃن. هيءُ هندن جو ڌرم، هندن ۾ سناتني ۽ آريه سماجي. هيءُ ٻوڌين جو ڌرم، ٻوڌين ۾ به مهايايانی ۽ هينياني. هيءُ جئنين جو ڌرم جئنين ۾ به دگمبري ۽ شويتمبري. هيءُ عيسائين جو ڌرم، عيسائين ۾ به ڪئٿلڪ ۽ پراٽيسٽنٽ. هيءُ مسلمانن جو ڌرم، مسلمانن ۾ به شيعا ۽ سني وغيره وغيره ڌرم، الڳ الڳ ئي نه پر هڪ ٻئي جي خلاف به. بي مطلب ڪلن کي اهميت ڏيڻ ڪري اِهي علحدگيون آهن ۽ انهن جي ڪري هڪ ٻئي لاءِ وير-وروڌ پئدا ٿين ٿا.

ڪنهن چوٽي رکي آهي ڪنهن ڏاڙهي. چوٽي ٿلهي آهي يا سنهي. ڏاڙهي مڇن لٽل آهي يا مڇن واري؟ ڪنهن مٿي جا وار وڌايا آهن، وار خوب سجايل سنواريل آهن يا سڪل جٽائون ڪنهن مٿو ڪوڙايو آهي ته اِهو به پاڪيءَ سان يا هڪ هڪ وار چمٽي سان ڇِڪي ڪڍيو آهي؟ ڪنهن ڪن ٽوپايا آهن ته اُنهن ۾ واليون پاتيون اٿائين يا ڪنڊل يا مدرائون؟ ڪنهن تلڪ لڳايو آهي ته تلڪ چندن يا سندور جو آهي يا رک جو آهي؟ اُڀو آهي يا آڏو آهي؟ ڪنهن مالها پاتي آهي ته اُها رڊراڪش جي داڻن جي آهي يا چندن جي تلسيءَ جي؟ مالها ۾ لاڪيٽ پيل آهي يا نه؟ جيڪڏهن لاڪيٽ آهي ته اُن ۾ ڪهڙي ديو ديوتا يا گرو-آچاريه جي تصوير يا نشاني آهي؟ ڪوئي بنا ڪپڙن جي ته ڪوئي ويس وڳن ۾ مبلوس. جيڪڏهن ڪپڙا پهريل اٿس ته اهي سبيل اٿس يا اڻسبيل؟ هن رنگ جا آهن يا هن رنگ جا؟ انهن جي بناوت ۽ ڪٽائي هن

دوها

شڌ ڌرم پالڻ پلو، سميڪ (1) پلي سماڌي
پرگيا (2) تہ جاڳيل پلي، جيڪا دور ڪري پيڙ وياڌي (3)

شيل ڌرم جي پيڙهہ آ ۽ سماڌي آ پٽ
پوتر آنندميہ گهر جي پرگيا ڌرم جي ڇٽ

پرگيا شيل سماڌي ئي، شڌ ڌرم جو سار
تن من ۽ زبان جو سڌري سڀ وهنوار

شڌ ڌرم جي شانت راهہ، فرقي پنٿ کان دور
شڌ ڌرم جي ساڌنا، آنند سان ڀرپور

جي چاهين سکي رهان ۽ ٻيا پڻ رهن خوشحال
تن من سان ۽ وچن سان، شڌ ڌرم کي پال

اِها ريت ۽ نيم آ، جنهن کان ناهين ڇوٽڪارو
ڌرم پالڻ سان سکہ ملي، ڌرم ڇڏڻ دکہ وارو.

(1) پوُري پني (2) سوُجهہ ٻوجهہ
(3) بيماري

شنک وڄائڻ، گھنڊ گھڙيال وڄائڻ، نچڻ، ڳائڻ، بانگ ڏيڻ، ستوتر پڙهڻ، هن جي نالي جي مالها جپڻ يا هن جي ٻاڻيءَ جي پاٺ ڪرڻ کي ئي ڌرم مڃڻ لڳا آهيون. يلي ئي هن سڀ مشين جي پرزي وانگر چو نہ ٿيندو هجي. اهڙي نموني ڏنل من دواران ڪنهن جي منوتي مڃڻ، باس باسڻ، پرساد چاڙهڻ، جادو ٽوٽو يا جهاڙ ڦوڪ کي ئي ڌرم مڃڻ لڳا آهيون. ڪنهن ڳجهارت پري شڪتيءَ کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪڪڙ، ٻڪرو، ڳانءِ، مينهن يا ماڻهوءَ جي ٻل چاڙهيندا آهيون ۽ اُن کي ئي ڌرم مڃيندا آهيون. ڪوئي هڪ ڌڪ سان ٻل چاڙهڻ کي ڪوئي آهستي آهستي تڙقائي تڙقائي مارڻ کي ڌرم مڃي ٿو. ههڙي جدا جدا ڪرم ڪانڊ وارو ڌرم بزار ۾ وڪامڻ لڳو آهي. اسان چاهيون تہ پئسي جي طاقت سان اهڙي ڌرم کي خريد ڪري سگهون ٿا. جيڪي ڪرم ڪانڊ پاڻ نٿا ڪري سگهن اُهي پئسا ڏيئي ٻين کان ڪرائي سگهن ٿا. اِهو سچي ڌرم جو حد کان ٻاهر ملهہ گھٽائڻو آهي.

سچي ڌرم کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي جيڪي ساڌن مليا آهن اُهي اسان جي مورکتا جا ڪارڻ ۽ بنڌن بڻجي پيا. ڪنهن سنت پرش اسان کي اونده ۾ ڀٽڪندو ڏسي ڪري، پنهنجي من ۾ ديا آڻي اسان جي هٿ ۾ برندڙ مشعال ڏني جيئن اُن روشنيءَ جي آسري اسان صحيح رستي تي هلي پنهنجي جيون ياترا سکہ سان پوري ڪريون، پر وقت گذرندي ان مشعال جي جوت وسامي ويئي اسان جي هٿ ۾ صرف ڏنڊو يا لٺ رهجي ويئي ۽ اسان مورکہ بڻجي ڏنڊي کي ئي مشعال مڃي اُن سان چيڪيل رهياسين شوَ (ڪلياڻڪاري) ڇڏي ڏنو. شوَ (لاش يا نڪمي شيءِ) رهجي ويو. کوکلو ڏيکاءُ ئي اسان لاءِ ڌرم بڻجي ويو. اهڙي قياس جوڳي حالت ۾ گلي تائين ٻڏل هوندي جڏهن ڪوئي پارتي پرواسي چوندو آهي، ”مونکي برما ۾ آئي چاليهہ سال گذري ويا، هتي اچي مون چوريون ڪيون، ڇل ڪپٽ ڪيو، ويڇار ڪيو، نشو پتو ڪيو پر پنهنجو ڌرم نہ ڇڏيو.“ ڪيئن ڌرم نہ ڇڏيو؟ پڇڻ تي ڏاڍي سهج ڀاو سان جواب ڏيندو، ”هنن چاليهن سالن ۾ مان ڪڏهن بہ برما جي ماڻهوءَ جي هٿ جو ڇهيل پاڻي نہ پيتو.“ ڪهڙي نہ قياس جوڳي حالت بڻائي ڇڏي آهي اسان ويچاري ڌرم جي!

قسم جي آهي يا هن قسم جي. ڌوتي آهي يا لونگي؟ پئجامو آهي يا پتلون؟ قميص آهي يا ڪرتو؟ اچڪن آهي يا ڪوٽ؟ ٽوپي ڪهڙي پاتل اٿس؟ ڪنهن ٻچيءَ ۾، ٻانهن ۾، ڪرائيءَ ۾، پير ۾ يا آڱرين ۾ ڌاڳو پاتو آهي يا جنتر، تعويذ يا مڻڪو؟ اُنهن ۾ ڪي انگ يا اکر ته لکيل نه آهن؟ يا شبد، يا منتر يا تنتر جنتر؟ ڪنهن هٿ ۾ ٿانءُ ڪنيو آهي يا ڪرمنڊل؟ جيڪڏهن ٿانءُ آهي ته اهو مٽيءَ جو آهي؟ ڪاٺ جو آهي؟ لوهه جو آهي؟ يا ڪنهن ٻئي ڌاتوءَ جو؟

اِهي گهڻيئي قسمن جا روپ جدا جدا ٻاهريون ڏيکاءُ، وستر ۽ پوشاڪ، آڪار ۽ پرڪار، بناوت ۽ سجاوت، الڳ الڳ فرقن جون نه صرف نشانيون پر الڳ الڳ ڌرم ٻڻجي هڪ ٻئي جي وروڌ جا ڪارڻ ٻڻجي ويا آهن. ڪڏهن ڪنهن ڌرمي اڳوان اجايل خلق کي امرت جهڙي ڌرم رس ڏني، پر جنهن ٿانءَ ۾ اُها رس ڏني اُهو ٿانءُ ئي اسان لاءِ سڀ کان سريشٽ ٻڻجي ويو. وقت گذرڻ کانپوءِ جڏهن اُهو ٿانءُ پراڻو ٿيو ته ان ۾ تنگ ٿيڻ تي سچو ڌرم رس وهي ويو. صرف خالي ٿانءُ ئي اسان وٽ رهجي ويو. هن ٿانءُ جي رس کي اسان نه چاتو نه چکيو، اِنڪري اِهو خالي ٿانءُ اسان لاءِ ڌرم ٻڻجي ويو ۽ اُن کي چاتيءَ سان لڳائي رکڻ ۾ ئي جيون جي سڦلتا محسوس لڳاسين.

جيئن جيئن ڌرم جدا جدا روپ اختيار ڪيا تيئن تيئن الڳ الڳ بيحان ڪرم ڪانڊ يا ڪريا ڪرم اسان جي لاءِ ڌرم ٻڻجي ويا آهن ۽ اسان کي انهن سان گهرو موهه ٿي ويو آهي. شڌ ڌرم وري موڪلائي ويو ۽ اسان چلهه، رنڌڻي کي، ڪچي يا پڪي رسوئيءَ کي، ذات پات کي، ڇوت ڇات کي، هن يا هن نديءَ کي، تلاءَ يا سمنڊ ۾ سنان ڪرڻ کي، هن يا هن تيرٿ اِستان جي ياترا ڪرڻ کي ڌرم محسوس لڳا آهيون. هن يا هن مندر، مسجد، گرجاگهر (چرچ)، ٻوڌي مٺ يا گردواري ۾ صبوح شام حاضري ڏيئي اچڻ کي ڌرم محسوس لڳا آهيون. اوڀر يا اولهه طرف منهن ڪري، ٻيهي يا ويهي، گوڏا کوڙي يا پلٿي ماري، هٿ جوڙي يا ٻڪ ناهي، پنجن انگن، اٺن انگن سان يا ڏنڊوت پرڻام ڪري هن يا هن ديوي، ديوتا، گرو، آچاريه يا ڌرم نيتا جي تصوير، مورتي، پير جو نشان، پيرن رکڻ لاءِ آسڻ يا ڪوئي ٻچيل ڌاتو يا اُن جي اُپديش گرنٿ جي سامهون، هٿ جوڙڻ، مٿو نوائڻ، ڏيئو ٻارڻ، پرساد چاڙهڻ، آرتي اُتارڻ،

آڻڻ ڪپي. جيڪو وهنوار ۾ آڻي سگهجي اُهو ئي صحيح ڌرم آهي بيءَ حالت ۾ بي‌مطلب جذباتي ۽ ڪوڪلي دماغي وندر آهي.

سڌانت جي سطح تي اسان آتموادي يا غير آتموادي، ايشور وادي يا ناستڪ، دويتوادي يا ادويتوادي آهيون ان ۾ ڪهڙو فرق ٿو پوي. مکيه ڳالهه هيءَ آهي ته وهنواري جڳت ۾ اسان شڌ من وارو جيون جيئي رهيا آهيون يا نه؟ پاڻ کي ايشور وادي چوڻ وارو ماڻهو سپائي جي چنتا ۾ ڪيترو نه وياڪل ٿي رهيو آهي. پاڻ کي غير آتموادي چوڻ وارو ماڻهو پنهنجي اهنڪار ۾ ڪيتري قدر نه ٻڌل آهي؟ اهڙي حالت ۾ ڪوڙي سڌانت وارو پهلو ڪهڙي ڪم جو؟ مکيه ڳالهه ته وهنواري پهلوءَ جي آهي ۽ وهنواري هلت چلت جي آهي. شڌ من سان ڪيل وهنوار ئي ڌرم آهي. ڪابه خاص پوشاڪ پايون يا نه پايون، ڪوئي خاص ڪرم ڪانڊ پورو ڪريون يا نه ڪريون، ڪائي خاص فيلسوفي ـ مڃتا مڃيون يا نه پر جيڪڏهن اسان جو من، دئيش ۽ نفرت سان پريل رهي ٿو ته اسين بلڪل ڌرم وهيڻا آهيون پر جيڪڏهن اهو سنيهه ۽ سدڀاونا سان پريل رهي ٿو ته اسان ڌارمڪ آهيون. ڪابه پوشاڪ، ڪوبه ڪرم ڪانڊ، ڪابه فيلسوفي مڃتا اسان جي من کي شڌ ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي ته اپنائڻ لائق آهي ۽ جيڪڏهن ان جو 'من کي شڌ ڪرڻ' سان ڪوئي لاڳاپو نه آهي ته اُها بي‌مطلب ۽ سار هيڻ آهي. جيڪڏهن اُها اسان کي ڌارمڪ ٿيڻ جو ڪوڙو وهم پئدا ڪرڻ واري ٿي وڃي ته زهريلي نانگ وانگر خطرناڪ آهي، اِن ڪري هر حالت ۾ اُن کي ڇڏڻ کپي. جڏهن اسان ڌرم جي سچي سار کي نه ٿا سمجهون تڏهن پنهنجي اندر اهڙا خطرناڪ زهريلا نانگ ۽ وڇون ٿا پاليون. قسمين قسمين گندا ڪچرا ڪنا ڪري پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي ڇئون ٿا ته هيءُ ئي آهي اسان جو ڌرم، هيءُ ئي آهي انمول رتن ۽ هيءَ ئي آهي ملهائتو ماڻڪ.

جيستائين ڌرم جو حقيقي رتن حاصل نه ٿيو آهي تيستائين اسان ڪنگال آهيون. اسان جو جيون بي سود ڏيکاءُ بي‌مطلب ڪرم ڪانڊ ۽ نڪمي دماغي وندر ورونهن ۾ لڳل رڌل رهي ٿو. پر ابترو چوندي به اسان هن سچائيءَ کي سمجهون ته اِهي سار هيڻ کلون آهن، ڌرم جو سار ته من جي شڌتا ۾ آهي،

ڪڏهن اِئين به ٿيندو آهي ته ڏيکاءَ ۽ آڊمبر روپي سٿول ڪلن کي نه اسان ڌرم نه مڃيندا آهيون پر ان جي جاءِ تي اهڙين سوکيم ڪلن کي ڌرم مڃڻ لڳندا آهيون جيڪي وڌيڪ پيرم ۾ وجهندڙ ۽ وڌيڪ بنڌن ۾ وجهڻ واريون ٿينديون آهن. جڏهن اسان ڪنهن انڌ وشواس، انڌي مڃتا واري پاونا يا عالمائي دليلبازيءَ کي ڌرم مڃڻ لڳندا آهيون ته ان ۾ وڌيڪ بريءَ طرح ڦاسي پوندا آهيون. اسان جنهن ڪٽنب ۾ ڄاوا آهيون ۽ جنهن ۾ پرورش ٿي آهي ته ان ڪٽنب جي مڃتائي جي باري ۾ هرهر ٻڌندي، ان مڃتائن جون ليڪون من تي وري وري پونديون اينريون ته گهريون ٿيجي وينديون آهن جو انهن ڪانسواءِ ٻي ڪابه پرمپرا صحيح نٿي لڳيءَ نه اُن کي سويڪار ڪرڻ لاءِ تيار ٿيون ٿا. اسان جنهن پرمپرا جي تتوَ کي گيان مڃي رهيا آهيون، ان سان اسان جو جذباتي سنبنڌ ٿي ويندو آهي جنهن ڪري ان جي اُڻتڙ ٻئي ڪنهن به نظرئي، درشٽيڪوڻ کي مڃي ئي نٿا سگهون يا قبول ئي نٿا ڪري سگهون يا وري ائين به ٿيندو آهي ته جيڪڏهن پنهنجي دليلن سان اسان ڪنهن مڃتا کي اپنايو آهي ته پنهنجي عقل کي وڌيڪ وزن ڏيڻ ڪري پاونا وس ٿي ٻئي ڪنهن مڃتا کي صحيح مڃڻ لاءِ اسان راضي نٿا ٿيون. پيڙهين کان هلندڙ پرمپرا جي مڃتا جا غلام ٿي ويندا آهيون ته ان لاءِ گهرو پريم پئدا ٿي ويندو آهي ۽ اکين تي انهيءَ رنگ جو چشمو (عينڪ) پائي ڇڏيندا آهيون. ان ڪري ان رنگ ڪانسواءِ اسان کي ٻيو ڪوبه رنگ ڏسڻ ۾ ئي نه ايندو آهي. ان سببان سچائيءَ کان ۽ شڌ ڌرم کان پري ٿي ويندا آهيون، ڇاڪاڻ ته هر ڳالهه کي پنهنجي چشمي جي رنگ ۾ ڏسڻ جا عادتي ٿي ويندا آهيون.

سمجهو ڪٿي ته انڌي وشواس، پاونا وس يا عقل جي ذريعي اوکه ڌوکه جي آڌار تي اسان ڪوئي صحيح سڌانت سويڪار ڪيو هجي پر ان سان موهه هجڻ ڪري ان سڌانت کي صرف سويڪار ڪرڻ سان ئي اُن کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ لڳون ٿا ۽ اُن جي وهنواري پهلوءَ کي بلڪل وساري ٿا ڇڏيون. ڪنهن به سڌانت کي صرف سويڪار ڪرڻ سان ڇا حاصل ٿيندو، مکيه ڳالهه ته اِها آهي ته جيڪڏهن اهو سڌانت صحيح آهي ته اُن کي وهنوار ۾ ڪٽب

آهي. جڏهن ائين هوندو آهي تڏهن ئي ڌرم پورن آهي، اوجل ۽ شڌ آهي، نه ته ٻي حالت ۾ ڌرم جي نالي ۾ ڪوئي ڍوڪو ئي ٿي سگهي ٿو.

شڌ ڌرم ڇا آهي؟

واڻيءَ جا ڪرم، شرير جا ڪرم، جيون نرواهه گذران من جي صحتمنديءَ جي ابياس ۽ ايڪاگرتا جو ابياس شڌ هجي. من جو ڌيان، جيون ۽ جڳت جي باري ۾ نظريو (درشٽيڪوڻ) به شڌ هجي. اِهو ئي شڌ ڌرم آهي.

وسيع پئماني تي چئي سگهجي ٿو :

(1) دان - بنا اهنڪار، موٽ ۾ ملڻ جي بنا ڪنهن لالچ سان ڪيل دان شڌ ڌرم آهي.

(2) شيل - سداچار جو پالن ڪرڻ، هنسا، چوري، ويڀچار، ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ڪابه نشيدار شيءِ نه واپرائڻ ئي شڌ ڌرم آهي.

(3) سماڌي - من کي وس ۾ ڪرڻ، ان کي ايڪاگر چت ڪري ورتمان ڏانهن سجاڳ رهڻ جو ابياس شڌ ڌرم آهي.

(4) پرگيا - 'مان' 'منهنجا' يا وٽندڙ-اٿوٽندڙ اهڙن راڳ ۽ دئيشن جي ويچارن کي ڇڏي، هر ڪنهن ماڻهو، شيءِ ۽ حالت کي اُها جيئن به آهي اُن کي اهڙي حالت ۾ پرگيا يعني صحيح سوجهه بوجهه سان ڏسڻ جو ابياس من جي سمانتا (برابري) جو ابياس شڌ ڌرم آهي:

دان، شيل، سماڌي ۽ پرگيا انهن چئني جو ابياس عام ماڻهوءَ لاءِ آهي. سمپردايه جي دائري کان پري سيني جو پلو ڪندڙ ۽ سيني کي اپنائڻ لائق آهي، انڪري شڌ ڌرم ڪلن کان پري آهي. پر اهڙي شڌ ڌرم جو ابياس نه ڪري، چاهيون ته اسان ڌارمڪ بڻجون ۽ اُن کان به وڌيڪ اِهو چاهيون ته اسان ڌارمڪ بڻجون ۽ ان کان به وڌيڪ اِهو چاهيون ته ماڻهو اسان کي ڌارمڪ مڃين ته ڌرم جي نالي ۾ اِشتهار بازي ئي ڪريون ٿا. قسمين قسمين ٻاهريان ڏيکه ويکه يا هلت هلون ٿا. قسمين قسمين فيلسوفاڻا بحث مباحثا ڪريون ٿا، زباني آنند ۽ ذهني عيش ڪريون ٿا. اهڙي طرح پاڻ کي ٺڳڻ ۽ ٻين کي ٺڳڻ

راڳ، ڊئيش، موھ جي ٻنڌنن مان مڪت ٿيڻ ۾ آهي، ڏکين حالتن ۾ ٻہ من جي اِسترتا قائم رکڻ ۾ آهي، دوستي ديا ۽ آنند ۾ آهي. پر جيڪڏهن اسان اِهو سمجهون تہ اُهي گڻ اسان ۾ موجود نہ آهن تہ وقت گذرندي اسان ڌرم جو سار حاصل ڪري وٺنداسين پر جڏهن بي مطلب ڪلن کي ڌرم مڃڻ لڳون ٿا تہ شڌ ڌرم حاصل ڪرڻ جو سمورو امڪان ختم ٿي وڃي ٿو. اسان ھنن ٻاهرين ڪلن ۾ ايترو تہ وندريل رهون ٿا جو اندرين طرف نهاريون ئي نٿا. پاڻ کي ٽٽوليون ئي نٿا. اسان اِها جاچ ئي نٿا ڪريون تہ جنهن کي اسان ڌرم مڃيندا رهيا آهيون ان سببان اسانجي من ۽ ماڻهپي ۾ ڪهڙو سڌارو ٿي رهيو آهي؟ اسان جي جيون وهنوار ۾ ڪهڙو سڌارو ٿي رهيو آهي؟ جنم مرڻ کان مڪتي پائڻ لاءِ هزار ڳالهيون ڪنداسين، هزار اُميدون اڏينداسين پر هن ئي حياتيءَ ۾ من کي وڪارن کان ڇڏائڻ لاءِ ذرو بہ ڪوشش نہ ڪنداسين. ڌرم جي سار کي وساري ڇڏڻ سان جيتري هاڃي ٿئي ٿي اُن کان گهڻائي ڀيرا وڌيڪ هاڃي تہ سارهينڻ کي سار سمجهي اُن سان چنبڙيو رهڻ ۾ ٿئي ٿي. اِن سان تہ بيماري لاعلاج بڻجي پوي ٿي.

ڌرم جي شڌتا کي ڄاڻڻ، سمجهڻ، جاچڻ، پرکڻ، بيماريءَ کان مڪت ٿيڻ جو پهريون اِهو قدم آهي. شڌ ڌرم سدائين صاف ۽ سولائيءَ سان سمجهہ ۾ اچڻ وارو ٿيندو آهي، ان ۾ راز ڀريل ڳنڍيون نہ ٿينديون آهن ۽ نہ پرولين ۾ منجهائيندڙ ٿيندو آهي. دماغي ورزش نہ ٿيندي آهي. پرتيڪن ۽ وڌاءُ ڪيل بيان، عالماڻي نمائش نہ ٿيندي آهي. جيڪو ڪجهہ هوندو آهي اُهو سرل ئي هوندو آهي. ڌرم جي شڌتا اِن ۾ آهي تہ ان ۾ اٽڪلون پيچ ۽ دماغي ڪلپنائون نہ هجن. جيڪو ڪجهہ هوندو آهي اُهو بي‌عيب يا پورن هوندو آهي. ڌرم فقط اصول کي ثابت ڪرڻ نہ ٿيندو آهي، پر خود محسوس ڪرڻ ۽ آزمودو پرائڻ لاءِ ٿيندو آهي. ڌرم راڄ مارگ وانگر وشال يا ويڪرو ٿيندو آهي اُهو اونداهين گهٽين جهڙو طلسمي يا ڀلائيندڙ مايا جار نہ هوندو آهي. ڌرم هن ئي جنم ۾ لاڀ ڏيڻ وارو ٿيندو آهي، جيترو وڌيڪ اُن جو پالن ڪجي اوترو وڌيڪ لاڀ ڏيندو آهي. ڌرم شروعات، وچ ۽ آخر هر حالت ۾ ڪلياڻڪاري ئي هوندو آهي. ڌرم عام ماڻهوءَ لاءِ هڪڙي ئي روپ ۾ اپنائڻ لائق هوندو

دوها

ڌرم نہ ڪوڙي ريت آ، ڌرم نہ ڪوڙو وهنوار،
ڌرم نہ ڪوڙي مڃتا، ڌرم آ سچ جو سار.

مالها تلڪ ۽ جنائون، ٻٽيا مٿي جو بار،
ويس مٽائي ڇا مليو؟ پنهنجو من سڌار.

ڪرم ڪانڊ نہ ڌرم آ، ۽ نہ ٻاهريون آچار،
ڌرم چت جي شڌتا، سيوا، ڪروڻا ۽ پيار.

ڳڻ اپنايو ڪينڪي، رڳو مٿو نوايو،
رهيو ڀڳل برتن هٿ ۾، ڌرم رس وهايو.

اندر ۾ جاڳي ڌرم، درگڻ ٿين سڀ دور،
سدگڻ ۽ سدياوَ سان، هردو ٿئي ڀرپور.

اندر ٻاهر صاف ٿئي ۽ ڪيون صاف وهنوار،
سچ، پريم ۽ ديا جاڳي، اهو ڌرم جو سار.

جي جنجال ۾ بريءَ طرح ڦاسندا وڃون ٿا جنهن ڪري نه پنهنجو ڀلو ٿو ٿئي ۽ نه ٻين جو ڀلو ٿو ٿئي.

پنهنجي ڀلي لاءِ ۽ ٻين جي ڀلي لاءِ شڌ ڌرم جو جيون جيئڻ لازمي آهي. شڌ ڌرم جي جيون جيئڻ لاءِ ڌرم جي شڌتا کي ڄاڻڻ لازمي آهي. ان کي پوسي کان ۽ سار کي ڇلن کان الڳ ڪرڻ ضروري آهي. سار کي مهتوَ ڏيڻ سڪنداسين تڏهن ئي سار کي اپنائي سگهبو.

شڌ ڌرم جي سار کي نه اپنائينداسين ته دئيش، ڊوهه، من جي کوٽائپ، اڄايو ضد، ڪٽرپڻو، پاسڪاطري، تنگدلي، ڀوَ، شڪ، اوشواس، آلس-سستي، ڀرم، تيج رهت، پراڪرهت ۽ اُتساهه بنا، نندا لائق، پاپي، ڪپٽي، وياڪل، ڊکي ۽ پريشانيءَ سان ڀريل جيون ٿيندو. شڌ ڌرم جو سار اپنائينداسين ته پيار ۽ ديا سنيهه ۽ سدڀاوَ، تياڳ ۽ بليدان، سهيوگ ۽ سهڪار، شرڌا ۽ وشواس، واڌاري ۽ خوشحالي سان ڀريل جيون، پرتاپي ۽ تيجسوي ٿيندو، فراخدل بيڊپو ۽ چنتا کان مڪت ٿيندو. سرل ۽ صاف ئي ٿيندو، منگلمي، ڪلياڻڪاري ۽ آشيرواد سان ڀرپور ٿيندو.

شڌ ڌرم جو اِهو ئي ظاهري لاڀ آهي. ظاهري لاڀ ئي شڌ ڌرم جي سار جي صحيح پرک آهي.

* * *

دوها

ڌرم جو پالن ٿئي، تڏهن ڌرم ڏئي ڦل،
بنا دوا جي دور ٿئي، بيماري نہ اصل.

ڄاڻي سمجهي ڌرم کي، پر نہ ڪري عمل،
بار ڍوئي مطلب بنا، کهڙو هي مت موڙهل.

ڌرم پالن ڪرڻ آ نہ تہ تہ نسوري بات،
سورج اُڀري ٿئي پرڀات، نہ تہ آ ڪاري رات.

ڌرم پالي نرمل ٿئي، راجا هجي يا بکاري،
مٽي روڳہ، ڏکہ، چنتا، ڀؤ ۽ شنڪا ساري.

شڌ ڌرم پالن ڪريون ۽ ڪريون دور ايمان،
ملي خوب سنتوش سکہ، ڌرم سکن جي کاڻ.

ڌرم پال تون باورا، جنهن بن ناهي ڪو چارو،
جوڳ ۽ ڪلياڻ ڪري، ڌرم وڏو ٻل وارو.

4. ڌرم کي عمل ۾ آڻيون

ڌرم کي عمل ۾ آڻڻ ئي سچو ڪلياڻ آهي. ڌرم جي باري ۾ بحث يا ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ڪڏهن فائدي واري ٿي سگهي ٿي، ڪڏهن نه به ٿي سگهي ٿي يا ڪڏهن نقصانڪار به ٿي سگهي ٿي.

ڌرم جو ويچار ڪرڻ نه ڪڏهن فائدي وارو ٿي سگهي ٿو ڪڏهن نه به ٿي سگهي ٿو يا ڪڏهن نقصانڪار به ٿي سگهي ٿو.

پر ڌرم تي عمل ڪرڻ ته هميشهه فائدي وارو ئي ٿيندو آهي.

ڌرم جي باري ۾ بحث ڪري ٻڌل گيان حاصل ڪري سگهجي ٿو. اِهو اسان کي اُتساهه ڏياري ۽ رستو ڏيکاري ٿو ۽ آخر ۾ اسان ڌرم تي عمل ڪريون ته اهو بحث اسان جي ڀلي جو باعث ٿي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن اهو صرف ذهني وندر تائين محدود رهي ته اُهو ڌرمي بحث اسان لاءِ فائدي وارو نه ٿيندو، جڏهن اِهو ٻڌل گيان اسان ۾ گياني بڻجڻ جو ڪوڙو اهنڪار پيدا ڪري ڇڏي ته اهڙو ڌرمي بحث اسان لاءِ هاڃيءَ جو سبب بڻجي پوندو آهي.

ساڳي ڳالهه ڌرم جي ويچار جي آهي. ڌرم جو چنتن ۽ منن دماغي گيان پيدا ڪري بي مطلب دماغي وندر جو ڪارڻ بڻجندو آهي يا ڪوڪلو ڏيکاءُ ڪري هاڃيءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿو. پر جڏهن اِهو ئي چنتن- گيان ڌرم جي راهه تي هلڻ لاءِ اُتساهت ڪري، رهنمائي عطا ڪري ۽ آخرڪار اسين ڌرم ڌارڻ ڪريون ته اُهو ڪلياڻ جو ڪارڻ بڻجي ٿو.

سچو ڪلياڻ ته ڌرم تي هلڻ ۾ ئي آهي، ڪوڙي دماغي عيش ۾ نه آهي، ڪوڙي ڏيکاءُ ۾ نه آهي.

تنهن ڪري هي ساڌڪو، اچو ته ڌرم تي هلون. ڌرم تي هلي شيلوان (ڳڻوان) ٿيون، سماڌيءَ ۾ قائم رهون ۽ پرگياوان ٿيون.

اِهو ئي چڱائيءَ جو بنياد آهي.

* * *

دوها

بس ڪر باتورا، بس ڪر واد وواد،
ڪل وار جي ڪين لاهه، چکه ڏرم جو سواد.

ڪيڏا ڏينهن گذري ويا، ڪندي عقل جي راند،
نڪو متي اُچ من جي، نه چکيو ڏرم جو سواد.

ڳالهيون ئي ڳالهيون ڪرڻيون، پر عمل نه ڪرڻو آهي،
ڏرم ويچارو چا ڪري، جيڪو اپنائي سڪه پائي.

اِهو ڏرم جو نيم آ ۽ اهو ڏرم جو منتر،
اپنائي اُجول ٿيون، پڇڪاري ۽ پوتر.

ور ور گرنٿ پڙهي، جيون چڏيو وڃائي،
جيئن طوطو مئنا ڪنهن نالي جي هر هر رٽ لڳائي.

رتن روپي جيون ڪيو مفت ۾ برباد،
ڳالهيون ڪيون ڏرم جون، پتر چکيو نه اُن جو سواد.

5. ڌرم : دماغي آنند نہ آهي

چنتن ۽ منن ذريعي ڌرم جي اُصولن جي صرف ڄاڻ حاصل ڪرڻ سان اسان جو سچو فائدو نٿو ٿئي. رسگلو مٺو آهي، صرف اِهو ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ سان تہ اسانجو وات مٺو ٿي نہ سگهندو، ان لاءِ تہ اسان کي رسگلو جڀ تي رکڻو ئي پوندو. صرف ائين ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ تہ کير طاقت بخش آهي، ان سان اسانجو شرير مضبوط نہ ٿي ويندو اِن لاءِ تہ کير پيئڻو ئي پوندو. ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ اسان جي ڪلياڻ جو پهريون ڏاڪو آهي. پر جيڪڏهن صرف ڄاڻي ۽ سمجهي اُتي ئي رڪجي وڃون ۽ ڄاتل ڳالهہ تي عمل نہ ڪريون تہ اِهو ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ سڀ اجايو آهي. نسور دماغي آنند آهي ۽ اِهو ئي اسين ڪريون ٿا.

ڌرمي ۽ فيلسوفي اصولن جي اوڪہ ڊوڪہ، بحث مباحثو، کنڊن-منڊن ڪرڻ، چيد ڪرڻ، سمجهڻ سمجهائڻ، ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ، لکڻ ۽ لکائڻ، چوڻ ۽ چوائڻ ۾ ئي اسان پنهنجي سموري حياتي گذاري ڇڏيون ۽ بدقسمتي تہ اِها آهي جو ان ۾ ئي پنهنجي جيون جي سڦلتا مڃون ٿا.

ڌرم کي سمجهڻ جي چاهہ کي پوري ڪرڻ ۾ ۽ دماغي سطح تي ڄاتل ڌرم جو گيان مزيدار ٻوليءَ ۾ ظاهر ڪرڻ جي قابليت حاصل ڪرڻ ۾ عجيب سنتوش محسوس ٿو ٿئي. اهڙي نموني پاڻ کي خوش ڪرڻ ۾ ئي اسان پنهنجي حياتيءَ جو مقصد مڃي ڇڏيو آهي. سچ پچ ڪهڙو نہ ڪشت ڪندڙ آهي هي طلسم (مرگجال) جنهن ۾ اسين سولائيءَ سان ڦاسي پئون ٿا ۽ پوءِ بہ ان ڦاسيءَ (ٻنڌن) کي هڪ زيور مڃي فخر جو احساس ڪريون ٿا.

* * *

اهڙو دان پلي ڪيترو بہ جهجهو ڇو ڪين هجي پر شذ من سان ڪيل دان جي اهميت وڏيڪ آهي، ان سان جمعخوري نہ ڪرڻ ۽ تياڳہ ڌرم جي ورتي پختي ٿئي ٿي. پر دان جي اهميت کي وڏيڪ وزن ڏيئي، دان کي ئي سڀ ڪجهہ مڃي ويناسين تہ اها ڌرم جي ٻين وانگر يا حصن ڏانهن لاپرواهي ڏيکارڻ تيندي ۽ اُهي ڪمزور رهجي ويندا.

اهڙي نموني اُپواس يا ورت رکڻ بہ ڌرم جو هڪ حصو آهي. اسان اُپواس ذريعي بدن کي تندرست رکندا آهيون. تندرست بدن سان ئي ڌرم جي سولائيءَ سان پوئواري (پالن) ٿي سگهي ٿي. بدني صحت جي باوجود من جي سنجم لاءِ بہ اُپواس فائديمند آهي. اُپواس رکندي من لذيذ کاڌن ڏانهن ڊوڙندو رهي تہ اهڙو اُپواس گهٽ درجي جو ليکيو ويندو. اُپواس رکون تہ صرف شرير کي نہ پر من کي بہ سنجم ۾ رکون تہ اهڙو اُپواس اعليٰ درجي جو ليکيو ويندو. گهٽ درجي جي اُپواس جي تہ ڳالهہ ئي نہ ڪريو. پر اعليٰ درجي جي اُپواس کي بہ حد کان وڏيڪ اهميت ڏني تہ اهم ڀاو (اهنڪار) جو شڪار ٿي ويندا سين ۽ ڌرم جا جيڪي انگہ يا حصا وڏيڪ اهميت وارا آهن اُهي اڻڇهيل يا ڪمزور رهجي ويندا. اُنهن جو ابياس يا عمل تہ پري رهيو پر اُنهن کي طاقتور بڻائڻ لاءِ بہ مشڪل سوچيندا سين.

اُپواس رکڻ وارو شيل-سداچار جي خيال کان ڪمزور آهي تہ اُپواس وارو شيلوان ماڻهوءَ جي درجي کان گهٽ آهي. اهڙي نموني مانس آهاري کاڌي کان شاڪ آهاري کاڌو ۽ چٽپٽي ۽ مصالحيدار راجسي کاڌي کان سادو ساتوڪ شاڪ آهاري کاڌو کائيندڙ ماڻهو بهتر آهي، اُتم آهي پر ساتوڪ شاڪ آهاري ڀوڄن کائيندڙ شخص هن هڪ گڻ سببان پاڻ کي ٻين سڀني کان بهتر مڃڻ لڳي تہ ڪوڙي اهنڪار جي ڪري شذ ڌرم جي واڌاري ڪندڙ رستي کان ڀٽڪي ويندو. ڀوڄن ايترو ئي کائجي ۽ اهڙو ئي کائجي جيترو ضروري هجي ۽ فائدي وارو هجي. اهو ڌرم جو هڪ ڇڱو انگہ يا حصو آهي. پر ڌرم جا ٻيا انگہ يا حصا هن انگہ کان بہ وڏيڪ چڱا ۽ اونچا آهن، انهن کي نہ سمجهندا سين تہ اُنهن کان وانجهجي ويندا سين.

پنهنجي وقت جو گهڻو حصو آلس، لاپرواهي ۽ جهونا کائيندڙ ماڻهوءَ جي

6. ڌرم جو صحيح ملھہ ڪٿڻ

ڌرم جو صحيح ملھہ ڪٿڻ سکون. جيڪڏھن صحيح ملھہ ڪٿيندا رھنداسين تہ نظرھڪ ڪري رھندي، پاڻي ۽ کير کي الڳہ ڪرڻ جو ٻڌي يہ وويڪ قائم رھندو، ڌرم جي رستي تي پنھنجو ميزان (سنتلن) قائم رکي سگھنداسين، نہ تہ ڌرم جو ڪوئي بہ انگہ يا حصو ضرورت کان وڌيڪ اھميت حاصل ڪري ڌرم روپي شرير جي سيني حصن ۾ برابر واڌاري ٿيڻ ۾ رڪاوٽ ٻڻجي پوندو. سمان درشتي اِھا ئي آھي تہ جنھن جو جيترو ملھہ ھجي ان کي اوتري ئي اھميت ڏيون، نہ وڌيڪ نہ گھٽ. واري پٿر، شيشو، ھيرو، موتي، نيلم ۽ مٽيءَ جو الڳہ الڳہ ملھہ آھي. مٽي، لوھہ، ٽامو، پتل، چاندي، سون انھن سيني جو الڳہ الڳہ ملھہ آھي. وھنواري سطح تي شيشي ۽ ھيري جو يا مٽيءَ ۽ سون جو ھڪ جيترو ملھہ نٿو ڪري سگھجي. اھڙي نموني ڌرم جي اِستان ۾ سڀ شيون ھڪڙي ئي اگھہ ۾ توري نٿيون سگھجن. ٽڪي سير ڀاڄي ۽ ٽڪي سير کاڄا جي حساب سان بنا وويڪ جي ملھہ نہ ڪرڻ کپي، اھڙي حالت ۾ يا تہ بي مطلب ڪلن کي ئي ڌرم مڃي ويھنداسين يا ڌرم جي ڪنھن ننڍي شروعاتي قدم کي سڀ ڪجھہ مڃي ويھنداسين تہ شڌ ڌرم جي اونچي منزل تي ڪڏھن پھچي نہ سگھنداسين.

مثال طور دان ڏيڻ چڱو آھي. ڌرم جو ھڪ انگہ يا حصو آھي، مگر ڌرم جي ڪسوٽيءَ تي دان جو بہ الڳہ الڳہ ملھہ ٿيڻ کپي، نہ صرف پئسي ۾ پر نيتيءَ جي ويچار کان بہ. دان وڌيڪ آھي يا گھٽ ان کي ڪا اھميت نہ آھي پر دان ڏيڻ وقت من جي ڪھڙي حالت آھي اِن طرف ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آھي. جيڪڏھن ان وقت من ۾ ڪروڌ يا چڙ، يا نفرت، يا ساڙ، يا ڀئہ يا فساد يا بدلي ۾ ڪجھہ حاصل ڪرڻ جي ازحد لالچ آھي يا جس جي وڏي خواھش آھي يا ٻئي سان چتاپيتي ڪرڻ جو زوردار خيال آھي تہ اھڙو دان، شڌ، نشڪام ۽ وڏائيءَ رھت من سان ڪيل دان جي ڀيٽ ۾ بلڪل معمولي آھي.

پرائين ريتين رواجن ۾ اٽڪي پوندو آهي.

اهڙي نموني پڇڻ ڪيرتن به هڪ مني تيڻ لاءِ آهن. چت کي ايڪاگر ڪرڻ جا ذريعا آهن. پر جيڪڏهن انهن کي اِن کان وڌيڪ ڪجھه مڃڻ لڳون تہ پوءِ گمراهہ ٿي وينداسين. ڪنهن گروءَ يا سنت جو درشن، ان جي اڳيان مٿو نوائڻ هن لاءِ شرڌا پئدا ڪرڻ لاءِ ٿيندو آهي. هن جي گڻن کي ڏسي من ۾ اُتساهہ جاڳايون ۽ اهي گڻ خود پرايون ان لاءِ اهي گڻ ٿيندا آهن. پر جيڪڏهن اُنهن گڻن جو ملهہ ان کان وڌيڪ ڪرڻ لڳون تہ پوءِ وويڪ وڃائي ويهنداسين ۽ انڌ شرڌا سڀان ٻڌي جڙ (بيجان يا ستول) ٿيڻ لڳندي آهي. ڪنهن ڌارمڪ گرنٿ جو پاٺ ڪندا آهيون يا ٻڌندا آهيون تہ اهو ان ڪري آهي تہ ان مان پريرڻا يا اُتساهہ ملي، مارگہ درشن ملي جنهن ذريعي ڌرم کي جيون ۾ اپنائي سگھون. پر جيڪڏهن اِن کي وساري صرف گرنٿ ٻڌڻ ۽ پڙهڻ کي ئي سڀڪجھہ مڃي وينداسين تہ گاڏي پاکنڊ جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي پوندي.

سمورو واٽي ولاس ۽ ذهني عيش ڌرم نہ آهي. جيون ۾ پرايل شيل سداچار ئي ڌرم آهي. شيل سداچار جا بہ الڳہ الڳہ درجا آهن. اهنسا، چوري نہ ڪرڻ، برهمچريہ سچ ۽ ساوڌاني (سجاڳي، هوشياري). انهن گڻن مان ڪوئي هڪ جو، ڪوئي ٻن جو، ڪوئي ٽن جو، ڪوئي چئن جو، ڪوئي پنجن جو ئي پالن ڪري ٿو. ٻن وارو هڪ کان وڌيڪ ڌارمڪ آهي. انهن ۾ بہ ڪوئي ماڻهو ڪنهن خاص شيل (گڻ) جو پالن انڪري ئي ڪرڻ ۾ سمرٿ آهي جو جنهن حالت ۽ دائري ۾ هوءُ جائو، پليو ۽ رهندو آهي اُها من جي شيل جي پالن ڪرڻ ۾ مدد ڪندڙ آهي يا نهڪندڙ آهي. ٻيو ماڻهو بلڪل نامناسب حالت ۾ بہ ان شيل جو پالن ڪري ٿو ۽ من کي وس ۾ رکي ٿو تہ هي ٻيو ماڻهو پهرئين کان وڌيڪ سريشٽ آهي.

من کي وس ۾ ڪرڻ ڌرم جو اهميت ڀريو انگہ يا حصو آهي. اِها ئي سماڌي آهي، پر هڪڙو ماڻهو سماڌي حاصل ڪرڻ لاءِ جنهن سهاري جو استعمال ڪري ٿو اُهو جيڪڏهن راڳہ، دئيش يا موهہ وڌائيندڙ آهي تہ اُهو ماڻهو ملين چت سان سماڌي پراپت ڪري ٿو. ٻيو ماڻهو اهڙا سهارا وٺي ٿو جيڪي راڳہ،

پيٽ ۾ ضرورت اَنوسار گھٽ ۾ گھٽ وقت سمهندڙ ۽ وڌ ۾ وڌ جاڳندڙ ساوڌان ماڻهو پڪ ئي وڏيڪ چڱو ماڻهو آهي، پر اهڙي ماڻهوءَ کي ڌرم جي رستي جون اڳيان ڪيتريون ئي منزلون حاصل ڪرڻيون هونديون آهن، اُنهن کي هوءُ پلجي نہ وڃن.

گهمڻ ڦرڻ، ڊڪڻ، ترڻ، ڪسرت ڪرڻ ۽ اهڙي طرح آسڻ ۽ پراڻايام ڪرڻ شرير کي تندرست ۽ ڦڙتيلو بڻائي رکڻ لاءِ ضروري آهي ۽ فائديمند آهي. اهڙيءَ طرح روز سنان ڪرڻ، شرير کي صاف رکڻ ۽ صاف سٿرا ڪپڙا پهرڻ چڱو آهي. تندرستيءَ جي خيال کان انهن جي پنهنجي اهميت آهي ۽ ملهہ آهي. پر صرف انهن کي ئي سمورو ڌرم مڃي ويهون ۽ شرير جي ٻاهرين صفائيءَ ۾ لڳا رهون ۽ اندرين صفائي نہ ڪريون تہ هاڃي ئي ٿيندي.

ڪوئي ورت رکندو آهي تہ جيئن من تي سنجم رهي ۽ من طاقتور ۽ مضبوط ٿئي ۽ ڌرم جي رستي تي اڏول ٿي هلي. پر هنن ورتن کي ئي سڀ ڪجهہ مڃي ويهون تہ اِهي بندن بڻجي ويندا. ڪوئي مالها ڦيريندو آهي ۽ من ئي من ۾ ڪنهن منترجو جاپ ڪندو آهي تہ اهو بہ من کي ايڪاگر ڪرڻ لاءِ ئي ڪند وآهي. پر من کي هڪ چتو ڪرڻ جو ذرو بہ ابياس نہ ڪريون ۽ مشين مثل ئي مالها ڦيرڻ ۽ منتر جپڻ جي پراڻي رواج کي ڌرم مڃي ويهڻ تہ ڀٽڪڻ آهي. پاڻ کي گمراهہ ڪرڻ آهي.

ڪوئي مندر وڃي پنهنجي اِشٽ ديو جي مورتيءَ جو درشن ڪندو آهي، ان سان هنجي من ۾ شرڌا جاڳندي آهي. من جي سٺي پاونا چت کي ايڪاگر ڪرڻ ۾ مدد ڪندي آهي. پنهنجي اِشٽ ديو جي مورتيءَ کي کليل اکين سان ڏسي پوءِ اکيون بند ڪري وري ان جو ڌيان ڪندو آهي. هن ابياس ذريعي اُها مورت بند اکين جي سامهون بہ اچڻ لڳندي آهي. اهڙي نموني چت کي ايڪاگر ڪرڻ جو هڪ طريقو حاصل ٿي ويندو آهي. مورت جو ڌيان ڪندي ڪندي پنهنجي اِشٽ ديو جي گڻن جو ڌيان ڪرڻ لڳندو آهي ۽ اُنهن گڻن کي پنهنجي جيون ۾ اپنائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳندو آهي. اِئين ڪرڻ سچ پچ ڪلياڻڪاري آهي، پر اهو سڀ نہ ڪري صرف مندر وڃڻ ۽ مشين مثل متو نوائڻ ئي سمپورڻ ڌرم مڃي ويهي تہ ان غلط انداز لڳائڻ سببان

محسوس ٿيندي آهي. پر انهن قسمين قسمين وڻندڙ آزمودن کي سڀ ڪجهه مڃي اُنهن جي حد کان وڌيڪ اُپٽار ڪرڻ لڳون ته پڪي ويندا سين. اهي آزمودا هن شاهي رستي تي ميل جي پٿر وانگر آهن. اُنهن مان ڪنهن سان چيڪي پئون ته اُهو پٿر ڳچيءَ ۾ بار بڻجي پوندو. اڳتي وڌڻ مشڪل ٿي پوندو. اِهي آزمودا ڌرمشالائن سمان آهن. انهن مان ڪنهن کي آخري مقصد مڃي ان ۾ رهي پئون ته پوءِ باقي رهيل رستي تي هلڻ ئي نه پڄندو. ياترا بند ٿي ويندي. پهرئين کان وٺي انين ڌيان تائين جيڪي سماڌيون آهن اُهي هڪ ٻئي کان وڌ آهن. پر انن ئي ڌيانن ۾ پار پوڻ کانپوءِ به روحاني کيتر ۾ اُن کي سمپورڻ نٿو مڃيو وڃي. انن سماڌين جي سمان مشڪلاتن جي سولي آزمودي پرايل ساڌڪ کي به پرگياوان ٿيڻ بلڪل ضروري آهي.

پرگياوان، پرگياوان ۾ به فرق آهي. ڪوئي پرگياوان اهڙو آهي جنهن ٻڌل پرگيا حاصل ڪئي آهي. ٻيو اَهڙو آهي جنهن چنتن سان ئي پرگيا حاصل ڪئي آهي يعني جيڪو پڙهيائين يا ٻڌائين ان کي سوچ ويچار جي ڪسوٽيءَ تي پرکه ڪري انگيڪار ڪيو آهي. پهرئين کان ٻيو پرگياوان پڪ ئي پڪ اُتم آهي. پر پهرئين ۽ ٻئين پرگياوان کان اهو ٽيون پرگياوان تهائين وڌيڪ اُتم آهي جيڪو ڀاونا واري پرگيا حاصل ٿو ڪري، يعني ته ساکيات آزمودن جي آڌار تي خود پنهنجي پرگيا روشن ڪري ٿو.

اسان پنهنجي ڀاونا واري پرگيا جڳائي آهي يا پرائي پرگيا جي سهاري صرف ذهني عيش ڪيو آهي؟ اُن جي جاچ خود ڪندو رهڻ کپي. پرگيا جي نالي ۾ جيڪڏهن صرف ذهني عيش ماڻيو هوندو ته جيون جي ڏکين حالتن ۾ من جوش ۾ اچڻ ۽ جذباتي ٿيڻ بنا نه رهندو. ڀاونا واري پرگيا جي جيتري گهٽتائي هوندي، من جو ميزان اوترو ئي گهٽ هوندو. ڀاونا واري پرگيا جي زور تي جيڪو ماڻهو ڪنهن شيءِ يا حالت کي، جيڪا جهڙي آهي، ان جي صحيح سروپ، صحيح گڻ، ڌرم، سڀاوَ کي ڏسندو آهي ته من جي ميزان کي بگڙڻ نه ڏيندو آهي. من جي گهرائي ۾ سمايل ملينتا جون قسمين قسمين ڳنڍيون پاڙيهي کلڻ لڳنديون آهن. چت جون خرابيون دور ٿيڻ لڳن ٿيون، انهن ۾ نرملتا اچڻ لڳي ٿي. نرملتا اچي ٿي تڏهن ئي تنگدليءَ جي جڳهه

دئيش ۽ موهہ ڪي ڪمزور ڪندڙ يا گهٽائيندڙ آهن تہ پهرئين ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ هي وڌيڪ اُنم آهي. ملين چت جي ايڪاگرتا ذريعي من جو بل حاصل ڪري بہ ڪيتريون رڌيون ۽ سڌيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون. انهن سڌين جي سهاري عام ماڻهن ڪي عجب ۾ وجهندڙ چمتڪار ڏيکاري سگهجن ٿا پر انهن کي ڌرم مڃڻ خطرناڪ آهي. اِهو ضروري نہ آهي تہ جنهن ماڻهوءَ اِهي سڌيون حاصل ڪيون آهن، اُهو ڌرماتما هجي. ڪيترائي بدلچڻا ماڻهو چمتڪار جي نمائشون ڪندي ڏٺا ويا آهن. ان ڪري چمتڪارن جي آڌار تي ڌرم جو ملهہ ڪٿي نٿو سگهجي. جيڪڏهن ڪٿيون ٿا تہ اُهو غلط آهي، سماڌيءَ سان گڏ شيل-سداچار جو هجڻ ضروري آهي.

شڌ سماڌيءَ جي ذريعي بہ ڪيتريون حاصلاتون ٿينديون آهن. ڪڏهن اسان آسڻ تي لڳاتار ٿي ڪلاڪ ويٺا هوندا آهيون. پر آسڻ ۾ ايترو وقت ويهڻ بہ تہ ساڌنا جو آخري مقصد نہ آهي. اهڙي نموني ايڪاگرتا جو اڀياس ڪندي ڪڏهن ڪڏهن ٻوتيل اکين سامهون روشني، جوت، روپ، رنگ تصويرون يا نظارا وغيرہ ڏسندا اهيون. ڪڏهن ڪڏهن ڪنن ۾ ڪوئي عجيب شبد ٻڌندا آهيون، نڪ سان ڪوئي عجيب خوشبوءِ سنگهندا آهيون، جڀ سان ڪوئي عجيب رس چکيندا آهيون يا شرير سان ڪنهن عجيب ڇهاءُ جو احساس ڪندا آهيون ۽ انهن قسمين قسمين حواسن (اِندرين) جي آزمودن ڪي دويہ (روشن يا سرڳ سان واسطو رکندڙ) جوت، دويہ شبد، دويہ خوشبوءِ، دويہ رس يا دويہ ڇهاءُ چئي اُنهن کي ضرورت کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ لڳندا آهيون تہ پوءِ پٽڪي ويندا آهيون. اهڙي نموني سماڌيءَ جو اڀياس ڪندي ساهہ سوکيم ٿيندي ٿيندي اوچتو رکجي ويندو آهي ۽ پنهنجو پاڻ ئي ڪميڪ ٿيڻ لڳندو آهي (پورڪ، ڪميڪ ۽ ريچڪ پراڻايام جا حصا آهن جن ۾ ساهہ اندر کڻڻ، ساهہ کي روڪڻ ۽ ساهہ ٻاهر ڪڍڻ جي ڪريا ٿيندي آهي.) اڀياس ڪندي ڪندي ويچار ۽ انومان يا شڪ جو سلسلو جهڪو ٿيڻ لڳندو آهي ۽ ڪڏهن ويچار رهت، نر وڪلپ سماڌي جي حالت پئدا ٿيندي آهي. ايڪاگرتا وڌندي آهي تہ اندر ۾ پريم ۽ خوشي جاڳندي آهي. آنند جو لهرون اُپرڻ لڳنديون آهن. شرير رومانچڪاري اُتيل وارن سان پرجي ويندو آهي. ڏاڍي هلڪائي

مڪمل ۽ مناسب وڪاس نہ ٿئي تہ اسان پنهنجي صحت وڃائي ويهندا اسون. بدن جو هڪ عضوو ضرورت کان وڌيڪ واڌارو ڪري ۽ باقي سڄو شرير بنا واڌاري رهجي وڃي تہ سڄي شرير سان گڏوگڏ اهو واڌارو ڪيل عضوو بہ روڳ ۾ مبتلا (بيمار) ٿيو ويندو. اهڙي نموني سمورو ڌرم روپي شرير ايترو وڌيڪ واڌارو ڪري جو ٻين سيني پاسن جي واڌاري ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري تہ سمورو ڌرم روپي شرير تہ بيمار ٿي پوندو آهي پر اهو خاص پاسو بہ بيمار ٿي ليکيو ويندو. ان ڪري سموري ڌرم روپي شرير کي تندرست ۽ سگهاري رکڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ ڌرم جي سيني انگن جو هڪ ڪرو واڌارو ٿئي. ان لاءِ سيني انگن جي وويڪ پوروڪ صحيح ڪٿ ٿيندي رهي تہ بهتر ٿيندو آهي.

مالها ۽ تلڪ جهڙو ٻاهريون ڏيکاءُ، ندي سنان، تيرٿ اِستان جهڙو ٻاهريون ڪرم ڪانڊ يا آتم واد غير آتم واد جهڙين ذهني وندرائيندڙ فيلسوفاڻين ٿيائن جي ڳالهہ کي ڇڏيو پر جيڪڏهن اسان ڪنهن سٺي ورت جو پالن ڪندي يا ڪنهن شيل جو پالن ڪندي اُن جي ساراهہ حد کان وڌيڪ ڪرڻ لڳون ۽ شڌ ڌرم جي ٻين انگن کي نظرانداز ڪندي صرف ان سان ئي چنبڙيل رهون تہ اُهو شيل ورت اسان جي لاءِ هڪ پوائتي بيماري ثابت ٿيندو. اُن کان بچڻ لاءِ شڌ ڌرم جي سيني انگن ۽ مڪمل واڌاري لاءِ هرڪنهن ڳالهہ جي صحيح ڪٿ ماپ ٿيندي رهڻ ضروري آهي. ڌرم واري جيون منگلڪاري جيون جي ڪلياڻ جي اِها ڪنجي آهي.

* * *

تي فراخدلي، بري پاونا جي جڳهه تي سٺي پاونا، نفرت جي جاءِ تي پيار، ساڙ جي جاءِ تي خوشي ۽ وير يا دشمني جي جاءِ تي دوستي جاڳي ٿي. اهي سڀ سنا گڻ جيون ۾ اچي رهيا آهن يا نه؟ انهيءَ ڪجهه ماپ سان ڌرم جي کيتر ۾ پنهنجي ترقي يا واڌاري کي ماپيون. جيئن جيئن پرڳيا ۾ محڪم يا اڏول ٿيندا ويندا سين تيئن تيئن سڀاوَ ۾ شيل جي پختگيءَ سان گڏ سماڌي به پڪي ٿيندي ويندي. من وس ۾ رهڻ لڳندو. سداچار جيون جو سهج سڀاوَ بڻجي ويندو، ان لاءِ ڪا خاص ڪوشش نه ڪرڻي پوندي. پنهنجي انڌي خودغرضيءَ لاءِ ٻين جي هاڃي ڪرڻ واري تنگ ٻڌي نه رهندي. پنهنجي سک جا ذريعا ٻين سان ونڊي ورهائي پاڳي پائيوار بڻجڻ جي دان ورتي (سڀاوَ) سولائيءَ سان جيون جو انگ بڻجي پوندي. اهڙي نموني جيئن جيئن ڌرم جي سيني انگن جي پختگي ٿيڻ لڳندي تيئن تيئن ڪيتريون پراڻيون رسمون جيڪي ڪڏهن ڌرم جي اوٽ ۾ حاصل ٿيون هيون ۽ جن کي اڻجاڻائيءَ سبب اسان سڌي (يوگ دواران حاصل ڪيل شڪتي) مڃي چاتيءَ سان چپڪائي ڇڏيو هو، اها نانگ جي کل وانگر بنا ڪنهن تڪليف ۽ ڪوشش جي پنهنجو پاڻ ئي لهندي ويندي ۽ جيڪا نئين چمڙي پئدا ٿيندي اُها بيجان نه پر جاندار ڌرم جي لهر بڻجي ايندي.

چمڙيءَ جي پنهنجي اَهميت آهي. پر جيڪڏهن بيجان ٿي وڃي ته اُن کي به چپڪائي رکڻ ناداني آهي. کلن جي پنهنجي اَهميت آهي پر جيڪڏهن اُنهن جي ضرورت ختم ٿي وڃي ته پوءِ به موهه وس ٿي اُنهن کي چپڪائي رکڻ ناداني آهي. جڏهن شڌ پرڳيا مضبوط ٿيندي ته هرڪنهن شيءِ جي صحيح قيمت ڪٿي سگهبي آهي. ليائيڊنڊز دليلبازيءَ جي جار ۾ ڦاسي ڪنهن ڪمائتي چيز کي ناس نه ڪندا آهيون ۽ نه ئي پرمپرا (روايت) لاءِ پريم هئڻ جي پاونا وس ڪنهن نڪمي شيءِ کي گلي سان لڳائي رکندا آهيون پرڳيا جي پختگي ڪري اَهڙو پوتر وويڪ جاڳندو آهي جنهن ۾ نه کوکلي دليلبازي ٽڪي سگهندي آهي ۽ نه انڌي جوشيلي جذبات. ڌرم جي هرهڪ انگ جو صحيح ملهه ٿيڻ جي ڪري ڌرم جي سيني انگن جو هڪ کرو ۽ مناسب واڌارو ٿيڻ لڳندو آهي.

7. صحيح سک

صحيح سک ڪھڙي ڳالھہ ۾ آھي؟

صحيح سک پنھنجي من کي صاف سٿري رکڻ ۾ آھي. من کي سڀ جو ڀلو چاھيندڙ مترتا سان ڀريل رکڻ ۾ آھي.

جڏھن اسان ساڙ ۽ ڪوڙ ڪپٽ سان ڀرجي ويندا آھيون ۽ ڪوڙا ۽ ڪنور ٻول ڳالھائيندا آھيون تڏھن پنھنجي من جي پوترتا وڃائي ويھندا آھيون ۽ جڏھن من جي پوترتا وڃائي ويھندا آھيون تڏھن سڀ سک شانتي وڃائي ويھندا آھيون.

جڏھن اسان پيار ۽ اڇي اُجري من سان ڀرجي ويندا آھيون ۽ وڻندڙ مٺا وچن ڳالھائيندا آھيون تہ من جي ملينتا کان آجا رھندا آھيون ۽ جڏھن اسان من جي ميراڻ کان ڇٽل رھندا آھيون تڏھن سک شانتي حاصل ڪندا آھيون.

خراب من ٻين کي بہ دکي ڪندو آھي. ڪنھن ڪنھن حالت ۾ ٻين کي دکي نہ بہ ڪري پر ھر حالت ۾ پنھنجو پاڻ کي تہ دکي بڻائيندو آھي. جڏھن جڏھن من دئيش ۽ خراب ڀاونائن سن ٻرو ٿيڻ لڳندو آھي. تڏھن تڏھن بنا شڪ جي خود ئي بي آرامي ٿيڻ لڳندو آھي.

سنو من ٻين کي بہ سکي بڻائيندو آھي. ڪنھن ڪنھن حالت ۾ ٻين کي سکي نہ بہ ڪري سگھي پر ھر حالت ۾ پنھنجو پاڻ کي سکي تہ بڻائيندو ئي آھي. جڏھن جڏھن من پريم ۽ سنين ڀاونائن سان ڀرجي سنو من بڻجندو آھي تڏھن بنا شڪ جي خود ئي شانتي ۽ سک ڀوڳيندو آھي.

سنين ڀاونائن سان ڀريل من خود سکي رھندو آھي ۽ ڪوڙ ڪپٽ يا براين سان ڀريل من پاڻ دکي رھندو آھي، اھو قدرت جو پڪو نيم آھي. اِھو ئي ڌرم جو نيم يا قانون آھي.

ساڌڪو! قدرت جي ھن اٽوٽ نيم ڄاڻھن، ھن ستيہ، ھن ڌارمڪ نيم ڄاڻھن سدا سڄاڳ رھو ۽ پنھنجي من کي چڱاين سان ڀرڻ ۽ براين کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪندا رھو.

ان ۾ ئي پنھنجو صحيح سک سمايل آھي ان ۾ ئي پنھنجو اصلي ڀلو آھي.

* * *

دوها

ڌرم نہ بحث دليل آ، ڌرم نہ واد وواد،
صاف چت جي جاڳرتا جو، ڌرم پوتر پرساد.

شڌ ڌرم پالي ڪري، شڌ پرگيا جاڳايون،
پاڻي ڪير الڳہ ڪري، وويڪ سچيت ٻڻايون.

شڌ ڌرم جو جڏهن ٿئي سروانگي واڌارو،
تڏهن سدگڻ سدڀاوَ جو چوڌر ٿئي اُجيارو.

ڌرم نہ ملي دڪان تان، نہ گرنٿ مندر ۾ ملي،
ڌرم تہ اُن کي ئي ملي، جيڪو پاڻ ڌرم تي هلي.

مندر مندر ڀٽڪندي، بگڙي ويئي شڪل،
ترپون گسايون پيرن جون، ويو نہ من جو مئل.

مندر مسجد ڀٽڪندي، ڪنهن پاتو ڀڳوان،
سيوا ڪروٽا پيار سان، خود بڻجون ڀڳوان.

8. سمتا ڌرم

سمتا ڌرم آهي. وشمتا-تعناد اڌرم آهي. سمتا موهه بنا آهي وشمتا ۾ موهه پريل آهي. جتي موهه آهي اُتي دک آهي جتي موهه نہ آهي اُتي سچو سک ۽ سچي شانتي آهي.

وپشينا ساڌنا ذريعي اسان ڏسندا آهيون تہ شرير تي آذار رکندڙ هن چت ڌارا (من جو وهڪرو) ۾ ڪيترن سببن ڪري وقت بہ وقت سکدائي ۽ دکدائي ٻنهي قسمن جون لرزشون سنويدنائون محسوس ٿينديون رهنديون آهن. راحت بخش سنويدنا اسان کي پياري لڳندي آهي ۽ هن لاءِ موهه پئدا ٿيندو آهي انکري ان کي ٽڪائي رکڻ لاءِ اسان آتا هوندا آهيون. اها ڇڏائجي نہ وڃي انکري ڊپ ٿيندو آهي. بي سلامتي، بي آرامي محسوس ڪرڻ لڳندا آهيون. پر قدرت جي ڦرندڙ نيمن جي ڪري هي راحت بخش سنويدنا بہ پوري ٿيندي آهي. جڏهن دکدائي سنويدنا پئدا ٿيندي تہ اُن جي لاءِ نفرت پئدا ٿيندي ۽ اُن کي دور ڪرڻ لاءِ اسين آتا ٿي پوندا آهيون. ڇا اِها ڪڏهن دور نہ ٿيندي؟ ان ڊپ-شنڪا جا شڪار بڻجي ويندا آهيون. پوءِ بي سلامتيءَ جي بي آراميءَ ۾ جڪڙجي ويندا آهيون. ٻنهي حالتن ۾ بي صبر ۽ بي آرام رهندا آهيون پريم ۽ حسد سان موهه پئدا ٿيندو آهي، بي سلامتيءَ جي پاونا پئدا ٿيندي آهي، من محبت-پريم -حسد ڪانسواءِ رهي تڏهن نرموهي (بنا موهه جي) رهندو آهي، سلامتي محسوس ڪندو آهي، ميزان نہ وڃائيندو آهي ۽ شانت رهندو آهي.

سکدائي-دکدائي حالت جي محسوسيت ڪندي ۽ سجاڳہ رهندي بہ اَڏول رهڻ ئي سمتا آهي. سمتا پٿر وانگر بيجان نہ آهي. شمشان پومي واري خاموشي نہ آهي. جتي چت کي جوش ڏياريندڙ گرماگرمي ئي هجي اُتي سمتا صحيح سمتا آهي اِهو ڪيئن چئي سگهجي؟ جتي جوش ڏياريندڙ گرماگرمي هجي تہ بہ جوش ۾ اچڻ وارو چت گهري ننڊ ۾ هجي اُتي بہ سمتا صحيح سمتا

دوها

دئيش ۽ در ڀاو سان، چنتا ۽ دک ٿئي پئدا،
سنيهہ ۽ سدڀاوَ سان ٿي خوشي ۽ سک ايندا.

نرڏن يا ڌنوان هجي، جاهل يا ودوان،
جنهن ۾ من ميرو ڪيو تنهنجا وياڪل پراڻ.

من ئي مندو، من ئي سڄڻ، من ويري من متر،
جيون ۾ سک تڏهن اچي جڏهن من ٿئي پوتر.

من ئي بندن جو ڪارڻ، من ئي مڪتيءَ جو مارگ،
بگڙيل من جڪڙيل رهي، بي عيب من فارغ.

پنهنجو سڌريل چت ئي پنهنجي ڪم اچي،
جيڪو من سک چاهي، من وس رکي هردم.

چت اسان جو شڌ ٿئي، سنن گڻن کي اپنائي،
ديا مئتري ۽ پيار سان، من ماڻهوءَ جو لهرائي.

تذهن اسان انذي ردعمل (پرتيڪريا) ڪرڻ چڏي ڏيندا آهيون. سمتا جي پختي ڏرتيءَ تي اڏول رهي اسان جيڪو ڪجهه ڪندا آهيون اُهو شڌ ڪريا هوندي آهي ۽ نه پرتيڪريا، ان ڪري اُها ڪلياڻڪاري ٿيندي آهي ۽ نه دکدائي.

اندرين چت ڌارا ۾ اُٿندڙ سک ۽ دک بخشيندڙ سنويدنائن لاءِ پوري سمتا جو احساس ٿيڻ لڳندو آهي ته ٻاهرين جيون ۾ سولائيءَ سان سمتا ظاهر ٿيڻ لڳندي آهي. ٻاهرين جيون ۽ جڳت جون سموريون وشمتائون اندرين سمتا کي ناس نه ٿيون ڪري سگهن. جيون ۾ ايندا رهندڙ لاها چاڙها، ساموندي لهرن جو چڙهڻ ۽ لهڻ، بهار ۽ خزان، اُس ۽ چانوَ، برسات ۽ سوڪ، هار ۽ جيت، گلا ۽ ساراهه، مان ۽ اپمان، فائدو ۽ نقصان وغيره مونجهارن سان من لوڏائمان نٿو ٿئي، سيني حالتن سان نهڪندڙ بڻيو رهي ٿو.

اندرين سمتا جي اڏولتا سان ئي ساڌنا ۽ سک پختا ٿيندا آهن. ان جي طاقت تي هزار غير مناسب حالتن جي هوندي به پنهنجي بچاوَ جو اجايو دٻپ ڪونه رهندو آهي. جيون ۾ هوشياري ۽ بيدپائي ايندي آهي. ايندڙ پل ۾ ڇا ٿيندو؟ ان لاءِ چنتا، دک ۽ وياڪلتا نه ٿيندي آهي. منهنجو پت ۽ ڪٽنب، ڌن دولت، درجو ۽ عزت، مان مريادا، سرڪاري طاقت، صحت ۽ عمر وغيره قائم رهندا يا نه؟ انهن بيمطلب چنتائن کان ڇوٽڪارو ملندو آهي. هر پل بدلجندڙ قدرت کي نه بدلجندڙ بڻائي رکڻ جي اجائي ڪوشش، جيون ۽ جڳت جي سدا وهندڙ وهڪري کي روڪي رکڻ جو جوشيلو ضد ۽ پاڻيءَ جي بدبدن کي مٺ ۾ پيڪوڙي ”منهنجا“ بڻائي رکڻ جي نسوري بيمطلب ڪوشش سولائيءَ سان ختم ٿي ويندي آهي. جيون مان چل ڪپٽ يا چالاڪي، گهٽ وڌائي، کيچاتاڻ، تناوَ پنهنجو پاڻ دور ٿي ويندا آهن. حالتن جي بدلجندڙ لهرن تي سولائيءَ سان ترڻ اچي ويندو آهي. هميشهه محنتڪش رهندي به نتيجي جي باري ۾ چنتا نه رهندي آهي ۽ ان سان گڏوگڏ وهنوار ۾ هوشياري ۽ بردباري ايندي آهي. اِهو ئي سمتا ڌرم جو شڀ نتيجو آهي.

سمتا ايندي آهي ته من، زبان ۽ شرير جي ڪمن ۾ شڌتا ايندي آهي. انهن ۾ سچائي ايندي آهي. نتيجي طور جيون نروڳي رهندو آهي. وات،

آهي اِهو ڪيئن چئي سگهجي؟ سمتا ناڪاري نہ آهي، مورڪتا، بيهوشي يا بيڪاري نہ آهي. اسان کي ڪوئي پاڇيءَ وانگر وڏي چڙي ۽ خبر ئي نہ پوي اهڙي بيهوشيءَ واري حالت، سمتا نہ آهي. هيءَ ڪا نستي ڪرڻ جي، سنگهائڻ جي ناس يا بيهوش ڪرڻ جي اِنجيڪشن نہ آهي. پورا سچيت سجاڳ رهون پوءِ بہ هر حال ۾ هڪ جهڙا، ساڳيا رهون تڏهن ئي سمتا آهي ۽ نہ تہ گهري ننڊ ۾ سمهڻ وارو يا بيهوش مورکہ شخص سمتا جو پاکنڊ ڪري سگهي ٿو.

خوشيءَ ۾ تڙي پوڻ ۽ غم ۾ مرجهائجي وڃڻ ئي وشمتا آهي. ٻنهي جي رهندي، هم وزن ۽ ساڳيو چاهہ وٺڻ ئي سمتا آهي. پر سمتا اسان کي ڪمزور ۽ ڪرم-هيڻ نٿي بڻائي. سچي سمتا ايندي آهي تہ ڪم ڏانهن لاڙو پيدا ٿيندو آهي. اهڙو لاڙو پرم پرشارٿ جو روپ وٺندو آهي. پرم پرشارٿ ۾ پنهنجي پرائي جو ڀيد نہ رهندو آهي. اهڙو پرشارٿ پيدا ڪندڙ سمتا جيتري سبل ٿيندي آهي، حياتيءَ ۾ اوترو سکہ ايندو آهي، پنهنجو سکہ بہ ۽ ٻين جو سکہ بہ. سمتا جيتري ڪمزور هوندي آهي اوترو ئي دکہ پيدا ٿيندو آهي، پنهنجي لاءِ بہ ۽ ٻين جي لاءِ بہ.

سمتا ڌرم جيون ۽ جڳت کان پري ڀڄڻ نہ آهي ڀاڄ نہ آهي. جيون کان منهن ڦيرڻ ۾ نہ آهي. سمتا ڌرم جيون کي منهن ڏيئي جيئڻ ۾ آهي. جيون کان پري ڀڄي آخر ڪيڏانهن ويندا سين؟ وشين وڪارن کان پري ڀڄي ڪيڏانهن ويندا سين؟ سڄو سنسار وشين سان ڀريو پيو آهي. وشيہ اسان جو ڇا ٿا بگاڙين؟ اِهي نہ اسانجا دشمن آهن ۽ نہ دوست. نہ چڱا آهن نہ لڳا. چڱو يا لڳو آهي انهن کي ڏسڻ جو پنهنجو نظريو. موهہ يا نرموهہ وارو نظريو، ساڳيو (هڪ ڪرو) يا گهٽ وڌ نظريو. جڏهن اسان وشين کان پري ڀڄڻ جي بدران انهن مان پيدا ٿيندڙ براين کي سمتا سان يعني بنا موهہ جي ڏسڻ سکي وڃون تہ انهن وشين رهندي بہ اسان وڪارن کي نستو يا ڪمزور ڪري ڇڏيندا سين. سمتا سان ڏسڻ ئي خاص طرح سان ڏسڻ آهي. پر ڳيا سان ڏسڻ آهي، پوري پني نظر سان ڏسڻ آهي. اِهو ئي اُتم ڏسڻ آهي ۽ اِها ئي وپشنا آهي. سمتا واري وپشنا واري نظر ٿيندي تہ مان- منهنجو ۽ راڳہ-دئيش جو ڪوهيڙو پري ٿي ويندو آهي. جڏهن جيئن آهي تيئن ئي ڏسڻ ۾ ايندو ۽

اندر ۾ جهاتي پائڻ ضروري ۽ ڪلياڻڪاري آهي. پر هن نموني صاف ٿيل من جو ٻاهرئين جڳت ۾ سيني لاءِ پورو پنو استعمال ٿيڻ تي ئي ڌرم پڪو ٿئي ٿو.

’مان‘ جي نندي ٽڪي سان چنبڙيل رهڻ ڪري ئي نظر ڏنڌلي ٿي ويندي آهي. ڪرم جي سڌانت جو وگيان صاف سمجهه ۾ نه ايندو. موهه پيدا ڪندڙ گهٽاين طرف جهڪي ويندو آهي ۽ اِهو محسوس لڳندو آهي ته هرڪو ماڻهو پنهنجي اڳين ڪرمن جي اثر هيٺ آهي ۽ ٻين جي ڪرمن سان اُن جو ڪوبه واسطو نه آهي. جڏهن سچائي هيءَ آهي ته ماڻهوءَ تي پنهنجن ڪرمن جو ته اثر ٿئي ئي ٿو پر سموري سماج جي ڪرمن جو به گهٽ اثر نٿو ٿئي. ماڻهو پنهنجي ڪرمن جي ڦل جو پتلو ته آهي ئي پر سڄي اِنساني سماج جي هيل تائين ٿيل واڌاري ۽ گراوٽ جي ورثي جو وارث پڻ ٿئي ٿو. اسان جا ڪرم ته اسان تي اثر ڪن ئي ٿا پر ٿورو گهڻو ٻين تي به اثر ڪندا رهن ٿا. ان ڪرمن جي ورثي جو اثر اسان جي ويچار ڌارا تي ٿئي ئي ٿو. پر گڏوگڏ ايندڙ پيڙهين کي ڪجهه نه ڪجهه ڏيئي رهيا آهيون. نه ڪثرت وحدت کان الڳ ٿي سگهي ٿي ۽ نه وحدت ڪثرت کان. نه شخص سماج کان الڳ رهي سگهي ٿو ۽ نه سماج شخص کان. هڪ ٻئي تي آڌار رکندڙ آهن. ٻئي هڪ ٻئي جي پوئواري ڪندڙ آهن. ماڻهو ۽ سماج جي ناتن ۾ برابري ۽ واجبيپڻو اچڻ ئي شڌ ڌرم جو منگلڪاري نتيجو آهي. سمتا وارو شڌ ڌرم جيترو جيترو واڌارو ڪيل هوندو آهي، ماڻهو اوترو اوترو مان، جي تنگ دائري کان ٻاهر نڪرندو ويندو. هي ’مان‘ وارو مرڪز ئي آهي جيڪو پنهنجي چوڌاري ’منهنجي‘ جا گهيرا يا دائرا پيدا ڪندو رهي ٿو. آهستي آهستي هن منهنجي روپي دائري جي تنگي به دوري ٿئي ٿي. ’منهنجي‘ جو دائرو واڌارو ڪندي ڪندي هڪ جهڙائيءَ جي پورڻتا حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ اسيم-لاحد ٿي ويندو آهي.

جيستائين ماڻهو ’مان‘ جي تنگدليءَ ۾ قائل رهندو آهي، تيستائين هن ’مان‘ جي لاءِ ڪنهن جي به هاڃي ڪرڻ کان گسندو نه آهي. دائرو ذرا وڌندو آهي ۽ جنهن کي ’منهنجو‘ چوندو آهي ته اُنهن جو نقصان ڪرڻ بند ڪندو آهي. مان جي دائري مان نڪرندو آهي ته ’منهنجي‘ تنگ دائري تائين

پت ۽ ڪف ۽ گهٽ وڌائي ٿيڻ سان شرير روڳي ٿئي ٿو، اهڙي نموني من، زبان (واڻي) ۽ شرير جي ڪمن ۾ گهٽ وڌائي اچڻ ڪري جيون روڳي ٿي پوندو آهي. من ۾ ڪجهه هجي، چئون ڪجهه ٻيو، ڪريون ڪجهه ٽيون ته بيمار ٿي پونداسين. تال، سر ۽ لئه جي برابر هجڻ ڪري جيئن انهن ۾ لين ٿي وڃبو آهي، تيئن ئي من، زبان ۽ شرير جي ڪرمن جي برابري ڪري تن ۽ من پرسن ٿي ويندا آهن ۽ ايڪاگرتا ايندي آهي. پرم سک حاصل ٿيندو آهي. سمتا جو سک سنسار جي سيني سکن کان نيارو آهي، سريشٽ آهي.

سمتا ئي صحت آهي. من جي سمتا ناس ٿيندي آهي ته قسمين قسمين بيماريون پئدا ٿينديون آهن. اهي من جون ۽ پوءِ شرير جون بيماريون ٿينديون آهن. سمتا وارو جيون جيئڻ وارو ڪلاوان ماڻهو ئي تندرست حياتي گذاريندو آهي. سمتا واري جيون جيئڻ واري جو اهم پاؤ ۽ خودي ناس ٿي ويندا آهن. اُهو ايمان ۽ خوديءَ رهت، آنند وارو جيون گذاريندو آهي. 'مان' ۽ 'تون' ۾ فرق ڪندڙ، اڪيلو ۽ پاسخاطري ۽ هڪ طرفو نظريو تنگي پوندو آهي. سمتا ميلاپ، گهڻائي پسند، بي‌طرفدار ۽ ڀومڪي نظريو وڪاس ڪندو آهي. وشمتا موهه پاسي جهڪائيندي آهي. موهه گهڻائيءَ ڏانهن جهڪائيندو آهي ۽ گهڻن پاسن ڏانهن جهڪڻ ڪري الڳ الڳ قسمن جا نظريا پئدا ٿيڻ لڳندا آهن. صرف منهنجي مڪتي ٿئي، سماج پلي ئي نرڪ ۾ وڃي. هي پت، ڪٽنب، پائر، مائٽ سڀ بنڌن آهن، منهنجو انهن سان ڪهڙو واسطو؟ مان ڪيئن پنهنجي مڪتي حاصل ڪريان؟ هنن جي پلي بري سان منهنجو ڪوئي واسطو نه آهي. اهڙيءَ سوچ وارو ماڻهو گهڻائيءَ جي آخر ۾ منجهيل رهندو آهي. ٻئي طرف صرف 'مان' ۽ 'منهنجو ڪٽنب' جي محدود گهيري ۾ ٻڌيءَ تائين ٻڌل ماڻهو به گهڻائيءَ جي آخر ۾ منجهيل رهندو آهي. سمتا ڌرم وچولي رستي جو ڌرم آهي. سمتا ڌرم پنهنجو پلو ۽ ٻئي جي پلي جي واجبي ميلاپ جو ڌرم آهي. ماڻهو جهنگل جي وڻن ۽ ٻوٽن وانگر هڪ هنڌ ٻڌل نه آهي، هلندڙ چلندڙ آهي ۽ ٻين ڪيترن ماڻهن سان هن جي لهه وچڙ ۽ واسطو رهندو آهي. پاڻ کي پوتر ڪرڻ لاءِ ڪجهه اڪيلائي ۾ رهڻ ۽ انترمکي ٿي

غيرحاضريءَ سببان ٿئي ٿو. پنهنجي پرائي جو فرق مٽائي سڀ لاءِ سمان ڀاو رکون ته جيڪر اهڙو ظلم ڪري ئي نه سگهون. جيڪڏهن مان ملاوٽي دوائون وڪڻندڙ لوڀي واپاري آهيان تڏهن به پنهنجي بيمار پٽ کي اهڙي دوا هرگز نه ڏيندس. پنهنجي ۽ پرائي جو ڀيد دور ٿئي ته ڪنهن کي ملاوٽي دوا نه ڏيندس. جيڪڏهن مان رشوتخور حڪمران آهيان يا سرڪاري سرڪردو اڏڪاري آهيان ته پنهنجي پٽ کان رشوت ڪڏهن نه وٺندس. پنهنجي پرائي جو ڀيد دور ٿئي ته ڪنهن کان رشوت نه وٺندس. جيڪڏهن اونچي ورڻ جي ڪوڙي ڏيکاو جو شڪار آهيان ته پنهنجي پٽ کي اڇوت چئي ڪڏهن نه ڌڪاريندس پنهنجي ۽ پرائي جو ڀيد دور ٿيڻ ئي اسمانتا جو دور ٿيڻ آهي ۽ سڀ جو ڀلو ڪندڙ ڀاو جو پنهنجي عزت واري جاءِ ۾ قائم ٿيڻ آهي.

جتي شڌ برابري ڀاو کي عزت واري جاءِ حاصل آهي اُتي پنهنجي ۽ پرائي جون حدون ٽٽي پون ٿيون. نتيجي طور خون چوسڻ بند ٿئي ٿو ۽ سهڪار پيدا ٿئي ٿو. سختي ختم ٿئي ٿي ۽ نرمائي اچي ٿي. بي انصافي ختم ٿئي ٿي ۽ انصاف اچي ٿو. تنگدلي ختم ٿئي ٿي ۽ فراخدلي اچي ٿي. وڏائي ۽ هيڻ ڀاو، احساس ڪمتري ۽ تضاد ختم ٿين ٿا. ڀائيچارو اچي ٿو. اڌرم ختم ٿئي ٿو ۽ ڌرم اچي ٿو.

هڪ پاسي ته پنهنجي خودغرضي جي بچاو لاءِ ڌجي ۽ هيسجي ڪنهن ڪمزور ماڻهوءَ کي ٺونٺ هڻي هيٺ ڪيرائڻ ۽ پيرن هينان لتاڙڻ جي بي رحمي ۽ ٻئي پاسي ساڌنا ۽ ڪلياڻ سان پورڻ ٻڌجي نرڀئه رهندي ٻئي جي ڀلي ۽ سک ۾ پنهنجو ڀلو ۽ سک ڏسڻ جي فراخدلي، انهن ٻنهي جي وچ واريون سموريون حالتون سمتا ڌرم جي واڌاري جا ئي ڏاڪا آهن.

سمتا مضبوط ٿيندي آهي ته لائقي ايندي آهي، ميلاپ ايندو آهي، پريم ۽ دل جي سچائي ايندي آهي، صبر ايندو آهي. گڏجي ڪم ڪرڻ، سني پاونا، ٻئي کي مدد ڪرڻ، سولائي سان اچي ويندا آهن، انهن لاءِ ڪوشش نه ڪرڻي پوندي آهي. جيڪڏهن اهي سڀ نٿا اچن ته پڪ ئي پڪ ڪجهه گهٽتائي آهي. اجا جيون ۾ صحيح وپشينا، صحيح سمتا نه آئي آهي. سمتا جي ساڌنا جي نالي ڪوئي ڇل، ڪائي مايا يا ڪوئي دوکو ٿيو هوندو. فيلسوفي

محدود رهجي ويندو آهي، 'منهنجي زال'، 'منهنجو پٽ' جي دائري تائين. اُن کان اڳتي وڌندو آهي تہ منهنجو ڪٽنب، منهنجي آکهہ، منهنجو ورڻ، منهنجي ذات، منهنجو فرقو ۽ منهنجي راشٽر جي دائري ۾ اٽڪي پوندو آهي. سمتا ڌرم ۾ جڏهن پڇي راس ٿيندو آهي تہ اِهي حدون بہ ٽٽي پونديون آهن. نہ صرف ماڻهوءَ جي پر هر ساهواري جي سکہ ۾ پنهنجو سکہ ۽ ڀلو ڏسندو آهي. ڪنهن ساهواري جو سکہ ڦٽائي پنهنجو سکہ حاصل ڪرڻ جي بري ڀاونا تہ پري رهي پر ان جو سوچ بہ ڪري نٿو سگهي.

جتي حدون ۽ دائرا آهن اُتي وشمتا آهي. دائرو جيترو تنگہ آهي وشمتا اوتري ئي وڏيڪ آهي. برابريءَ جي اوتري ئي اَٺاٺ آهي. برابريءَ جي غيرحاضر هجڻ ڪري ئي جيڪو 'مان' آهيان، جيڪو 'منهنجو' آهي ان جي سکہ ۽ ڀلي لاءِ جيڪر 'مان' نہ آهيان ۽ جيڪو 'منهنجو' نہ آهي اُن کي نقصان رسايو ٿو وڃي. جيستائين ائين آهي تيستائين جيون پاپ سان ئي ڀريل ٿو رهي. جيڪي 'مان-منهنجو' نہ آهي، انهن جو مڻ بہ متيءَ ۾ ملائڻ کان نہ هٻڪنداسين. 'مان-منهنجي' لاءِ ڪنهن ڪمزور جي وات مان گرهہ کسڻ کان نہ چرڪنداسين. 'مان-منهنجي' جي انڌائپ ۾ نيچ ۾ نيچ پاپ ڪرم بہ غيرمناسب نہ لڳندو آهي.

وشمتا 'مان ۽ منهنجي' خيال جي جڻيندڙ ماءُ آهي. 'مان ۽ منهنجو' ويچار وشمتا کي پاليندڙ آهي. 'مان ۽ منهنجي' ويچار سببان اسين لوڀ جي وس ٿي جمعخوري ڪريون ٿا ۽ دان وٺون ٿا ۽ ٻين کي اٺاٺ جو شڪار بڻائي، سماجڪ سمانتا جي هتيا ڪريون ٿا. زوردار ڏيکاءَ جي وس ٿي اونچي ڪل، اونچي ورڻ ۽ اونچي ذات جو نشو سر تي سوار ٿئي ٿو ۽ سماج ۾ اونچ نيچ جو ڀيدڀاوَ پئدا ڪري سماجڪ سمانتا جو خون ڪريون ٿا. سرڪاري طاقت جي نشي ۾ مدهوش بڻجي نربل ۽ ابوجهہ ماڻهن کي دٻايون ٿا ۽ خون چوسيون ٿا ۽ سماجڪ سمانتا جي هتيا ڪريون ٿا. اهڙي نموني آرٿڪ، سماجڪ ۽ راجنيتي وغيره جدا جدا کيترن ۾ پنهنجو اهنڪار پاليندي اسمانتا پئدا ڪريون ٿا. ٻين جي برابر حقن کي لتاڙيندي بي رحم ٿي حيواني ورتاءُ ڪريون ٿا ۽ پهنجي يا ٻين سيني جي دکن جو سبب بڻجون ٿا. هي سڀ سمانتا جي

دوها

سک ۽ دک ٻئي ساڳيا، مان - اپمان سمان،
چت چلولو ڪين ٿئي، تڏهن سچو ڪلياڻ.

جيون ۾ ايندا رهن، پلي خزان ۽ بهار،
من جي سمتا نہ وڃي تہ شانتي سک اپار.

جئن جئن اندرين جڳہ ۾، ڦهلي سمتا نرمل،
تن، من ۽ زبان جا، ڪرم ٿين سڌريل.

تن سک، من سک، مان سک، پلي ملي سک ڏيان،
پر سمتا سک سڀ کان وڏو، املهہ ۽ اسيم جاڻ.

وشم جڳہ ۾، چت جي، سمتا رهي اٽوٽ،
اُتم سک جاڳي تڏهن ملي دکن کان ڇوٽ.

شڌ ڌرم جاڳي جڳت ۾ تہ وشمتا ٿئي دور،
ڦهلي سمتا سکمئي، ساڌنا - سک ڀرپور.

۽ دماغي عيش جو هڪ چمڪندڙ ليپ چڙهيو هوندو. پڪ ئي اندريون من اجا وشمتا سان ڀريل آهي. پنهنجو پاڻ کي ڪنهن ڪسوٽيءَ تي پرکيندو ۽ جاچيندو رهڻ کپي.

سچ پچ ئي جيڪڏهن سمتا مضبوط ٿيل هوندي ته پنهنجو نقصان ڪري به ٻين جو ڀلو ڪرڻ ئي پوندو ۽ اهو سولائيءَ سان ٿيندو. ڏيئي جي وٽ پاڻ ٻرندي آهي پر ٻين ماڻهن کي روشني ئي ڏيندي آهي. چندن جو ڪاٺ پاڻ ڇيرجندو آهي پر خوشبوءِ ئي ڦهلائيندو آهي. ميويدار وڻ پٿر جو ڌڪ پاڻ سهندو آهي پر موٽ ۾ ميوو ئي ڏيندو آهي ۽ اهو سڀ پاڻمرادو سولائي سان ٿيندو آهي. سمتا به سياويڪ بڻجي ته سڀ لاءِ سک جو جهرڻو وهي پوي.

اهڙي سڀ جي ڀلي ڪندڙ سمتا ڌرم ۾ قائم رهڻ جو ابياس ڪريون.

* * *

منهنجو' نه ٿا مڃيون، ان جي وڏي ۾ وڏي هاڃي ڪرڻ لاءِ ڪمر ڪشي بيهجي وڃون ٿا. ائين ڪري حقيقت ۾ پنهنجو ئي وڏ ۾ وڏ نقصان ڪريون ٿا. پنهنجي من جي سرلتا جي هتيا ڪريون ٿا. پنهنجي اندر جي صفائي وڃائي ڇڏيون ٿا. پنهنجو سک-شانتي وڃايون ٿا. ٻين کي نِڱڻ جي تياريءَ ۾ خود ئي نِڱجي وڃون ٿا.

اهڙي نموني جڏهن اسان کي ڪنهن فيلسوفي نظريي يا فرقي جي ڪنهن مڃتا لاءِ پريم ٿي ويندو آهي ته تنگدليءَ جا شڪار ٿي ويندا آهيون ۽ من جي سرلتا وڃائي ڇڏيندا آهيون. من جڏهن پاڻيءَ وانگر پتڙو هوندو آهي ته پنهنجو پاڻ کي سچائيءَ جي برتڻ موجب لاهي اختيار ڪندو آهي ۽ پنهنجي سرلتا نه وڃائيندو آهي. رستي ۾ رڪاوٽ ايندي اٿس ۽ ان جي پاسي کان نڪري ويندو آهي. ڪا به رڪاوٽ اُن کي وڍيندي آهي، ته ٽڪر ڪندي آهي ته ٻن حصن ۾ ورهائجي، رڪاوٽ پار ڪرڻ کانپوءِ وري ٻئي حصا ملي هڪ ٿي پهريائين جهڙو ٿي پوندو آهي. جڏهن ڪائي رڪاوٽ پٽ وانگر اونچي ٻڌجي هن جي وهڪري کي روڪيندي آهي ته ڌيرج سان آهستي آهستي مٿي وڏي ان پٽ کي لتاڙي سولائي سان اڳتي وهڻ لڳندو آهي. پر جڏهن من پٿر وانگر سخت ٿيندو آهي ته وڏن پٿرن سان ٽڪرائي ڇٽگون پيدا ڪندو آهي يا پُري ٽڪر ٽڪر ٿي ويندو آهي. جڏهن اسان جو نظريو فيلسوفي وشواسن، انڌي مڃتائن، ڪرم ڪانڊن ۽ ٻاهرئين ڏيکاو تي موهجي پڪو ٿي ويندو آهي ته پٿرجيان ٿي پوندو آهي. پٿريلو نظريو بيجان ٻڌجي اسان کي انڌو ٻڌائيندو آهي ۽ اسان جي ڪلياڻ جو رستو بند ڪندو آهي. فرقي جي غلاميءَ ۾ قاتل هجڻ ڪري اسان سچ کي پنهنجي عينڪ سان ئي ڏسڻ ٿا چاهيون، اِن کي مروٽي سروٽي پنهنجي مڃتا مطابق ئاهڻ چاهيون ٿا، ان تي پنهنجو رنگ روغن لڳائي اُن جي سهج اصليت ۽ اصلي نزاڪت ناس ڪندا آهيون هن غلط ڪوشش ۾ پنهنجي من جي سرلتا ناس ڪريون ٿا ۽ اُن کي چل ڪپٽ سان پريون ٿا.

حرفتبازي سختي آهي، سرلتا نرمائي آهي. حرفت ايمان آهي، سرلتا نهٺائي آهي، حرفت ڳنڍ ٻڌڻ آهي، سرلتا ڳنڍ کولڻ آهي.

9. سرل چت

سرلتا ئي چت جي پوترتا آهي. چل ڪپٽ گندگي آهي. گندگي نقصان پهچائيندڙ ۽ پوترتا سڀ مطلب پورا ڪندڙ آهي. چل ڪپٽ سموري چڱائيءَ کي ناس ڪندڙ آهي. سرلتا سڀ جو ڀلو ڪندڙ آهي. نه صرف پنهنجي لاءِ پر سڀ جي ڀلي ۽ سک جي اُپاءَ لاءِ سرلتا اپنايون ۽ چل ڪپٽ ڇڏيون.

قدرتي صاف من سڀاوَ ۾ سرل هوندو آهي. سرلتا ويئي تہ سمجهو پوترتا ويئي. سرلتا وڃائڻ جا ڪي مکيہ سبب آهن جن کان اسان کي هوشيار رهي بچڻ کپي. ڪهڙا ٿي؟ لوڀ، اهم ۽ فيلسوفي نظريا. انهن ٽنهي مان ڪنهن بہ هڪ سان جڏهن من ۾ جيترو موهہ پئدا ٿيندو آهي، تڏهن اسان اوتري ئي سرلتا وڃائي ويهون ٿا اوتري ئي پوترتا وڃائي ويهون ٿا، اوترا ئي ميرا ٿي وڃون ٿا. اوترو ئي سک شانتي وڃائي ويهون ٿا ۽ اوترو ئي دکي ٿيون ٿا.

جڏهن ڪنهن شيءِ، ماڻهو يا حالت لاءِ لالچ جاڳندي يا موهہ وڌندو تڏهن اُن کي حاصل ڪرڻ لاءِ يا حاصل هجي تہ اُن کي پنهنجي قبضي ۾ رکڻ لاءِ اسان خراب ۾ خراب طريقي اپنائڻ لاءِ آتا ٿي ويندا آهيون. چوري، ڌاڪو، ڪوُڙ، ٺڳي، چل، ڪپٽ، دوکو يا ٻيا سڀ ڪجهہ اختيار ڪندا آهيون. پنهنجي چريائيءَ ۾ من جي سموري سرلتا وڃائي ويهندا آهيون. منورٿ پوري ڪرڻ جي جلدبازيءَ ۾ وسيلن جي پوترتا وڃائي ڇڏيندا آهيون. وڻندڙ شيءِ حاصل ڪرڻ لاءِ هٺ ۽ اڻوڻندڙ لاءِ برخلافي پئدا ٿيندي آهي. اسان اهڙا پاڳل ٿي پوندا آهيون جو لالچ جي پورتي ڪرڻ ۾ جيڪا بہ رڪاوٽ ايندي آهي اُن کي دور ڪرڻ لاءِ يا ناس ڪرڻ لاءِ بيحد ڪروڌ، ساڙ، دوهہ، کوٽائپ ۽ بدڀاونائن کي جنم ڏيڻ لڳندا آهيون ۽ ان جي ڪري پنهنجي سک ۽ شانتيءَ کي وڃائي ڇڏيندا آهيون. من جي سرلتا ناس ڪري ڇڏيندا آهيون.

اهڙيءَ طرح جڏهن 'مان-منهنجي' لاءِ موهہ وڌي ٿو تہ ان ڪوڙي ڪلپنا واري 'مان-منهنجي' جي ڪوڙي سلامتي ۽ مٿيا لاڀ-سک لاءِ، جن کي 'مان-

دوھا

جي چاھيو پنھنجو ڀلو، ۽ جي چاھيو نرواڻ،
ٿيو سرل بلڪل سرل، ڇڏيو ڪپٽ ايمان.

جيسين من ۾ کوٽ آ، تيسين مڪتي ملڻي نہ آھي،
جنھن ڀي کوٽ ڇڏي ڏني، سوئي سولي مڪتي پائي.

پنھنجي من جو ڇل ڪپٽ، پنھنجو ئي دک بار،
پنھنجي من جي سرلتا، پنھنجي سک جو سار.

کوٽ رھي نہ ڇل ڪپٽ، رھي نہ مٿياچار،
شڌ ڌرم اھڙو جاڳي، جو صاف ٿئي وھنوار.

سھج سرل پاڻيءَ مثي جيان نرمل ٿئي من،
ڪائي ڳنڍ نہ ٻڌجي ۽ ٻڌجون ڪين ڪنن.

اندر ٻاھر آنند ھڪڙو، سرل صاف وھنوار،
وچن ڪرم ھڪ جھڙو، اِھو ڌرم جو سار.

ٻنڌ ٻڌڻ ڏاڍو ڏک ڏيندڙ آهي. سچو سک تہ ٻنڌ کولڻ ۾ ئي آهي، ڇڏڻ ۾ ئي آهي. جڏهن جڏهن سرلتا وڃائي حرفتبازي اپنائيندا آهيون، تڏهن تڏهن پنهنجي من جو ميزان وڃائي ويهندا آهيون. اندر ئي اندر تناو کينچاتاڻي شروع ٿي ويندي آهي. اٽڪاٽائيءَ ۾ ٻنڌيون ٻڌڻ لڳندا آهيون. اَنتر من ٻنڌيون ڳوڙها ٿي پوي ٿو ان سان گڏوگڏ شرير جون تندون مڇ جي نوڙيءَ وانگر وڪڙ کائي اکڙجي پونديون آهن. ان سبب اسان بيچين، پريشان، بيآرام ۽ اُداس ئي رهندا آهيون. اسان جي هيءَ اندرين مونجهہ جڏهن چڙچڙهات ۽ خفي ٿيڻ جي روپ ۾ ٻاهر ظاهر ٿيندي آهي تہ اُن وقت اسان پنهنجي پريشاني ٻين تي وسائيندا آهيون.

ان جي اُبتڙ، من جڏهن سادو ۽ سرل رهندو آهي تہ نرم ۽ منو، نهنو ۽ صاف، سيتل ۽ شانت رهندو آهي. شرير بہ هلڪو ڦلڪو، پريم ۽ ڦڙتائيءَ سان ڀريل رهندو آهي. نتيجو طور اسان پريت ۽ خوشي، سک ۽ سڄڻائپ سان ڀرجي ويندا آهيون. اسان جو هي اندريون پريم ۽ خوشي، دوستي ۽ ديا جي روپ ۾ ٻاهر ظاهر ٿيندو آهي ۽ اهڙي نموني اسان پنهنجو سک ۽ شانتي ٻين ۾ ورهائيندا آهيون، چوطرف سڄي وايومنڊل کي خوشيءَ سان ڀريندا آهيون.

انڪري پنهنجي، پرائي ۽ سڀني جي ڀلائيءَ لاءِ ڇل ڪپٽ ڇڏيون ۽ سرلتا اپنايون.

ڇل ڪپٽ ۾ بيحد ڏک ۽ سرلتا ۾ بيحد سک سمايل آهي.

* * *

سمورو ڪوهيڙو ۽ سمورو ڏنڊ دور ٿي ويندو آهي. هي جيڪي اسان ٻڌل-ٻڌايل ۽ پڙهيل-پڙهايل ڳالهين سان پنهنجي من کي ٻڌڻ ڇڏيو آهي. انهن اڳين مجتائن ۽ ڀرمن سچ ڏسڻ ۾ رڪاوٽ پئدا ڪئي آهي. اُهي اسان جي اکين تي رنگين چشمي وانگر چڙهيل رهن ٿا ۽ اسان کي حقيقي سچ کي پنهنجي ئي رنگ ۾ ڏسڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا. ڌرم جي نالي ۾ اسان انهن هٿڪڙين کي خوبصورت زيورن وانگر پائي رکيو آهي. سچي ڀڳتيءَ لاءِ انهن هٿڪڙين جو ٽٽڻ بلڪل ضروري آهي.

چٽ کي چاهنا، ڏڪار، موهه، ساڙ، ٻري ڀاونا، ڪوتائپ، ڀؤ، شڪ، ڪوڙيون، بي بنياد خيالي مجتائون ۽ جهونين رسمن جي پڪڙ کان آزاد ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته سيني پراڻي روايتن کي هڪ پاسي رکي، ڀاونا کي پري ڪري اسان اصليت ۾ جيئڻ سکون اصليت ۾ جيئڻ يعني زمان حال ۾ جيئڻو آهي. هن پل ۾ جيئڻو آهي، ڇاڪاڻ ته گذريل پل نه اصليت نه آهي. اهو ته پورو ٿي چڪو. هاڻي ته ان جي صرف يادگيري رهي سگهي ٿي، نه اهو پل. اهڙي نموني ايندڙ پل هاڻي ته حاضر نه آهي اُن جي صرف ڪلپنا (تصور) ۽ ڪامنا ڪري سگهجي ٿي، اصلي صورت نٿي ڏسي سگهجي. هلندڙ وقت ۾ جيئڻ جو مطلب آهي ته هن پل ۾ جيڪو آزمودو ملي رهيو آهي. ان باري ۾ سجاڳ ٿيڻ جيئڻ. گذريل سمي جون سڪدائي يا دکدائي اُميدون يا شڪ-شبه اسان کي هلندڙ سمي کان پري وٺي وڃن ٿا. اهڙي نموني سچي ۽ صحيح جيون کان منهن موڙي منجهيل ٿا رهون. هلندڙ وقت کان الڳ اهڙو ڪوڪلو، بي مطلب جيون ئي اسان جي قسمين قسمين دکن جو ڪارڻ ٿئي ٿو. پريشاني، بيصبري، لوڀ، غمگيني، دٻ ۽ بيماري پئدا ٿئي ٿي. جيئن ئي اسان 'هن پل' جو اصلي درشن ڪندي جيئڻ لڳون ٿا تيئن ئي دکن کان قدرتي ڇوٽڪارو ملڻ لڳي ٿو.

هن ديش جي هڪ مهان پرش ڀڳوان تٿاڳت گوتم ٻڌ کي اِهو ئي تز گيان پراپت ٿيو هو. هن پل ۾ جيئڻ سکي من کي مڙهيل سنسڪارن کان آجو ڪري، بلڪل شڌ بڻائي، ٻنڌنن کان آجو ٿي سگهڻ جي ڪلا حاصل ٿي.

هنن جيون ڀر، ماڻهن کي هن ڪلياڻڪاري ڪلا جو ابياس ڪرايو. ان

10. ڌرم جو عام هتڪاري سروپ

ماڻهو هڪ سماجڪ پراڻي آهي. سماج کان الڳ رهڻ نہ ان جي لاءِ واجب آهي نہ ممڪن آهي. سماج ۾ رهندي سماج لاءِ وڌ ۾ وڌ صحتمند مددگار بڻجي رهي سگهي، تڏهن ئي ان جو جيون ڪارائتو ۽ سڪيارٿو آهي. صحتمند ماڻهن سان صحتمند سماج جو نرماڻ ٿيندو آهي. بيمار ماڻهو اُهو آهي جنهن جو من براين سببان بگڙيل آهي. اهڙو ماڻهو پاڻ تہ دکي ٿيندو آهي پر پنهنجي سمپرڪ ۾ ايندڙ ماڻهن کي بہ دکي ڪندو آهي. ان ڪري سڪي ۽ صحتمند سماج جي نرماڻ ڪرڻ لاءِ هر ڪنهن ماڻهوءَ کي سک ۽ صحت سان ڀرپور ڪرڻ بلڪل ضروري آهي. هڪ هڪ ماڻهو صاف من وارو هجي، شانت من وارو هجي، تڏهن ئي سموري سماج جي شانتي جٽادار رهي سگهندي. ڌرم هن شخصي شانتيءَ لاءِ هڪ انوکو اُپاءُ آهي ۽ ان سببان دنيا جي شانتيءَ لاءِ بہ صرف هڪ ئي اُپاءُ آهي.

ڌرم جو مطلب فرقو نہ آهي. سمپردايہ تہ ماڻهو ماڻهوءَ ۽ طبقي طبقي جي وچ ۾ پيدا ٿيل ڀيدڀاو جون ڀتيون پيدا ڪرڻ ۽ الڳ ڪرڻ جو ڪم ڪندو آهي، پر شڌ ڌرم ڀتين کي ڀڃيندو آهي ۽ ورهاڱي کي ٽاريندو آهي.

شڌ ڌرم ماڻهوءَ جي اندر سمايل اهم ڀاو يا هيٺيانو کي پاڙن کان پٽي ڦٽي ڪندو آهي. ماڻهوءَ جي من جا شڪ شبها، جوش ۽ پريشانيون هٽائيندو آهي ۽ ان کي اوُجلتا ۽ نرملتا جي ان سطح تي پهچائيندو آهي جتي نہ اهنڪاري ڏيکاءُ ٽڪي سگهندو آهي ۽ نہ هيٺيانو جي ڳنڍين ۾ ٻڌل غريبي پلجي سگهندي آهي. جيون ۾ برابري ڀاو ايندو آهي ۽ هر شيءِ ۽ شخص ۽ حالت کي ان جي اصلي روپ ۾ ڏسي سگهڻ جي نرمل پرگيا سوجهہ بوجهہ جاڳندي آهي. ڪنهن ڳالهہ کي مرچ مصالحہ لڳائي وڌائي ۽ مبالغي جي نوع ۾ ڀڄڻي ڀاو جي جذبات دور ٿي ويندي آهي. گيان، وويڪ ۽ سمجهہ جون اندريون اکيون صاف ٿي وينديون آهن. اندرين نظر سان آرپار ڏسي سگهبو آهي. هن جي سامهون،

ڪروڌا (ديا) ۽ پر گيا لاءِ پنهنجي شرڌا ظاهر ڪري ته ڪوئي اهم نه آهي. گڻن لاءِ ظاهر ڪيل شرڌا، انهن گڻن کي پنهنجي جيون ۾ اپنائڻ لاءِ پريرڻا ڏيندي آهي، ان ڪري ڪلياڻڪاري ٿيندي آهي. اهڙي نموني شڪرادائي مجڻ به من لاءِ سکدائي آهي. شرڌا ۽ شڪرادائيءَ جي ڀاونا من کي ڪومل (نازڪ) بڻائيندي آهي، جيڪا وپشينا ساڌنا دواران چت کي شڌ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مددگار ٿيندي آهي.

وپشينا ساڌنا شرير ۽ من جي سڀاوَ جي اصلي روپ جي باري ۾ سڄاڳ ٿيڻ سيکاريندي آهي. سڀاوَ جي اصلي درشن جو هي اڀياس ڪنهن به ورگ (جيئن ته غريب، وچولو ۽ شاهوڪار طبقو) فرقي، جاتيءَ، ديش، ڪال (زمان يا وقت)، بوليءَ جي ماڻهوءَ لاءِ مشڪلات پيدا نه ڪندو اِنسان پنهنجي ئي اِنساني سڀاوَ جو خود ئي اڀياس ڪندو آهي. آتم درشن ڪندو آهي. اندر ۾ جهاتي پائيندو آهي، پنهنجي اندر سمايل گندگين جو اصلي درشن ڪندو آهي. پنهنجي من جي براين جو پورو پورو جائزو وٺندو آهي. اهڙي نموني ڏسندي من جا اُهي وڪار دور ٿيندا آهن ۽ ساڌڪ هڪ پلو ۽ نيڪ ماڻهو بڻجي سچي ۽ صحيح اِنساني ڌرم ۾ شامل ٿيندو آهي. اهڙو نيڪ اِنسان، ڪنهن به ذات، طبقي يا فرقي جو چو نه هجي پر سچي اِنساني سماج لاءِ فخر ثابت ٿيندو آهي. پاڻ ته سک شانتيءَ سان رهندو آهي پر پنهنجي لهه وچڙ ۾ ايندڙ سيني ماڻهن جي سک-شانتي وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو آهي.

نيڪ ڌرم جو هي، عام ماڻهوءَ جو، سيني ملڪن جو ۽ سيني وقتن ۾ ۽ سڀ جو پلو ڪندڙ روپ، وڏ ۾ وڏ ماڻهن کي حاصل ٿئي ۽ انهن جي سک جو باعث (سبب) بڻجي، اِها ئي شڀ ڪامنا آهي.

* * *

سَدائي طريقي جو نالو وپشينا ساڌنا آهي. هن پل ۾ جيڪا آزمودي ذريعي ڄاڻ ملي رهي آهي اُن باري ۾ سڄاڳ رهڻ جو ابياس ساڌڪ ڪندو آهي. پنهنجي شرير جي باري ۾ سڄاڳ رهندي شرير تي غور ڪندو رهندو آهي. جدا جدا عضون ۾ محسوس ٿيندڙ سک سک ڏيندڙ ۽ دک ڏيندڙ سنويدنائن جي (تحرڪ) باري ۾ سڄاڳ رهي ساکي ڀاو سان انيڀوَ ڪندو رهندو آهي. پنهنجي من جي باري ۾ سڄاڳ رهندي من تي غور ڪندو رهندو آهي. من ۾ اُٿندڙ قسمين قسمين چڱين ۽ لڱين ورتين جي باري ۾ انهن جي ڳڻ، ڌرم ۽ سڀاوَ جي باري ۾ سڄاڳ رهندي ۽ آخر ۾ شرير، سنويدنا، من ۽ من جي ورتين جي حدن کان پري نرواڻ ڌرم جو ساکياتڪار ڪندي ڌرم تي غور ڪندو آهي. سڄاڳيءَ جو هي ابياس هن جي من تي پيل سڀ خراب وڪار ۽ سنسڪار اُکيڙي ڇڏيندو آهي. من آهستي آهستي موهه، آسرا، خراب عادتون، لوڀ لالچ جي ٻنڌنن کان، گذريل وقت جي سک ڏيندڙ ۽ دک ڏيندڙ يادگيرين جي بيمطلب اُلجهنن کان، ايندڙ وقت جي انديشن ۽ ڊپ پئدا ڪندڙ من جي تڪليفن کان، ايندڙ وقت جي سونهري سپنن جي خيالي سوچ ويچار کان نجات پائي پنهنجي سڀاويڪ قدرتي پوترتا حاصل ڪندو آهي.

سيني موڙن، اڪڙڻ، جڪڙڻ ۽ ٻنڌين جي کينچاتاني ۽ تناوَ پريل مانسڪ پيڙائن کي دورڪرڻ جو اهو سهج سولو طريقو آهي جو هر اِنسان لاءِ سمان روپ سان ڪلياڻڪاري آهي جو ابياس ڪرڻ لاءِ اِهو ضروري نه آهي ته ڪوئي ٻڌ فرقو اختيار ڪري، اِهو به ضروري نه آهي ته ان طريقي جي پرچار ڪندڙ ڀڳوان ٻڌ جي تصوير کي نمسڪار ڪري، ڌوپ ڏيئي، پرساد، آرتيءَ سان پوڄا ڪري. اِهو به ضروري نه آهي ته اُن آدي گروءَ يا اُن جي شڪل جو ڌيان يا اُن جي نالي جو منتر دهرائيندو رهي. اِئين نه ٿئي نه اُن جي شرڻ وڃڻ جي آسري اهڙو انڌو آتم سمرپڻ (خودي حوالي ڪرڻ) ڪري ڇڏي جو پاڻ بنا ڪجهه ڪرڻ جي صرف اُن جي (گوتم ٻڌ) ڪرپا سان نري وڃڻ جو ڪوڙو ڀرم سر تي سوار ڪري ڇڏي. هن طريقي سان پاڻ فائدو حاصل ڪرڻ کانپوءِ ٻين ماڻهن کي فائدو رسندو ڏسي، جيڪڏهن ڪوئي ساڌڪ، مهاڀاوان، مهاپرگياوان ڀڳوان تٿاگت گوتم ٻڌ جي لاءِ شڪرادائي ۾ پرجي هن جي

11. ڌرم ئي رکيک آهي

پنهنجي آئينده جي بچاءَ لاءِ چنتا ڪندو رهڻ اِنساني من جو سڀاو ٻڻجي ويو آهي. ايندڙ پل سڪدائي ين، يوگ ۽ ڪلياڻ سان پريل ٿين اِن لاءِ اِنسان جدا جدا آسرا ۽ سهارا ڳولهيندو رهي ٿو. پر ڌرم کي ڇڏي ڪوبہ آسرو ۽ سهارو آهي ئي ڪونہ جيڪو آئينده لاءِ هن کي ٻي شڪ ۽ ٻي ڊپو ٻڻائي ساڌنا ۽ سمتيءَ سان ڀري ڇڏي ٿو انڪري ئي پاڻ کي ڌرم جي حوالي ڪرڻ صحيح شرڻ وٺڻ آهي ۽ ڌرم جو بچاءُ ئي صحيح بچاءُ آهي. ڌرم اُهو جيڪو اسان جي اندر ۾ جاڳي ۽ جنهن تي اسان پاڻ عمل ڪريون. ٻئي ڪنهن جي اندر جاڳيل ۽ ٻئي جو عملي ڌرم اسان جي ڪهڙي ڪم جو؟ اهو تہ وڌ ۾ وڌ اسان کي اُتساهہ ۽ طريقو ڏيئي سگهي ٿو پر اسان جو اصل فائدو تہ پنهنجو پاڻ ڌرم تي هلڻ ۾ آهي. انڪري ڌرم جي شرڻ جو صحيح مطلب تہ خود جي شرڻ ۾ اچڻ آهي يعني اسان جو وڏو پلو اِن ڳالهہ ۾ آهي تہ پليءَ پت خود جي شرڻ ۾ اچڻ جو ابياس ڪريون. ڪنهن بہ ٻاهرينءَ طاقت جي پراڌينتا جو ابياس اسان کي ڪانئر، پراڌين ۽ نبل ئي ٻڻائيندو. پنهنجو اونچو اِستان ۽ پنهنجي شرڻ تي صحيح معنيٰ ۾ اونچو اِستان ۽ ڌرم شرڻ آهي. هر مصيبت ۾ اسان اندر جو ڌرم جاڳايون. پاڻ عمل ڪيل ڌرم ذريعي هڪ اهڙو محفوظ (بيجوڪو) ٻيٽ (پاڻيءَ وچ ۾ ڌرتيءَ جو اونچو اِستان) ٺاهيون جنهن ۾ اسان جي جيون جي لڏندڙ ٻيڙي صحيح سلامت رهي سگهي. مصيبتن ۾ اسانجو بچاءُ قائم ٿي سگهي.

مکيہ ڳالهہ اِها آهي تہ اندر جي پرگيا روشن رکون ۽ ان لاءِ سماڌيءَ دواران پنهنجي چت جي ايڪاگرتا مضبوط ڪريون ۽ شرير ۽ زبان جي براين کان بچندي پنهنجي شيل (گڻن) کي لڳاتار قائم رکون. شيل،

دوھا

فرقو ڌرم نہ آھي ۽ ڌرم نہ ٻٽي ديوار،
ڌرم سيڪاري ايڪتا ۽ ڌرم سيڪاري پيار.

شڌ ڌرم جاڳي جتي، سيکو سڪہ اُت پائي،
پنھنجو، ٻئي جو ۽ سڀ جو، ڌرم ڀلو چاھي.

ڌرموان جي زندگي، سڀ جي سڪہ لاءِ ٿئي،
پنھنجي ڀي ڀلو ٿئي ۽ سڀ جو ڀلو ٿئي.

ڌرم تي ھلندڙ پرش ٿئي ۽ ڌرم پالي ھر ناري،
ڌرم وان سنتان ٿئي تہ سکي ٿئي سنساري.

گذريل پل ۾ جي رھيا تنھن کي جيئڻ نہ آيو،
ھن پل ۾ اگر جيئون تہ اھو جيئڻ سڄايو.

پل پل، کڻ کڻ رھي سڄاڳ، پنھنجا ڪرم سڌار،
سکي رھڻ جي اِھا ڪلا، پنھنجو پاڻ ڏانھن نھار.

دوھا

ڌرم برابر نہ ڪوَچ آ، نہ ڌرم برابر ڍال،
ڌرم پالينڌڙ جو سدا، ڌرم بڻي رکپال.

تباهيءَ واري ٻوڏ ۾، ڌرم ئي ٻيڙي سمان،
وقت اونداهي رات ۾ ڌرم ئي ڏيئي سمان.

ڌرم برابر رکيڪ نہ ڪو، دوست يا مددگار،
هلون ڌرم جي راھ تي، رکون ڌرم سان پيار.

جيون ۾ اوندھہ اچي يا اچي تيز طوفان،
شرڻ اچ تون ڌرم جي، ڌرم وڏو ٻلوان.

پلي جڳت دشمن بڻي، يا دوست رهي نہ ڪوئي،
ڌرم جو پالي سدا، تہ سکي رهي سو ئي.

ڌرم اسان جو ايشور، ڌرم اسان جو سائين،
پئہ ڪريون ڇو ڪنهنجو؟ ڌرم ساڻ سدائين.

سماڄي ۽ پرڳيا جو ھي شڌ ڌرم اسان جينرو سلامت رکنداسين يعني اسان جيترا ڌرموان ٿينداسين. اوترو ئي ھن پاڻ عمل ڪيل، پاڻ اپنايل ۽ پاڻ بچايل ڌرم ذريعي پنھنجو بچاءُ ڪري سگھنداسين.

ڌرم پالن ڪندڙ جو بچاءُ خود ڌرم ئي ڪندو آھي. تنھن ڪري پنھنجي صحيح بچاءُ لاءِ پاڻ ڌرم پالن ڪندڙ بڻجون، ان ۾ اسان جو ڀلو سمايل آھي.

*   *   *

سمجهہ ۾ اچي ويس تہ نالي ۾ ڇا رکيو آهي! امرلعل بہ مرن ٿا، ڏنونتي بہ غريب ٿي سگهي ٿي، رهبر بہ راهہ ڀلجي سگهن ٿا تہ سچ پچ نالي جي ڪوڪلي اهميت اجائي ۽ بي مطلب آهي. جنم ڪان انڌو پر نالو 'نيٽسڪ' جنم ڪان ڏکي پر نالو سدا سکرام؛ جيڪڏهن منهنجو نالو پاپڪ رهيو تہ منهنجو ڇا بگڙجندو؟ مان پنهنجو ڪرم سڌاريندس، ڪرم ئي مکيہ ۽ وڏو آهي.

جيڪا ڳالهہ ماڻهوءَ جي نالي سان لاڳو آهي سا فرقي جي نالي سان بہ لاڳو آهي. نہ ٻوڌي فرقي جا سڀ ماڻهو عقل وارا ٿيندا آهن ۽ نہ جين فرقي جا سڀ ماڻهو خوديءَ کي جيتڻ وارا ٿيندا آهن. نہ برهمڻ فرقي جا سڀ برهم گياني ۽ نہ اِسلام جا سڀ سمرپت ۽ شانت. جيئن هر شخص ۾ چڱائي ۽ لڱائي ٻئي ٿينديون آهن تيئن هر سمپردايہ ۾ چڱا ۽ لڱا ماڻهو هوندا آهن. پر پنهنجي فرقي سان موهہ هجڻ ڪري اسان پنهنجي فرقي جي هر شخص کي نيڪ ۽ پرائي فرقي جي هر شخص کي برو مڃڻ لڳون ٿا. ٻوڌي، جئني، عيسائي يا مسلمان سڏائڻ سان نہ ڪوئي شخص نيڪ ۽ نہ ڪوئي برو بڻجي ويندو آهي. ٻوڌي سڏائڻ وارو شخص وڏو پڇڪاري بہ ٿي سگهي ٿو تہ پاپي بہ. اِها ڳالهہ سيني فرقن سان هڪ جهڙي لاڳو آهي. جيئن ڪنهن ماڻهوءَ کي سڃاڻپ لاءِ هن تي نالو رکيو ويندو آهي تيئن ئي ڪنهن فرقي جي سڃاڻپ لاءِ بہ. انهن نالن جو گڻن سان ڪوئي واسطو نہ آهي. تيل سان ڀريل دٻي تي شڌ گيهہ جو ليبل لڳائڻ سان بہ تيل تہ تيل ئي رهندو آهي شڌ گيهہ نہ بڻجي ويندو آهي. ڪنهن خوبصورت شخص جو نالو بدصورت رکون تہ اهو بدصورت ۽ ڪنهن بدصورت کي خوبصورت چوڻ لڳون تہ اهو خوبصورت تہ نہ ٿي پوندو. گل کي ڪنڊو يا ڪنڊي کي گل چوڻ لڳون تہ بہ گل گل ئي رهندو ۽ ڪنڊو ڪنڊو ئي رهندو.

ڪوئي ماڻهو هجي ڪنگال ۽ نالو هجيس راجا، اهڙو شخص جيستائين ان اصليت کي سمجهي ٿو تہ اهو راجا نالو صرف سڏ ڪرڻ يا سڃاڻپ واسطي آهي ۽ اصل ۾ مان ڪنگال آهيان، تيستائين هوُ هوش ۾ آهي. پر جنهن ڏينهن هوُ هن نالي جو تڪبر دماغ ۾ آڻي ڪنگال هوندي پاڻ کي راجا ۽ ٻين سيني کي گهٽ نظر سان ڏسڻ لڳندو آهي تڏهن اُهو پاڳل ماڻهو ٻين جي نظر

12. نالي ۾ ڇا رکيو آهي؟

پراڻي ڳالهه آهي. ڪنهن ماڻهوءَ جي ماءُ پيءُ هن جو نالو پاپڪ (پاپي) رکي ڇڏيو. جڏهن وڏو ٿيو تڏهن اِهو نالو اُن کي خراب لڳڻ لڳو. هن پنهنجي گروءَ کي عرض ڪيو ته سائين، منهنجو نالو بدلايو. هي نالو ڏاڍو اٺوٽندڙ آهي چاڪاڻ ته اشڀ، دکدائي ۽ منحوس آهي. گروءَ هن کي سمجهايو ته نالو ته صرف سڃاڻپ لاءِ ۽ وهنواري جڳت ۾ سڏ ڪرڻ لاءِ ئي ٿيندو آهي. نالي بدلائڻ مان ڪوئي مطلب حاصل نه ٿيندو. ڪوئي پاپڪ نالي هوندي به سٺن ڪرمن ڪرڻ سان ڌرمي بڻجي سگهي ٿو ۽ ڌرمي نالو هجي ته خراب ڪرمن ڪري پاپي بڻجي سگهي ٿو. مکيه ڳالهه ڪرم جي آهي، نالي ڦيرائڻ سان ڇا ٿيندو؟

پر هن نه مڃيو. ضد ڪندو رهيو. گروءَ چيس ته مطلب حاصل ته ڪرم سڌارڻ سان ٿيندو، پر جيڪڏهن تون نالو به سڌارڻ چاهين ٿو ته وڃ، ڳوٺ شهر جي ماڻهن کي ڏس ۽ جنهن ماڻهوءَ جو نالو توکي سٺو لڳي اُهو اچي ٻڌاءِ ته پوءِ تنهنجو نالو ڦيرائي اُهو رکيو ويندو.

پاپڪ سندر نالي وارن جي ڳولها ۾ نڪري پيو. گهر کان ٻاهر نڪرندي ئي هن کي ڪائيءَ جو درشن ٿيو. پڇيائين ڪير مري ويو؟ ماڻهن چيو، ’امرلعل‘. پاپڪ سوچيو نالو امرلعل پر موت جو شڪار ٿي ويو!

اڳتي وڌيو ته ڏٺائين ته ڪنهن غريب دکياري عورت کي مار ڏيئي گهر مان ڪڍيو ٿو وڃي. نالو پڇيائين ته ٻڌايو ويو ’ڌنونتي‘. پاپڪ سوچڻ لڳو ته نالو ڌنونتي پر پئسي پئسي لاءِ محتاج!

اڳتي وڌيو ته هڪ پليل ماڻهو ڳڏيس جو ٻين کان رستي جو ڏس پتو پڇي رهيو هو. نالو پڇيائين ته ٻڌايو ويو ’رهبر‘ پاپڪ وري سوچ ۾ پئجي ويو ته ’اڙي رهبر به راهه پڇن ٿا ۽ راهه ڀلجي پون ٿا!

پاپڪ واپس موٽي ويو. نالي جي ڪشش هاڻي ختم ٿي چڪي هئي. ڳالهه

ڏسڻ ڪپي ته هوُ ڪهڙي فرقي جو آهي؟ يا ڪهڙي فيلسوفي-مجتا ڪي مڃيندڙ آهي؟ يا ڪهڙين رسمن جو پابند آهي؟ پر اُن جي اُبتڙ اهو ڏسڻ ڪپي ته هن جي هلت ڪيئن آهي، جيون ۾ وهنوار ڪيئن اٿس؟ سکي آهي يا نه؟ پنهنجو پلو ڪندڙ ۽ ماڻهن جو پلو ڪندڙ آهي يا نه؟ جيڪڏهن ها ته اُهو ڌارمڪ ٿي آهي. جيڪڏهن نه آهي ته ان ماڻهوءَ جو ڌرم سان ڪوئي واسطو نه آهي. پلي هوُ پاڻ کي ڪنهن به نالي سان سڏائي، پلي هوُ چاهي ڪهڙي به فرقي جو هجي، چاهي ڪهڙو به ڪشش ڪندڙ بلو لڳائي گهمي. ڌرم جو فرقيپرستيءَ جي بلن سان ڪهڙو واسطو؟ ڪوڪلي نالي سان يا بلن سان اسان کي ڇا ملڻ وارو آهي؟ شراب سان ڀريل بوتل تي ڪير جو ليبل لڳل هجي ته اها پِي ڪري پنهنجي هاڃي ٿي ڪنداسين. جيڪڏهن اُن ۾ پاڻي ڀريل هجي ته اُن کي پِي ڪري اُڃ مٽائينداسين پر بلوان نه ٿي سگهنداسين. بلوان ٿيڻو هجي ته نج ڪير پيئڻو پوندو. بوتل جو رنگه روپ چاهي ڪهڙو به هجي، ليبل چاهي ڪهڙو به هجي، اُنهن نالن ۽ ليبلن ۾ ڇا رکيو آهي؟ فرقيپرستي، ذات پات ۽ قوميت جو ڀوت سر تي سوار ٿيندو آهي ته صرف بوتل ۽ بوتل جي نالي ۽ ليبل کي ٿي اهميت ڏيڻ لڳندا آهيون، ڪير ۽ ڌرم کي معمولي سمجهڻ لڳندا آهيون.

اچو ته انهن نالن ۽ ليبلن کان مٿي اُٿي پنهنجي هلت سڌاريون. زبان تي ضابطو رکندي ڪوڙ، ڪوڙاڻ، بيمطلب بڪواس کان پاسو ڪريون. شرير تي ضابطو رکندي، هتيا چوري، ويڀچار ۽ نشيدار شين کان ڪنارو ڪريون. گذران لاءِ ايمانداريءَ سان ڪمايون ۽ سماج وروڌي ڏنڌي کان پاسو ڪريون. من تي ضابطو رکندي ان کي وس ۾ رکڻ سکون، ان کي هميشه، خبردار ۽ سجاڳ رهڻ جو اڀياس ڪرايون ۽ هر پل جي گهٽنا جيڪا جهڙي نموني آهي اُن کي ساکي بڻجي ڏسي سگهڻ جي طاقت وڌائي، هردي جي حسد، بيائي ۽ موهه جا بنڌن دور ڪريون. من کي هميشه نرمل بڻايون ۽ ان کي اسيم مذرتا ۽ ديا سان ڀريون. بنا نالي ليبل واري ڌرم جو اهو ئي منگلڪاري وڌان آهي.

* * *

۾ ڪلڻهاب ٿيندو آهي. پر جتي راجا نالي وارا هزارين ۽ لکين غريب هجن ۽ سڀ يڪمشت ٿي پاڻ کي راجا مڃڻ لڳن ۽ ٻين سيني کي گهٽ نظر سان ڏسڻ لڳن ته پاڳلن جو اهڙو جهنڊ صرف ڪلڻهاب ئي نٿو ٿئي پر سڄي سماج لاءِ خطري جو ڪارڻ بڻجي پوي ٿو. نيڪ اهڙي حالت اسان جي ٿي ويندي آهي جڏهن اسان ذات جو، فرقيپرستيءَ جو يا قوميت جي نشي ۾ چوُر پاڳل ٿي پوندا آهيون ۽ پاڻ کي اُتم مڃيندي ٻين کي نفرت جي نظر سان ڏسڻ لڳندا آهيون. اهڙي حالت ۾ اسان به سماج لاءِ خطري جو ۽ اُن جي اشانتيءَ جو ڪارڻ بڻجي پوندا آهيون. سک ۽ اَشانتي وڃائي سڄي ڌرم کان پري ٿي ويندا آهيون.

ڌرم کي ذات، ورڻ، طبقي، جماعت، فرقي، ديش ۽ قوم جي حدن ۾ ٻڌي نٿو سگهجي. اِنساني سماج جي ڪنهن به طبقي ۾ ماڻهو ڌارمڪ ٿي سگهي ٿو. ڌرم تي ڪنهن خاص طبقي جو خاص حق نٿو ٿي سگهي. ڌرم اسان کي نيڪ ماڻهو بڻجڻ سيکاري ٿو. نيڪ ماڻهو نيڪ ماڻهو آهي. اُهو پنهنجي فرقي جي ئي نه پر سڄي سماج جي سونهن آهي. جيڪو ماڻهو ئي نيڪ نه آهي اُهو نيڪ هندو يا مسلمان، نيڪ ٻوڌي يا جئني، نيڪ پارتيه يا برمي ۽ نيڪ برهمڻ يا کتري ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ ۽ جيڪو نيڪ ماڻهو بڻجي ويو اُهو صحيح معنيٰ ۾ ڌارمڪ بڻجي ويو. اُن کي ڪوئي ڪهڙي به نالي سان سڏ ڪري، ڪهڙو فرق پوندو؟ گلاب گلاب ئي رهندو، نالي ڦيرائڻ سان هنجي خوشبوءِ ۾ ڪوئي فرق نه ايندو. جنهن باغ ۾ ٽڙندو، نه صرف ان کي پر چوڌاري سڄي وايومنڊل کي پنهنجي خوشبوءِ سان معطر ڪندو. ان ڪري مکيه ڳالهه آهي ڌارمڪ بڻجڻ جي، نيڪ اِنسان بڻجڻ جي. پلي نالو ڪوبه هجي، سو رهي. باغ چاهي ڪهڙي به جماعت جو هجي، ان تي چاهي ڪهڙي به نالي جي تختي لڳل هجي پر گل پئدا ٿيڻ کپن ۽ خوشبوءِ ڦهلجڻ کپي.

فرقيپرستي ۽ ذات پات جو رنگين چشمو لاهي ڏسون تڏهن ئي ڌرم جو حقيقي روپ سمجهه ۾ ايندو. ٻيءَ حالت ۾ پنهنجي فرقي جو رنگ روغن، نالو ۽ ليبل ئي سڀ کان وڌا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڌرم جو سار بيمطلب ٿي پوي ٿو. ڌرم جي ڪسوٽيءَ تي لڳائي ڪنهن کي پرکٿو هجي ته اسان کي اهو نه

13. سچو ڌرم

سچي ڌرم جو سوجهرو قهلجڻ لڳو آهي. پاپ جي ڪاري ٻات ختم ٿيڻ جو وقت ويجهو اچي رهيو آهي. هن شڀ گهڙيءَ جو لاڀ وٺون ۽ پنهنجي اندر کي ڌرم جي روشنيءَ سان روشن ڪريون. پنهنجي اندر پيل اوندهه جا سمورا پاپ دور ڪري ڇڏيون.

اسان جي من جي اندرين اونهائين ۾ جيڪو راڳ، حسد، ٻيائي ۽ موهه سمايل آهي، ان کي دور ڪريون. لڳاءُ، حتيد ۽ موهه ئي پاپ سندو اندڪار آهي. ان کي دور هٽائڻ ئي ڌرم جي روشني آهي. اسان جو وڏو ڀڄ آهي جو اسان کي اهڙو سهج ۽ سولو طريقو مليو جنهن سان پنهنجي اندرئين من کي ڌوئي سچي ڌرم جي پوترتا کي ڌارڻ ڪري سگهون. هن موقعي جو پورو پورو لاڀ وٺون.

هن رستي تي هلڻ لاءِ هرگز لازمي نه آهي ته ڪوئي پاڻ کي ٻوڌي چوائي. ٻوڌي چئون يا نه چئون پر جيڪڏهن اسان ان مهادياوان ڀڳوان ٻڌ جي ٻڌايل سولي طريقي کي اپنائي پنهنجي اندر جو لڳاءُ، حسد ۽ موهه جي ڪارنهن روپي پاپ کان ڪنارو ڪرڻ ۾ ئي اسان جو فائدو آهي، ڀلو ۽ سک آهي. پوءِ اسان پاڻ کي ڪنهن به نالي سان سڏايون، اسان ڪلياڻڪاري مارڳ جا سچا پوئلڳ، دک دور ڪندڙ واحد وات جا پانڌيئڙا ۽ سيني دکن کان ڇوٽڪارو پائڻ جا سچا حقدار ئي آهيون.

سچي ڌرم جي اٿاڻ سبب ئي اسان اوچ نيچ جون ڀتيون ٻٽائي ماڻهو ماڻهوءَ جي وچ ۾ ورهاڱو پئدا ڪندا آهيون. سچو ڌرم انهن ڀتين کي ڇڏي طرح طرح جي ورهاڱي کي ختم ڪندو آهي ۽ ايڪتا جي سطح تي اهڙي اِنساني سماج جي رچنا ڪندو آهي جنهن ۾ ڪنهن ذات پات يا اوچ نيچ جو ڀيد ڀاو نه رهي. ها، جيڪڏهن ڪوئي فرق هوندو آهي ته ڪو ڪيترو شيلوان (سلڇڻو) سماڌيوان يا پرگياوان آهي؟ پر اِهو ڀيد به محڪم يا سدائين نه

دوها

نالو ڦيري ڇا مليو؟، دکي رهون ڏينهن رات،
جيسين من ميرو رهيو سکہ ملي نہ سانت.

نالي ڦيرڻ ۾ لڳي، خرچ نہ پئسو پائي،
ڪم سڌارڻ اوکو نالي ڦيرڻ ۾ سولائي.

نالو پل ڪهڙو هجي، پر سڌاريون وهنوار،
حسد ۽ بيائي کي ڇڏي، ڪريون دوستي ۽ پيار.

هندو، مسلم، پارسي، بوڌي، عيسائي، جئن،
ميرو من دکي رهي، ڪهڙو نالي ۾ چئن.

درگڻ سان ئي دکہ ملي، سدگڻ آ سکدائي،
نالو آ وهنوار لاءِ بئي ڪم اچي نہ پائي.

ڏنونتي بکي مري ۽ جسونتي بدنام،
وديانتي جاهل ڦري نالو آ ناڪام.

دوها

جاڳو ماڻهو جڳت جا، گذري ڪاري رات،
تيو سوجهرو ڌرم جو، شب بڻي پربات.

اوچو تہ سڀ نر-ناريون، هلون ڌرم جي وات،
ملي سکہ ۽ شانتي، رڳو ڌرم جي وات.

پرگيا شيل سماڌيءَ جي، وهي تروبڻي ڌار،
سڀ ڪنهن جو ڀلو ٿئي ۽ سڀ جو ٿئي اُپڪار.

دئيش ۽ درياوَ جو، رهي نہ نانءُ نشان،
پريم ۽ سدڀاوَ سان ڀريون تن من پراڻ.

ذات پات ختم ٿئي، رهي سمپتيءَ جو نہ ايمان،
شڌ سمتا جاڳي وري ٿئي سڀ ڪنهن جو ڪلياڻ.

اهنڪار، مان پٽي جي، شل ڀڄي پوي ديوار،
وهي من ۾ پيار جي، ڌرم - گنگا جي ڌار.

رهندو آهي، ڪنهن ٻاهرين طاقت دوارا ان ۾ ٿي مقرر ٿيل نہ هوندو آهي. اها ڳالهہ هر ڪنهن ماڻهوءَ جي وس هوندي آهي تہ هو پنهنجي ڪوشش سان وڌ ۾ وڌ شيلوان بڻجي شرير ۽ واڻيءَ جي برائين کان بچي، وڌ ۾ وڌ سماڌيوان بڻجي پنهنجي من کي وس ۾ رکي ۽ وڌ ۾ وڌ پرگياوان بڻجي، لڳاءُ، حسد ۽ موهہ روپي من جي گندگيءَ کان ڇوٽڪارو پائي. جيڪو سمتا ۾ نہ آهي اُن کي سمتا حاصل ڪرڻ جو پورو پورو حق آهي ۽ پوري پوري سهوليت آهي.

شيل، سماڌي ۽ پرگيا ۾ پوري طرح قائم رهڻ وارو شخص، قدرتي، مترتا ۽ ديا جي ايشوري گڻن سان ڀرجي ويندو آهي. هن جي من ۾ ساڙ، ڪوتائپ، وڏائي، نفرت، دٻپ ۽ ڪائرتا نہ رهي سگهندا. نہ هو ذات، ورڻ، خاندان ۽ ڌن جي سببان اهم ڀاوَ جو يا انهن جي اڻاٽ سبب هيڻ ڀاوَ جو شڪار ٿيندو آهي. ڪوئي ماڻهو ڪنهن بہ ذات، خاندان، ورڻ يا فرقي ۾ ڄميو هجي، ڌنوان هجي يا نرڌن، تعليم يافت هجي يا اڻپڙهيل پر شيل سماڌي ۽ پرگيا ۾ قائم هجي تہ پڪ ئي پڪ هو پورن اِنسان آهي ان ڪري مهان آهي.

اِنسانيت جي هن صحيح ملهہ/ماپ سان پنهنجو پاڻ کي ماپيندي رهڻ جو اڀياس وڌايون ۽ جڏهن بہ پنهنجي شيل، سماڌي ۽ پرگيا ۾ ذرا بہ گهٽتائي ڏسون تڏهن اُن کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃون ۽ اهڙي نموني پنهنجو سچو ڪلياڻ ڪريون.

* * *

تاريندڙ ديوتا يا برهما يا ڪنهن پاڪندي ڏارمڪ اُپديشڪ جي ڪوڙي خاطري نہ آهي جيڪا اسان پڌندڙن لاءِ ڪڪہ جو سهارو بڻجي سگهي.

تہ پوءِ وپشينا ڇا آهي؟

وپشينا سچ جي اُپاسنا آهي، سچ ۾ جيئڻ جو اڀياس آهي. سچ يعني يٿارٿ. يٿارٿ ورتمان پل جو ٿيندو آهي. گذريل وقت جون يادگيريون ٿينديون آهن. ڀويشيہ ايندڙ وقت جون خواهشون ۽ ڪلپنائون ٿينديون آهن. سچائي هن ئي پل جي ٿيندي آهي. ان ڪري وپشينا هن پل ۾ جيئڻ جو اڀياس آهي. هي پل جنهن ۾ ماضيءَ جي بڪ بڪ يا ڀٽاڪ هٽڻ، جي ڪلپنا (انومان) نہ آهي. يادگيريءَ جون دکہ ڀريون آهون، دانهون ۽ سپنن جون وياڪل چاهنائون نہ آهن. هن پل جو سچ پردي، ماياوي ڇل، برخلافي ۽ وهم بنا آهي، جيڙو بہ آهي اُن کي ٺيڪ ان جي صحيح سياوَ ۾ ڏسڻ ۽ سمجهڻ اِها ئي وپشينا آهي. وپشينا صحيح ۽ پوريءَ طرح درشن آهي. وپشينا صحيح گيان آهي.

جيڪو جيئن آهي ان کي ٺيڪ اهڙو ئي ڏسي ۽ سمجهي جيڪا هلت هلجي اُها ئي صحيح ڪلياڻڪاري هلت ٿيندي. وپشينا صحيح هلت چلت آهي.

وپشينا ڀاڄ نہ آهي، جيون کان منهن موڙڻ نہ آهي پر اُن جي اُبتڙ جيون کي منهن ڏيئي جيئڻ جي ڪلا آهي. وپشينا ڪليل هوا ۾ پڪيءَ ڌرتيءَ تي قدم رکي هلڻ جي ڪلا آهي. وپشينا دماغي عيش نہ پر ان جي اُبتڙ شڌ ڌرم ۽ شيل گڏن کي جيون ۾ اپنائڻ جو طريقو آهي. وپشينا پنهنجو ۽ ٻين جو ڀلي ڪرڻ جي هلت-ريت آهي. پاڻ سکہ سان جيئڻ ۽ ٻين کي سکہ سان جيئڻ ڏيڻ جي ڪلياڻڪاري ريت آهي. وپشينا شخصي سکہ ۽ عام جو سکہ آهي. وپشينا پنهنجو وڪاس ۽ سڀ جي خوشحالي آهي.

وپشينا پنهنجو پاڻ تي ڀاڙڻ آهي. لٺ جي سهاري بنا پنهنجي پيرن تي بيهڻ جو شڀ سهارو آهي، پاڻ تي ڀاڙڻ جي سڀ کان سٺي ساڌنا آهي. وپشينا پاڻ کي ڏسڻ، پاڻ کي جاچڻ ۽ پاڻ کي پرکڻ آهي. پنهنجي اندر ڪيتري گندگي نڪتي؟ ڪيتري باقي آهي؟ ڪيتري نرملتا آئي؟ ڪيتري باقي آهي؟ ڪيترا اوگڻ دور ٿيا؟ ڪتيرا باقي آهن؟ ڪيترا گڻ پئدا ٿيا؟ ڪيترا باقي رهيل آهن؟ خود پنهنجو ليکو چوکو رکڻ جي سجاڳي ئي وپشينا آهي. خود

14. وپشينا ڇا آهي؟

وپشينا کي سمجهون! چڱيءَ طرح سمجهڻ بنا، صحيح معنيٰ ۾ وپشيي بڻجي نہ سگهنداسين.

وپشينا ڇا آهي؟

وپشينا ڪوئي جادو نہ آهي جو اسان جي سر تي سوار ٿي روحاني راز سلڻ لڳي ۽ وپشينا ڪائي جهاڙ وجهي وس ڪندڙ وديا نہ آهي جنهن سان اسان ٻئي جي وس اچي پنهنجي سڌبڌ وڃائي ويهون. وپشينا ڪا بہ منتر وديا نہ آهي جيڪا اسان تي نانگ، وڇون يا ڀوت پريت وانگر وس ڪري سگهي. وپشينا ڪا بہ انڌي ڀڳتي يا انڌي جذباتي ڀاونا نہ آهي جنهن جي مستيءَ ۾ اسان مست بڻيا رهون. وپشينا ڪوئي ڀڄن، ڪيرتن، سنگيت يا ناچ نہ آهي جنهن ۾ محوُ ٿي پاڻ کي وندر ۾ رکي سگهون. وپشينا ڪا بہ رڌي سڌي يا چمتڪار نہ آهي جنهن کي ڏسي اسان اچرج ۾ پئجي وڃون. وپشينا طلسمي لفظن جو ڪوئي ڇل ول، مايا نہ آهي جنهن ذريعي ڪنهن جي واٽي ولاس سان اسان ٻڌي ولاس ڪندا رهون. وپشينا ڪوئي فيلسوفاڻو بحث مباحثو نہ آهي جنهن جي سهاري اسان دماغي ڪسرت ڪندي پاڻ کي مشغول رکون. وپشينا، ويچاروان ماڻهن جو آکاڙو نہ آهي جتي اسان بحث مباحثي ۽ دليلباز بڻجي لفظن جي وارن جي کل لاهيندي دماغي رانديون کيڏڻ ۾ پاڻ کي وسارو بڻائي رکون. وپشينا ڪو خاص ويس وڳو نہ آهي جنهن کي پهري اسان ڌارمڪ بڻجي وڃڻ جو گمان ڪري سگهون. وپشينا ڪا بہ پراڻي رسم يا ڪرم ڪانڊ نہ آهي جو پورو ڪري اسان ڌرم جي نالي تي پاڻ کي دوکو ڏيندا رهون. وپشينا ڪو بہ گرنٿ پڙهڻ جو نہ آهي جنهن کي پڙهي اسان وئترڻي ندي (رت ماس سان ڀريل نرڪ ۾ يا يم پوريءَ جي ندي) پار ڪرڻ جو سپنو ڏسي سگهون. ويشبنا ڪا بہ خاص ڀڳتي نہ آهي جنهن دوارا ڪنهن ڏنل يا اڻڏنل ماڻهوءَ جي شرڻ وٺي بيفڪر بڻجي سگهون، ددستا بڻجي سگهون. وپشينا ڪو بہ خيالي

اِها ئي من جو ڪروڌ، جوش، بگڙجڻ ۽ ميزان وڃائڻ واري اَشانتي آهي ان ڪري دک آهي. پر اهڙي هر حالت کي وويڪ پٽاندڙ ڏسي، سمجهي، پنهنجي من جي ميزان (سنتلن) کي قائم رکڻ ئي پرگيا آهي. درپيش حالت جو شانت چت سان مقابلو ڪرڻ ئي ڌارمڪ وهنوار آهي، ڪلياڻڪاري وهنوار آهي ۽ اِها ئي وپشينا آهي. درپيش حالت کي اپنائڻ يا هٽائڻ جي هنيلي ڪوشش ڪرڻ کان باز اچي، پاڻ کي شانت رکڻ ۽ اُن ڪانپوءِ جيڪو ڪرڻو هجي اُهو شانت چت سان ڪرڻ جڳائي. اهو ئي صحيح جيون جي وهنوارڪ هوشياري آهي. اِها ئي وپشينا آهي. ٻئي کي بدلائڻ کان پهريائين پاڻ کي بدلائڻ ئي بهتر آهي. اِها ئي وپشينا آهي. وپشينا پاڻ تي ضابطو رکڻ آهي، پاڻ کي شانت رکڻ آهي ۽ پاڻ کي وقت ۽ حالت پٽاندڙ نهڪائڻو آهي. پاڻ کي صاف ۽ آجو رکڻ وپشينا آهي. براين کان آجي صاف چت ۾ مئتري (دوستي) ۽ ڪروڻا (ديا) جو بيحد جهرڻو پنهنجو پاڻ ئي وهندو رهندو آهي، اِها ئي ماڻهوءَ جي حياتيءَ جي سڀ کان وڏي حاصلات آهي. اِها ئي ساڌنا وپشينا جي آخرين بدلاهت آهي.

وپشينا جي ڪاميابي ڏکي ضرور آهي پر ناممڪن نہ آهي. ڏکيائيءَ سان حاصل ٿيندڙ اوس آهي. پر لڳاتار ڪوشش اڳيان وس کان ٻاهر نہ آهي. وپشينا پنهنجي ڪوشش دوواران حاصل ڪري سگهجي ٿي. صرف هڪ يا هڪ کان وڌيڪ وپشينا ڪئمپ (شبر) ۾ شامل ٿيڻ ئي سڀ ڪجهہ نہ آهي، هي تہ جيون ڀر جو اڀياس آهي. وپشينا ۾ ساڌنا پٽاندڙ جيون جيئڻو پوندو. هميشهہ سجاڳ رهندي، ساندهہ چاهنا پوروڪ لڳاتار ڪوشش جاري رکڻي پوندي. ان ڪري اٽوٽ ۽ اٽڪ اُتساهہ سان وپشينا جي هن منگلڪاري ماڳ تي اڳتي وڌندا رهون. ڪري پوڻ تي وري اُٿي ڪري گوڏن کي مهٽي ۽ ڪپڙن کي ڇنڊي اڳتي وڌندا رهون. هرڪا ترڪڻ اڳتي قدم لاءِ نئين محڪمتا ۽ هرڪو ڏک مقصد يا منزل تائين پهچڻ لاءِ نئون اُمنگ ۽ نئون اُتساهہ پئدا ڪندڙ ٿئي. ان ڪري نہ ترسون، نہ منجهون ۽ نہ گمراهہ ٿيون پر هلندا هلون. قدم قدم اڳتي وڌائيندا هلون. اِهو ئي منگلڪاري نيم آهي.

* * *

ئي چور خود ئي رکيڪ، خود ئي بيمار خود ئي حڪيم، اَگيان کان گيان، نندگيءَ کان نرملتا، بيماريءَ کان تندرستي ۽ دک کان ڇوٽڪاري طرف وڌندي رهڻ جي پاڻ ڪوشش ڪرڻ وپشنا آهي. وپشينا صحيح ڪوشش آهي، صحيح اپياس آهي ۽ صحيح ڪثرت آهي.

وپشينا پنهنجي يادگيري آهي، پنهنجي من تي ميل چڙهڻ کان روڪڻ آهي. وپشينا پاڻ کي چنبڙڻ ڦوڪڻ آهي. پنهنجي من جي پراڻي دز کي پري ڪرڻ جي چنبڙي آهي. نئين دز بيو ڪجهه نه آهي پر اسان موهه ۾ ڦاسي اها چاڙهيندا رهون ٿا. ان ڪري پاڻ ئي ڪوشش ڪري سدا سجاڳ رهي نئين دز نه چڙهڻ ڏيڻ ئي وپشينا آهي. پراڻي دز بئي ڪنهن نه پر اسان ئي لاپرواهي ڪري چاڙهي آهي. ان کي دور ڪرڻ جي سموري جوابداري اسان جي پنهنجي آهي. بئي ڪنهن جي نه آهي. ان ڪري پنهنجي پراڻي دز لاهيندو رهڻ وپشينا آهي. ڌيرج ڌاري ڪوشش ڪندي ٿوري ٿوري دز لاهيندا رهنداسين ته هڪ ڏينهن نرملتا حاصل ٿي ويندي. من نرمل ٿيندو ته سنن گڻن سان ڀرجي ويندو. خراب من تي آڌار رکندڙ سڀ بدني بيماريون ۽ سڀ سوَر پنهنجو پاڻ ئي دور ٿي ويندا. وپشينا تندرستي وڌائيندڙ نت نئون جيون بخشيندڙ سنجيوني بوٽيءَ سمان آهي، چت کي صاف ڪندڙ ڌرم گنگا آهي. د نه هٽائڻ جي واحد وات ۽ مڪتي ڏيندڙ ڌرم جو مارگ آهي.

وپشينا، شيل، سماڌيءَ ۾ قائم رهي اندر جي پرگيا جاڳائڻ جو پورڻ اپياس آهي. آهستي آهستي پرگيا پختي ڪرڻ جي ڪلياڻڪاري ڪوشش آهي. هر حال ۾ هڪجهڙو رهڻ جي شڀ محنت آهي. پرگيا يعني هرهڪ پيدا ٿيندڙ حالت کي الڳ الڳ نموني جاچڻ. موهه واري هڪڙي درشتي ڇڏي سچ ڏيکاريندڙ وشال درشتيءَ دوران يثارت کي سيني پاسن کان جاچڻ، ڪناري تي بيهي اُن جي اصلي سياوَ کي آمهون سامهون ڏسڻ، اِها ئي وپشينا آهي. وپشينا نرليپ ٿي صحيح درشن ڪرڻ آهي، اڪيلو ٿي پاڻ کي جاچڻ آهي ۽ هميشه لاءِ موهه ۽ آسڪتيءَ کان آجو ٿيڻ آهي.

سڻائي-اڻائي حالت درپيش ٿيندي ئي، ان کي نئڪ طرح سان ڏسڻ ۽ سمجهڻ بنا هڪدم رد عمل (پرتيڪريا) ڪرڻ ابوجهائي ۽ ڪني عادت آهي.

15. ڏرم چڪر

اسانجي اندر جيڪو هر پل لوڪ چڪر هلي رهيو آهي ان کان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ ڌرم چڪر هلائڻو پوندو. لوڪ چڪر اسان جي سيني دکن جي جڙ آهي. ڌرم چڪر ئي سيني دکن کي ناس ڪندڙ آهي.

لوڪ چڪر ڇا آهي؟ لوڪ چڪر موهہ ۽ بيوقوفي آهي. لوڪ چڪر اگيان، اوويڪ، اوديا آهي. جنهن سببان هميشهہ حسد، ساڙ، وير ۽ بيائي جي چڪيءَ ۾ پيسجندا ٿا رهون. اسان جون ڇهہ اِندريون (حواس) اکيون، نڪ، ڪن، ڄڀ، شرير جي چمڙي ۽ من ان ڪانسواءِ اِندرين جا ڇهہ وشيہ (ڪم) ڏسڻ، سنگهڻ، ٻڌڻ، سواد وٺڻ، ڇهڻ ۽ ڪلپنائون ڪرڻ. انهن اِندرين جو پنهنجن ڪمن سان واسطو ٿيندو ئي رهي ٿو. جيئن تہ نڪ جو بوءِ سان، ڪن جو آواز سان، ڄڀ جو رس (سواد) سان، شرير جو ڪنهن بہ شيءِ کي ڇهڻ سان ۽ من جو ڪلپنائن سان لاڳاپو ٿيندي ئي بروقت اسان جي چت ۾ ڪائي سنويدنا جاڳندي آهي. جيڪڏهن اُها سنويدنا اسان کي پياري لڳي تہ اُن سنويدنا سان لاڳو وشيہ سان لڳاءُ پئدا ٿيندو آهي پر اڻوڻندڙ لڳي تہ نفرت پئدا ٿيندي آهي. چاهي لڳاءُ پئدا ٿئي يا نفرت پئدا ٿئي، ٻئي اسان جي من ۾ چڪتاڻ (تناءُ) ۽ جوش پئدا ڪن ٿا. ان سان سمتا ناس ٿئي ٿي ۽ وشمتا شروع ٿئي ٿي. دکہ سان ميلاپ ٿئي ٿو ۽ دکہ شروع ٿئي ٿو. اها ئي لوڪ چڪر جي شروعات آهي.

ناسمجهي (غفلت) کان اسان کي جيڪو جوش پئدا ٿئي ٿو اهو گهري (اونهي) موهہ ۾ بدلجي خراب ڊپ روپي چڪر ۾ وڌي ٿو ۽ اسان کي پريشان ۽ بيمار بڻائي ٿو ۽ اسان جو سنساري دکہ وڌائي ٿو. هن ڊپ رويي چڪر کي ڪٽڻ (وڍڻ) لاءِ اسان جي اندر ڌرم چڪر جاڳائيندو رهڻ تمام ضروري آهي. جيڪڏهن ڌرم چڪر جاڳندو آهي تہ وويڪ، وديا ۽ هوش (سمجهہ) جاڳندا آهن. جيئن ئي ڪنهن اِندريءَ ۽ ان جي وشيہ جي لاڳاپي سان چت ۾ ڪابہ

دوها

انڌي پڳتي نہ ڌرم آ، نہ انڌو وشواس،
بنا وويڪ شرڌا جڳي، تہ ڪري ڌرم جو ناس.

مان، موهہ مايا مٽي، تہ ٿيون سرل سڪي،
ڪروڌ ۽ ڪوڙاڻ ڪڍي، صحيح سو وپشي.

هر پل رهي سجاڳہ ڪريون، سچ جي ڄاڻ سڄاڻ،
اٽل رهي من جي سمتا، تہ ملي دڪہ کان نرواڻ.

پل پل منگلميہ ٿئي ۽ پل پل ڏئي قرار،
پل پل پنهنجي ڪرم ڏانهن، اگر ٿيون بيدار.

ٻئي کي هر ڪوئي ڏسي، ڏسي نہ خود کي ڪو،
وپشينا سان ئي ٿئي، سميڪ درشن سو.

جيڪو ڏسي نہ پاڻ کي، سو بنڌن ۾ ڦاسي،
مونجهارو ۽ دڪہ ان کي نہ ٿئي، جنهن ڏٺو پاڻ کي جاچي.

دوھا

چاھہ برابر نہ مرض آ، نفرت برابر نہ دوش،
موھہ برابر نہ مورکتا، ڌرم برابر نہ ھوش.

چاھہ نفرت ۽ موھہ جي، جيسين من ۾ کاٺ،
تيسين سکہ ۽ سانت جو، ذرو نہ نانءُ نشان.

ٽي ڳالهيون پابند ڪن، چاھہ نفرت اَيمان،
ٽي ڳالهيون مڪتي ڏين، شيل سماڌي گيان.

ڌرم چڪر چالو رکون ۽ پرگيا رکون جڳيل،
جنهن دواران سڀ گندگي، رهي من تان پري ھٽيل.

رات ۽ ڏينهن وانگيان، سکہ ۽ دکہ پل ايندا رهن،
تون ڇو ڪوھين بانورا، پنهنجي من جو چئن.

ڀوڳيندڙ ڀوڳي ٻڌجندا، سي ٻنڌن ۾ پوندا،
ڏسندڙ ٻڌجي ڏسندا، سي ٻنڌن کان ڇٽندا.

سنويدنا پئدا ٿئي، جيڪا وڻندڙ هجي يا اڻوڻندڙ، سک ڏيندڙ يا ڏک ڏيندڙ
تيئن ئي بانورن وانگر ان وشيہ لاءِ چاهہ يا نفرت ڪرڻ جي بدران ان جو
ناس ٿيندڙ ۽ بيمطلب (نسار) اصليت کي سمجهي پرکيا جاڳايون ۽ نرموهي
پاونا جاڳايون. ان سان ئي لوڪ چڪر جي چال رڪجي ٿي ۽ اُن جو ڦهلاءُ نہ
ٿئي. اِهو ئي ڌرم چڪر جو جاري ٿيڻ آهي ۽ ڌرم چڪر جو ڏسڻ ۾ ايند
فائدو آهي. وپشينا ساڌنا جي لاڳيتي اڀياس دواران پنهنجي اندرئين من ۾
محسوس ٿيندڙ هرهڪ سنويدنا کي جاڻون ۽ جاڻي ڪري ان ۾ نہ ڦاسون
ساڪي بڻيا رهون، اهڙي نموني ڌرم چڪر جاري رکون.
ڌرم چڪر چالو رکڻ ۾ ئي اسان جو منگل ڪلياڻ آهي.

* * *

پڙهڻ سان يا صرف فلاڻي فيلسوفي سڌانت کي قبول ڪرڻ سان توهان جي مکتي ٿي ويندي، پلي توهان ڌرم تي عمل نہ بہ ڪريو تہ بہ ڪا ڳالهہ ڪانہ ٿيندي. ان ڳالهہ تي توهان تي ريجهي ڪري توهان جا سڀ پاپ ڌوئي ڇڏيندي تہ پوءِ سمجهو تہ اِهو ڌرم سميڪ نہ آهي، ڪوڙو آهي ۽ ڪپٽي آهي.

سچ، صاف، ڌرم ۾ اڇٽو ئي آهي، تڏهن ئي ڌرم سميڪ آهي ۽ پلو ڪندڙ آهي. نہ تہ پرم ۾ وجهندڙ آهي ۽ دکہ ڏيندڙ آهي. جنهن ماڻهوءَ کي ڌرم جي سميڪ روپ جي ذرا بہ ڄاڻ پئجي ويندي آهي، اهو هميشهہ پرم کان بچڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ ڌرم جي پراڻي رسم پالڻ يا ذهني موج جو ذريعو بڻجڻ نہ ڏيندو آهي. سموري طاقت عمل ڪرڻ جي اپياس ۾ ئي لڳائيندو آهي هن باري ۾ اسان جي ملڪ جي هڪ ڏاڍي اُجول پراچين ڪٿا آهي، ڪروُ (ڪورنوَ) رياست جي هڪ ٻالڪ راجڪمار يڌشٽر جي جنهن کي ٻين راجڪمارن سان گڏ گروءَ کان ٻن ننڍن جملن ۾ ڌرم جو اُپديش مليو، ٻين سيني تہ انهن جملن کي برزبان ياد ڪري جلد ئي گرو مهراج جي شاباس سولائيءَ سان حاصل ڪئي پر ان ٻالڪ لاءِ تہ سميڪ ڌرم ئي صحيح ڌرم هو. هوُ ان تي اپياس ڪرڻ ۾ ڏينهن گذارڻ لڳو، جنهن سڀبان بي‌عقل گروءَ جي ڪاوڙ جو بک بڻيو، سزا ملي سميڪ ڌرم تي هلندڙ يڳاني راجڪمار کي جڏهن ڪ ڌوهي هو اگياني گرو. پر ويچارو ڪري بہ ڇا؟ هوُ تہ پراڻين رسمن ۽ روايتن جو شڪار هو. ڪلن کي ڌرم مڃڻ جو عادتي هو. هن لاءِ تہ ڌرم جون هي ڪلون ئي وڌيڪ ملهائتيون هيون. هنن راجڪمارن کي ڌرم جا ڪجهہ ٻول (سبق) سيکاري ڇڏيندس اهي زباني ياد ڪري ڇڏيندا، ماءُ پيءُ پڇندا تہ پاٺشالا ۾ ڇا پڙهيو هيوَ تہ شاگرد بہ برزبان ياد ڪيل جملا طوطي وانگر ٻڌائيندا. ماءُ پيءُ خوشيءَ ۾ ترڙي پوندا، گروءَ جي محنت ڪامياب مڃي ويندي. ان کي انعام ڏنو ويندو. آجيوڪا (گذارو) سولائيءَ سان ٿيندي رهندي. ڌرم جو هي تڇ (نڪمو) ۽ تراڪڙو ملهہ ڪٿڻ نہ ڄاڻان ڪڏهن کان هلندو ٿو اچي. اڄ بہ قائم آهي ۽ لڳي ٿو آئينده بہ هلندو رهندو. پڙهڻ، ٻڌائڻ ۽ ياد ڪرڻ جو ڪم سولو آهي پر حياتيءَ ۾ ان تي هلڻ ڏکيو ڪم آهي، تمام ڏکيو آهي. هن ڏکئي ڪم کي ڪوئي ڪرڻ نٿو چاهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان ڌرم

16. سميڪ ڌرم

سميڪ معنيٰ پورو، صحيح، جيئن جو تيئن (يٿارٿ) سچ. انڪري سميڪ ڌرم معنيٰ سچو ڌرم، اُتم ڌرم، پلو ڌرم. اهڙو ڌرم جنهن ۾ ڪوڙ کي ڪٿي بہ جاءِ نہ آهي. جنهن جو ڪلپنا سان ڪوئي واسطو نہ آهي. جيڪڏهن ڪوئي اُپديش ڏيندڙ ڪنهن ڪوڙي ڳالھ کي، ڪوڙي ڳالھ ڇو پر سچيءَ ڳالھ کي انڌي شرڌا سان محض ڪلپنا جي سطح تي مڃڻ لاءِ ضد ڪري تہ سمجھو تہ اُها سميڪ نہ آهي پر مٿيا ڌرم جو اُپديش ڪري رهيو آهي.

سميڪ معنيٰ شڌ، صاف، نرمل، برائيءَ کان آجو ۽ بنا ڌپ جي. ان ڪري سميڪ ڌرم معنيٰ شڌ ڌرم اهڙو جنهن ۾ پاپ لاءِ ٿوري بہ جڳھ نہ هجي. جنهن جو زور زبردستيءَ سان ڪوئي واسطو نہ هجي. ڌرم نرمل هوندو آهي تہ سولائيءَ سان اپنايو ويندو آهي چاڪاڻ تہ انصاف وارو ۽ لائق هوندو آهي. ڪوئي اُپديش ڏيندڙ چوي تہ منهنجي ڳالھ، بنا بحث مباحثي، عقل ڪتب آڻڻ بنا، اکيون بوٽي ان ڪري مڃو جو نہ مڃڻ سان ڪائي ازغئبي شڪتي توهان کي اٽسهندڙ نرڪ جي تڪليف جو ڏنڊ ڏيندي ۽ مڃڻ سان خوش ٿي توهان جا سڀ پاپ معاف ڪري ڇڏيندي ۽ سرڳ جي سک جو وردان ڏيندي تہ سمجھو اُهو سميڪ نہ آهي پر ڪوڙي ڌرم جو دوکو آهي.

سميڪ معنيٰ اٽيڳل، سمورو، بنا ڪنهن ڦيرڦار جي ۽ ڪامل (پورڻ). سميڪ ڌرم معنيٰ پورو پڪل ڌرم. ڌرم جي پورائي ۽ پختائي ان کي پوريءَ طرح عمل ۾ آڻڻ ۾ آهي. صرف پڙهڻ-پڙهائڻ، وهنوار ۽ اونهو ويچار، ڌرم جي غير وهمي ڪماليت (پورڻتا) نہ آهي. ذهني راند ۽ ذهني وندر ڌرم جي پوري پختائي نہ آهي. پڙهيل ٻڌل ڌرم تي غور ڪري اُن تي سميڪ-روپ سان عمل ڪرڻ، جيون جو حصو بڻائڻ ۽ سهج سڀاو بڻائي ڇڏڻ ۾ ئي ان جي مڪملتا (پريپورڻتا) آهي. اِها ئي ڌرم جي سميڪتا آهي. ڪوئي اُپديش ڏيندڙ چوي تہ منهنجي صرف اُپديش ٻڌڻ سان يا صرف فلاڻي ڌرمي ڪتاب

جڏهن اسان بدني، زباني ۽ من جي ڪمن ڏانهن هوشيار ۽ سجاڳ رهڻ جي اصلي اڀياس ۾ جنبي ويندا آهيون.

اسان جي سماڌي (ڌيان ۾ ويهڻ، غور ڪرڻ) سميڪ هجي. سماڌي تڏهن سميڪ هوندي آهي جڏهن لاڳيتي اڀياس ذريعي اسان پنهنجي من کي ڪنهن سچي آڌار جي سهاري چڱي دير تائين هوشيار (ساوڌان) ۽ سڀ جو هڪجهڙو پلو ڪرڻ ۾ سچ پچ ڪامياب ٿيندا آهيون.

اسان جا اِرادا سميڪ هجن. اِرادا تڏهن سميڪ ٿيندا آهن جڏهن اسان پنهنجي ويچار مان ڪاوڙ، غصو، ساڙ ۽ دولاب (نڳي) جي خراب ورتين (رغبتون، لاڙا، جهڪاءَ) کي سچ پچ ڪڍي ڇڏيندا آهيون.

اسان جي فيلسوفي سميڪ هجي. فيلسوفي تڏهن سميڪ ٿيندي آهي جڏهن اسان دماغي وندر کان ڇوٽڪارو پائي سچ جو پورو درشن ڪريون ٿا.

درشن معنيٰ فيلسوفي نہ سمجهون، نہ تہ وري ڪنهن مِتا جي فيلسوفي جي اصولن جو سوچ ويچار ئي اسان لاءِ سميڪ درشن بڻجي ويندو ۽ اهڙي نموني غلط فيلسوفيءَ ۾ قائل رهجي ويندا سين. درشن معنيٰ ساڪياتڪار. پر ساڪياتڪار جو بہ مطلب اِهو نہ آهي تہ ند ڏياس (ڪنهن چيز جو گهور ڌيان يا چنتن ڪرڻ) جي وارون وار اڀياس دواران اصليت کان بلڪل پري ڪنهن خيالي رنگہ روشني يا صورت کي ڀوتيل اکين سان ڏسي هن ڪوڙي درشن کي ئي سميڪ درشن مڃڻ لڳون. درشن معنيٰ سچ جو آزمودو پاڻ حاصل ڪرڻ. پنهنجي ئي اندر اسٿول سچ يا ٿلهي سچ کان شروع ڪري سوکيم کان وڌيڪ سوکيم سچن جو پاڻ آزمودو پرائيندي جڏهن پرم سچ جو پاڻ آزمودو حاصل ٿيندو آهي تڏهن ئي درشن سميڪ ٿيندو آهي. سميڪ گيان آهي بي حالت ۾ ذهني وندر مان پئدا ٿيل گيان ڪوڙو آهي. سميڪ درشن ۽ سميڪ گيان هڪ ئي سڪي جا بہ پاسا آهن، ٻئي گڏوگڏ حاصل ٿين ٿا. جڏهن سميڪ درشن ٿيندو آهي تہ سميڪ گيان ۽ سميڪ ٻوڌ (ڄاڻ) پنهنجو پاڻ ئي حاصل ٿيندا آهن. اها ئي اڀياس مان پئدا ٿيل ڌرم جي آخرين عظمت وڏائي، ڪمال يا سريشٽتا آهي.

لاڳيتو اڀياس ڪندي چوطرف موجود ڌرم کي جڏهن اسان سميڪ

جي نالي ۾ اڪثر ڪوڙي ڌرم جو ئي شڪار بڻيا رهون ٿا. سميڪ ڌرم اسان کان گهڻائي ڪوهه (هڪ ڪوهه ٻه مائيل) پري ٿو رهي. ويچهو اچي به ته ڪيئن؟ جڏهن ڪوڙ کي ئي سميڪ مڃي ويهون ٿا ته ڪوڙ ان کان وڌو بڻجي ٿو وڃي ۽ سميڪ ننڍو ۽ انڪري سميڪ کي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش به ته نٿا ڪريون.

شرير، وچن ۽ من جي سيني ڪمن ۾ ڌرم سمائجي وڃي تڏهن ئي اُهو سميڪ ٿئي. جيڪڏهن اُن کي جيون جو مکيه مقصد مڃي ڪري اپياس ۾ لڳي وڃون ته جيتري جيتري ڪاميابي ملي اوترو اوترو فائدو ٿئي. پوري سڦلتا ملي ته بنا شڪ جي پورو لاڀ ملي. جيون جي هرهڪ پهلوءَ ۾ سميڪ ڌرم کي آڻڻ جو اپياس ڪندي رهڻ ۾ اسان جي جيون جو صحيح پلو سمايل آهي. بنا ڪنهن ذات يا جماعت جي پيدياوَ جي سڀ جو صحيح پلو ان ۾ سمايل آهي. ڏسون ته ڌرم جو هر پهلوءَ ۾ سميڪ روپ ڇا آهي؟

اسان جو ڳالهائڻ سميڪ هجي. اسان جي زبان سميڪ تڏهن ٿيندي جڏهن اسان ڪوڙ ڪپٽ، ڳار گند، ڪوڙا ڪنور، چغلي ۽ گلا ۽ اجائي بڪواس پريل وچنن کان جنسي ڇوٽڪارو حاصل ڪنداسين.

اسان جا بدني ڪم سميڪ هجن. بدني ڪم سميڪ تڏهن ٿيندا جڏهن اسان هنسا هتيا، چوري چڪاري، نشي پتي وغيره براين کان بلڪل منهن موڙي ڇڏينداسين.

اسان جي آجيوڪا (گذران) سميڪ هجي. آجيوڪا تڏهن سميڪ ٿيندي، جڏهن اسان گذران جي وسيلن کي حقيقت جي سطح تي شڌ بڻائيندي، ڇل، ڪپٽ، جعلسازيءَ، لڪ چوريءَ مال آڻڻ کي بلڪل بند ڪنداسين ۽ اهڙو ڪوئي ڌنڌو نه ڪريون جنهن ۾ گهٽي پئسي جي ڪمائڻ جي لالچ جي وس تي اسان ٻين گهڻن ماڻهن کي هاڃي رسايون.

اسان جون ڪوششون سميڪ هجن. ڪوششون تڏهن سميڪ ٿينديون، جڏهن هرهڪ ڪوشش سچ پچ هڪ اهڙي ڪسرت بڻجي جنهن سان اسان جو من اوڻن کان آجو ۽ سنن گڻن سان مالا مال ٿئي.

اسان جي سڃاڻپ سميڪ هجي. سڃاڻپ (سمجهه) تڏهن سميڪ ٿيندي

جيڪي پاڻ کي ڌرمي نہ سمجهن ٿا پر ڌرم جي سار موجب هلت نٿا هلن، تنهنجي معنيٰ اِها بيماري عام آهي ۽ دنيا ڀر ۾ آهي ڪنهن خاص فرقي جي نہ آهي.

اسان ڌرم مطابق حياتي ڪونہ گذاري رهيا آهيون، اهو جيترو خراب آهي اُن کان هزار دفعا خراب اهو وهم آهي تہ اسان جنسي (سچ پچ) ڌرم جي ئي حياتي گذاري رهيا آهيون جيڪا عجيب وغريب آهي. بيمار هوندي بہ پنهنجو پاڻ کي تندرست مڃي رهيا آهيون. عجيب نشو غالب آهي اسان تي. سيني فرقي وارن تي هڪجهڙو نشو. سيني کوهن ۾ ڀنگ پيل آهي. ڪنهن بہ فرقي جا هجون پنهنجي فرقي جي خاص پوشاڪ پهريون يا پنهنجي روايت جو ڪوئي پراڻو رواج پورو ڪريون يا پنهنجي فرقي جي شاسترن ۾ ذڪر ڪيل ڪنهن فيلسوفي اصول جي مڃتا پنهنجي من ۾ پڪيءَ طرح ڀري ڇڏيون ۽ ائين محض ڪرڻ سان سمجهي ويهون تہ اسان ڌارمڪ حياتي گذاري رهيا آهيون پوءِ ڀلي اسانجي روزاني حياتيءَ ۾ ڌرم جو نالو نشان بہ نہ هجي! ڌرم جي نالي ۾ هيءُ ڪيترو نہ اونهو نشو آهي. اولھ جي ڪنهن وِدوان چيو آهي تہ ڌرم هڪ آفيم جو نشو آهي. جيڪو صحيح ڌرم نہ آهي اُن کي ڌرم مڃي جيئڻ ۾ آفيم جو ئي نہ پر ان کان بہ وڌ نشو آهي. آفيم جو نشو تہ وقت گذرڻ لهي ويندو آهي پر هن ڪوڙي ڌرم جي نشي ۾ بڌل ماڻهو سڄي حياتي بيهوشيءَ ۾ گذاري ڇڏيندو آهي، نشو لهڻ جو نالو ئي نہ وٺندو آهي ۽ روز بہ روز تيز ٿيندو ويندو آهي.

پنهنجو ۽ سڀ جو صحيح ڀلو چاهيندڙ ماڻهوءَ کي هن نشيدار خطري کان بچڻ کپي ۽ اهو ڀلي ڀت سمجهي ڇڏڻ کپي تہ ڌرم جي آخرين تبديل، ان جو آخرين نشانو، هن جو صرف هڪ ئي مقصد، ان کي زندگيءَ ۾ ڪتب آڻڻ يا عمل ۾ آڻڻ آهي. جيڪو ڌرم پڙهيو ٻڌو ويو، سوچيو سمجهيو ويو پر عمل ۾ آندو نہ ويو تہ اُهو سميڪ نہ آهي، پريپورڻ نہ آهي. اجا ڪچو آهي. ڪچي دلي جي سهاري ندي پار ڪرڻ خطرناڪ آهي. تنهن ڪري ان کي پچايون. ائين هزارين مشڪلاتون هوندي بہ اُن جي عمل بجاوريءَ کي ئي وزن ڏيون. ائين نہ ٿئي جو اپياس جي رستي ۾ ڪوئي ڪلوميٽر جو پٿر (جيڪو هر هڪ ڪلوميٽر

ٻڌائيندا آهيون، ان کي شڌ ٻڌائيندا آهيون تڏهن حياتيءَ جي وهنوار ۾ قدرتي سڀني پهلن ۾ واڌارو ٿيندو آهي. تن، وچن ۽ من جي ڪمن مان گهٽتايون يا خرابيون نڪري ويندون آهن. جيون سڦل ٿيندو آهي. غير هلت پنهنجو پاڻ تي سڌري ويندي آهي. چرتر (لڇڻ) پنهنجو پاڻ سميڪ ٿيندو ويندو آهي. جڏهن ائين نہ ڪري صرف ڪنهن خاص جماعت جي جهونين روايتن جو پالن ڪندي پاڻ کي سميڪ چرتروان چئون تہ غلطي ٿيندي. چت برائين کان آجو نہ هجي، وهنوار ۾ هڪ ڪرائي نہ هجي، هڪ ٻئي سان شڌ ورتاءُ نہ هجي پوءِ بہ سميڪ چرتر چئون تہ ڪوڙ کي ئي سميڪ مڃڻ جو وهم ٿيندو.

ڌرم جون ٽي منزلون آهن، ڪتابي يا اکري، عملي ۽ آخر ۾ انتر ياترا. (پڙهڻ، ڪڙهڻ ۽ نرڻ). ڪتابي معنيٰ ڌرم جي شاسترن جي پوري پوري ڄاڻ. عملي معنيٰ ڌرمي گرنٿن جي پوئواري ڪرڻ، انهن موجب هلت هلڻ. آخرين منزل ۾ ڌرم جي رستي تي هلي، سڀني رڪاوٽن کي پري ڪري ڌرم جي آخري مقصد کي حاصل ڪرڻ. ڌرم جي ڪتابي منزل بي مطلب نہ آهي پر اُها مطلب واري تڏهن ٿيندي آهي جڏهن اُن ڪانپوءِ عمل ۽ آخرين منزل تي پهچڻ جو اڀياس ڪيو وڃي.

ڌرم محض شاسترن جو گيان نہ آهي پر عمل ڪرڻ آهي. ڌرم اصولي مڃتا نہ آهي پر عملي حياتي گذارڻ ۾ آهي. ڌرم وهنوار ۾ ڪم اچي تڏهن ئي پورڻ ٻڌجي ٿو. سميڪ (برابر) ٿئي ٿو، ٻيءَ حالت ۾ تہ ڪوُڙ رهجي ويندو، پوءِ چاهي اُن کي ٻڌ چئون يا جئن، عيسائي يا هندو، مسلمان چئون يا يهودي، پارسي چئون يا سڪہ يا ٻيو ڪجهہ.

ڪنهن بہ فرقي جي ڌرم گروءَ کان پڇي ڏسو، اُهو ائين ئي چوندو تہ ڌرم جون مٿي چيل ڳالهيون يعني تن، وچن ۽ من جي شڌ ڪرڻ جون ڳالهيون اسان جي ڌرم جون ئي آهن. ڪوئي بہ نہ چوندو تہ اهي اسان جي ڌرم کان ٻاهر جون ڳالهيون آهن. ان جو مطلب تہ سڀڪو ڌرم ائين ئي ٿو چوي يعني هرهنڌ ساڳي ڳالهہ آهي. ڪنهن خاص فرقي جي نہ آهي. پر گڏوگڏ اسين ائين بہ ڏسون ٿا تہ سڀني فرقن ۾ اهڙن ماڻهن جو تعداد ئي وڌيڪ آهي

دوها

جيون ۾ عمل بنا، سميڪ ٿئي نہ ڌرم،
تن من ۽ زبان جا، نرمل ٿين سڀ ڪرم.

چوي هٺ گمان سان، منهنجو ڌرم مهان،
فرقي ڪي سمجهي ڌرم، هي موڙهل نادان.

رسمن ۽ چل ول جا، ڪوڙا سيپئي ڪم،
سميڪ ڪرمن ڪان سواءِ، سميڪ ٿئي نہ ڌرم.

گوناگون درشن سندا اصول ۽ فرقن جئ مڇتا پريا وهم،
ڌرم ويو تہ مونجهارو ٿيو ۽ سڀ بڻجي ويا پرم.

تتوَن جا وياڪيان ڪندي، گذري ويئي عمر،
خالي ذهني وندر سان، چت نہ ٿيو پوتر.

سميڪ درشن ڪان سواءِ، ٿئي نہ سميڪ گيان،
بنا درشن ۽ گيان جي، ٿئي هلت نہ سمان.

سميڪ ڌرم.

جي وچوٽيءَ تي لڳل هوندو آهي) اسان کي روڪي ڇڏي ۽ اسان جو واڌارو رڪجي وڃي. جيڪو ڌرم اسان مڃي رهيا آهيون اهو سميڪ آهي يا ڪوڙو آهي؟ هن حقيقت کي وارون وار پرکيندا ۽ هيئين سان هنڊائيندا رهون. پر کڻ جو هڪ ئي طريقو اِهو آهي تہ ڌرم جو عمل جيون ۾ ٿي رهيو آهي يا نہ؟ اسان جي روزاني وهنوار ۾ ڪتب اچي رهيو آهي يا نہ؟ اسان جو پلو ان ۾ آهي تہ جڏهن اسان ڏسون تہ ڌرم اسان جيون ۾ عمل نٿو ٿئي تہ پوءِ پلي اسان هيءَ پوشاڪ پهريون يا ڪابہ، هي ڪريا ڪانڊ ڪريون ٿا يا ٻيو، هن فرقي ۾ شامل آهيون يا ٻئي ۾، هيءَ فيلسوفي مڃيون ٿا يا ٻي، آتما ۾ وشواس رکندڙ آهيون يا نہ، ايشور ۾ وشواس رکندڙ آهيون يا نہ، سڀ ۾ الڳہ ايشور مڃيندڙ آهيون يا سڀ ۾ هڪ ايشور مڃيندڙ آهيون تہ پوءِ اسان هن ڳالھ کي مڃيندي چئون تہ اسان ڌارمڪ نہ آهيون. بلڪل نہ آهيون. جيون عملي بڻجي سو ئي ڌرم باقي دوکو آهي. اسان اجائي ترڪ، شرڌا، پراڻي رسم بجاوري ۽ فيلسوفاڻي مڃتا جي سطح تي ڌرم کي قبول نہ ڪريون پر اصليت جي سطح تي ان کي جيون ۾ اپنايون، تڏهن ئي ڌرم سميڪ آهي، ڪلياڻڪاري آهي ۽ پلو ڪندڙ آهي.

* * *

چوٿين زمان جي ڄاڻ ڪھڙن لفظن ۾ ڏني وڃي. حواسن جي وس کان ٻاهر حالت جو آزمودو حواسن جي ذريعي ڪيئن سمجھايو وڃي. ڪوئي سمجھائڻ جي ڪوشش ڪٿي ڪري به ته به ٻيو ڪيئن سمجھي؟ انڪري هر سمجھو ماڻهوءَ لاءِ انهن آزمودن جي ڳالھه ٻولھه ڪرڻ وقت انڪار ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪو چارو (رستو) نٿو رهي. اهڙو عظيم (مهان) سچ ڪڏهن لفظي سچ بڻجي ئي نه سگھندو.

اندرين (حواسن) جي وس کان ٻاهر جيڪو آزمودو آهي ان لاءِ لفظ اسمرت آهن ئي پر اندرين ذريعي جيڪو آزمودو آهي ان کي به پوريءَ طرح لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگھجي. اندريان سوکيم آزمودا گھڻو ڪري گونگي جي ڳڙ جو سواد ئي بڻيل رهجي وڃن ٿا. ظاهر ڪرڻ جون سڀ ڪوششون اڻپوريون رهجي وڃن ٿيون. ٻوليءَ جي حدن کي ڇڏي، ڳالهائڻ ۽ لکڻ واري جي ۽ ان کان به وڌيڪ ٻڌڻ ۽ پڙهڻ واري جي پنهنجي پنهنجي حد آهي جيڪا لفظي سچ کي پورڻ سچ بڻجڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ٿي. چوڻ وارو جيڪو چوڻ چاهي ٿو ان کي پورو پورو چئي نه سگھي ۽ جيڪو ڪجھه چوي اهو جنهن مطلب سان چيو ويو آهي، ٻڌڻ وارو اهو مطلب سمجھي نه سگھي اِهائي لفظي سچ جي گھٽتائي آهي.

پر تڏهن به آزمودي دوران حاصل ٿيل سچ کي لفظن ۾ آڻڻ جون ڪوششون ٿينديون رهن ٿيون. ڪجھه پاسن ۾ ان مان فائدو رسيو آهي ته ڪجھه پاسن ۾ هاڃي به ٿي آهي. جتي ان کي کليل دماغ سان اپنايو ويو اُتي فائدو ٿيو پر جتي ان کي پورڻ سچ مڃڻ ۾ ڪٽرتا آڏو آئي اُتي فرقي جي انڌ وشواس ۽ انڌي مڃتا زور ورتو، ماڻهن جي دماغ تي تالا لڳا. سچ کي پرکڻ يا تپاس ڪرڻ جي کيتر ۾ ماڻهوءَ جي ترقي رڪجي ويئي.

پر آخر ماڻهو ته 'منوءَ' جو پٽ آهي نه؟ من مان پيدا ٿيو آهي، منن چنتن - سوچ ويچار، ڌيان ڪرڻ کانپوءِ ئي ڪنهن سچ کي سويڪار ڪرڻ هن جو ڄاتم ڄم کان قدرتي سڀاءُ آهي. فرقيپرست اڳوانن دوران ماڻهوءَ جي ويچار جي ذهن کي نڪمو ۽ بيڄان بڻائي رکڻ جي هزارين ڪوششون ڪرڻ کان پوءِ به منش سماج جو هڪ روشن دماغ ورگ سچ کي جاچڻ ۽ پرکڻ، عقل

17. سچ ئي ڌرم آهي

سچ ڪانسواءِ ڌرم جي ٻي ڪهڙي وياکيا ٿي سگهي ٿي. سچ ئي ڌرم آهي ۽ ڪوڙ اَڌرم. هتي سچ جو مطلب صرف ڳالهائڻ ۾ سچائي نہ آهي پر ڌرم لفظ وانگر هنجو بہ وسيع مطلب آهي، جهڙوڪ سياءُ، گڻ، نيم ۽ وڌان (جوڙجڪ). قدرت جا پنهنجا گڻ ۽ سياوَ آهن، نيم ۽ وڌان آهن. انهن نيمن ۽ وڌانن جي انهن ڌرمن جي سچائيءَ سان سڀ جاندار ۽ بيجان جڳت ٻڌو پيو آهي. هن وسيع مطلب ۾ سچ ۽ ڌرم لفظن جو هڪ ٻئي تي آڌار آهي.

قدرت جي سياوَ جي سچائي اسان جيتري جيتري سمجهون ۽ مڃون اوترو ئي ڌرم کي مڃيندا سين. سچائي ٽن نمونن ۾ مڃي ويندي آهي. مڃڻ جو پهريون قدم شرڌا جي ڀومڪا سان شروع ٿئي ٿو. ڪنهن سياڻي يا گيانيءَ پنهنجي سمجهہ ۽ گيان دواران حاصل ڪيل هن سچائيءَ کي لفظن ۾ ظاهر ڪيو. اسانجي من ۾ هن مهاپرش لاءِ شرڌا جاڳي ۽ اسان هنجي وچنن کي مڃيو. اِهو ٿيو لفظن جي سچائيءَ کي مڃڻ، پر لفظي سچ ۾ سچائيءَ جي سموري پورڻتا تہ ڪونہ هوندي آهي. جڏهن ڪنهن آزمودي دواران پراپت ڪيل گيان کي لفظن ۾ ظاهر ڪيو ويندو آهي يعني جڏهن ڪوئي سچائي جاڻندڙ يا جيون مڪت رشي لفظي ماهر بڻجندو آهي تہ سچ جو ڪجهہ حصو نہ ناس ٿي ئي ويندو آهي. ان ڪري لفظي سچ، سچ جو صرف ڪجهہ حصو ئي هوندو آهي. جئن تہ لفظ ۽ ٻوليءَ جي پنهنجي حد آهي، ان سببان وڌ ۾ وڌ ترقي ڪيل ٻولي بہ اندرين آزمودن کي چڱيءَ طرح ظاهر ڪري سگهڻ ۾ اسمرٿ رهندي آهي، ان ڪانسواءِ سچ ڳوليهندڙ جا ڪي آزمودا اهڙا آهن جيڪي بيان ڪري نٿا سگهجن. انهن کي لفظن ذريعي بيان نٿو ڪري سگهجي. انهن جي باري ۾ 'نيتي، نيتي' ئي چئي سگهجي ٿو. چوڻ وارو صرف ايترو ئي چئي رهجي ويندو آهي تہ ائين تہ نہ آهي. ائين تہ نہ آهي. ٽن زمانن (زمان حال، ماضي ۽ مستقبل) کي ڏسندڙ ۽ سمجهندڙ ماڻهوءَ کي

اِتهاس ۽ گهڻو تڻو لفظي سچ جي آڌار تي انڌ وشواسي سچ جو ئي پالڻ پوشڻ ٿيو يا واڌارو ٿيو. ڪجهه ٿورن ماڻهن انڌ وشواس کي نه مڃي پنهنجي عقل جو استعمال ڪيو، پر اهي به پنهنجي عقل جي ڪيتر ۾ ڪورا اڻڄاڻ رهجي وڃڻ سببان الڳ الڳ ذهني ويچار وارن فرقن کان متاثر ٿيا يا انهن جا پوئلڳ بڻجي ويا. جتي اندريون آزمودو ملندو آهي اتي فرقي جي پيدياوَ لاءِ امڪان گهٽ رهندو آهي. ٻيءَ صورت ۾ لفظن ۽ ذهني بحث مباحثن جو فرق الڳ الڳ فرقن کي نپائيندو آهي. اندريان آزمودا به بيطرف سچ کي سوڌڻ لاءِ هجن. تڏهن ئي شڌ ڌرم کي طاقت ڏيندا آهن ٻيءَ حالت ۾ اڳوات زوريءَ مڙهيل يا مڃيل هجن ته جدا جدا مت-متانترن کي همٿائيندا آهن.

حقيقت ۾ سچ ته هڪ ئي آهي، الڳ الڳ ڪيئن هوندو ؟ سموري قدرت جو وڌان هڪ ئي آهي الڳ الڳ ڪيئن هوندو ؟ پر جڏهن ڪنهن جي ساکيات آزمودي تي ثابت ٿيل هيءُ وڌان جڏهن واڻيءَ جو چولو پهريندو آهي ته اِهي چولا پڪ ئي پڪ الڳ الڳ هوندا آهن. ٻولي، لفظ ۽ ڳالهائيندڙ الڳ الڳ هجڻ ڪري سچ به جدا جدا پاسڻ لڳندا آهن. جڏهن ڪوئي پڳت ڪنهن مهاپرش دواران آزمايل سچ کي پنهنجي آزمائش دواران ثابت نٿو ڪري پر انڌ ۽ شرڌا مان پئدا ٿيل پاونا جي سطح تي هن جي واڻيءَ کي مڃي پنهنجو پاڻ کي ڌنيہ مڃي ويهي ٿو ته پوءِ ان واڻيءَ ۽ انهن لفظن سان هنجو گهرو لڳاءُ ٿي وڃڻ قدرتي آهي. هن کي اهي لفظ ئي سچ نظر اچن ٿا باقي سڀ ڪوڙ. اِتان فرقي جي پيڙهه پوڻ شروع ٿئي ٿي. سچ جو ساکياتڪار ڪرڻ وارو ڪنهن فرقي سان ڪيئن ٻڌجندو؟ پر لفظن ۾ آنند وٺندڙ ماڻهو فرقي کي نپائيندو آهي. پهرين ماڻهوءَ لاءِ ٻولي رڳو ماڌيم آهي ۽ انڪري معمولي آهي پر ٻئي ماڻهوءَ لاءِ ٻولي ۽ لفظ ئي سڀ کان وڌيڪ آهن.

جيڪڏهن مان هندو سمپردايه مان آهيان ته 'يم-نيم' شبدن جي واپرجڻ ڪري خوش ٿيان ٿو، ٻوڌي آهيان ته 'پنچ‌شيل' جئني ته 'اٺو ورت' ۽ عيسائي آهيان ته 'ٽين ڪمانڊمينٽس' (ڏهه آديش) جي شبدن کي ٻڌي فخر سان ڇاتي ڦنڊي ٿي وڃي. پر ڌرم جي اصلي سچائي جيون ۾ آئي يا نه، شيل سداچار جيون جو حصو بڻيا يا نه، انهن سيني کي، پنهنجي فرقي جي تنگ

جي ناراضيءَ ۾ تورڻ، دليل ۽ ترڪ جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ، جڳنين جي متڪن سان چوٽ ڪرڻ جو ڪم ڪندو ئي رهيو آهي. انهيءَ مان سچ جو هڪ ٻيو روپ اُجاگر ٿيو جنهن کي انومان سچ يا ذهني سچ چيو ويو. هر هڪ سچائيءَ کي سمجهه جي ٻنيءَ ۾ تپائڻ کپي. هنجي جاچ ۾ دماغ لڳائڻ کپي. ذهن ۽ بحث دوران برابر ثابت ٿئي تہ سويڪار ڪرڻ کپي. هن نيتيءَ سببان سچ کي سوڌڻ جي ڪيتر ۾ ماڻهوءَ جي واذاري جي شروعات ٿي. انڌ وشواسن، انڌي مچتائن ۽ فرقيپرست ملان مولوين جي پراڻين رسمن کي گهري چوٽ لڳي. اِنساني واذاري جو رستو کليو. انڌ شرڌا ۽ ڀڳتي ڀاو جي اُمنگن جي مونجهہ پئدا ڪندڙ ماحول مان ۽ لفظي سچ کي زوريءَ ڀورڻ سچ مڃڻ جي گهاٽي ڪوهيڙي کان ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪاميابي ملي. ڪنهن ڳالهہ کي اکيون ٻوٽي مڃڻ جي عادت ڇٽي، ائين چو ؟ ان کي جاڻڻ جي جڳياسا جاڳي.

پر جنهن نموني لفظي سچ جي مچتا وڌ ۾ وڌ انڌن وشواسن سان پرجي گمراہ ٿيڻ لڳي، ان نموني انومان يعني ذهني سچ جي مچتا بہ اڪثر خشڪ بحث مباحثي جي گهاٽي جهنگل ۾ ڀٽڪندي ئي رهجي ويئي. هونءَ بہ انهن ٻنهي سان يعني لفظ ۽ انومان سان سچ جي جهلڪ ئي ملي سگهي ٿي نہ آزمودو. سچ جي جهلڪ يعني ڌرم جي جهلڪ ۽ جتي ڌرم جي جهلڪ ملندي آهي اتي ڌرم جي نالي ۾ وهم ڦهلجڻ جو ئي انديشو رهندو آهي. سچ جو آزمودو ئي ڌرم جي صحيح آزمودو آهي. ان ڪري انهن ٻنهي کان اڳري ڪلياڻڪاري منزل ساکيات سچ يعني پنهنجي آزمودن جي سطح تي ظاهر ٿيل سچ. اڌياتمڪ سچ جي سوکيم اندرين دوران اوکہ ڏوکہ جي اِها صحيح ياترا آهي. اِهائي ڌرم جي باريڪ جستجو - کوج آهي. انهن ساکيات آزمودن دوران جيترو جيترو ڌرم جو حصو اُجاگر ٿيندو آهي، انسان اوترو اوترو ڌرم جي راهہ تي اڳتي وڌندو آهي.

پر آزمودن جي سطح تي سچي ڌرم جي پاڻ کوج ڪري ان کي سويڪار ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي، جڏهن کي انڌ وشواس جي سطح تي ڪنهن ٻئي جي چيل ڳالهہ کي سويڪار ڪرڻ سولو آهي. ان ڪري انسان ذات جي لنبي

تقرير جي وچ ۾ چوندو آهي. ڪهڙو ڇپڪاوَ (لڳاءُ) اسان پنهنجي فرقي جي واڻين (چوٽين) لاءِ پئدا ڪري ڇڏيو آهي! جنهن پرمپرا (روايت) ۽ دائري ۾ اسان جاوا ۽ پليا (نپنيا) آهيون انهن جي ڌرمي گرنٿن لاءِ شرڌا، عزت ۽ جهڪاءُ هجڻ ۾ ڪوئي اهم (گهٽتائي) نه آهي، ڇاڪاڻ ته انهن مان اسان اُتساهه ۽ رهنمائي حاصل ڪريون ٿا. پر غلطي آهي انهن سان موهه ڪرڻ ۽ لڳاءُ رکڻ. اِهو اسان جي لڳاوَ جو ئي نتيجو آهي جو اُهائي سچائي جيڪڏهن ڪوئي ٻئي فرقي جو ماڻهو پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ ٻڌائي ۽ چوي ته هن جي مهاپرش جي چيل آهي ته اسانجو من ڪيترو چڙڻ لڳندو آهي؟ سچائي جڻ پرائي لڳندي آهي. هن لڳاوَ جو مکيه سبب اِهو آهي جو اسانجي شرڌا سنڌ (سڪڙي يا بسن اپڄائو) ٻڌجي ويئي، جنهنجو ڪوئي ڦل نه نڪتو. اسان پنهنجي ڌرمي گرنٿن جي سچائيءَ کي صرف شرڌا تائين ئي محدود رکيو ۽ آزمودن ذريعي انجو سواد نه چکيو. انڪري اسانجي لاءِ ته لفظ ئي سچ بڻيا آهن ۽ جن لفظن ۾ هيءَ سچائي بيان ڪئي ويئي آهي اُهي اسانجي پرمپرا جا نه آهن، انڪري اسانجي لاءِ لفظن سان گڏوگڏ سچائي به پرائي بڻجي پيئي آهي. پر جڏهن اسان ان سچائيءَ جو پاڻ ساکياتڪار (تصديق ڪرڻ، ڏسڻ) ڪندا آهيون ته پوءِ ان ۾ اوپرائي نه رهندي آهي. سچ ته سچ ئي آهي، الڳ الڳ ڪيئن هوندو؟ سنسڪرت، پالي، پراڪرت، هبروُ، عربي وغيره الڳ الڳ ٻولين جا لفظ لفظي سچ مڃڻ وارن کي الڳ الڳ لڳندا، پر ان کان ذرا اڳتي وڌون ۽ ٿورو عقل کان ڪم وٺون ته هي ذهني انومان سچ گهٽن ئي ڳنڍين کي کولڻ ۾ مددگار ٿيندو. سچ سان واسطو رکندڙ ڪيترا تفاوت دفع ڪندو. جڏهن خود آزمودي ذريعي سچائيءَ کي پرکڻ لڳنداسين ته سچائيءَ جا سمورا تفاوت آهستي آهستي پري ٿيندا ئي. سچاين ۾ تفاوت نظر نه ايندو بشرطيڪ آزمودي جو استعمال تعصب (ڪٽرپڻو) کان آجو هجي ۽ سچ کي سوڌڻ لاءِ ئي هجي.

سچ نه پنهنجو هوندو آهي نه پرائو. نه پراڻو نه نئون. نه ٻڍو هوندو آهي نه جوان. نه برمي هوندو آهي نه ڀارتي. نه هندو هوندو آهي نه مسلمان. سچ سچ آهي، سدا هڪجهڙو، سڀ هنڌ هڪجهڙو. پر ڪنهن مڃتا کي جڏهن نسوري

ورتيءَ سبب مان بلڪل وزن نٿو ڏيان. صرف شبدن کي ئي ''منهنجو ڌرم'' ''تنهنجو ڌرم'' چئي ڪري چڱي ۽ لڳي جي وصف ڏيندو رهان ٿو.

'سميڪ گيان، سميڪ درشن ۽ سميڪ چريتر' انهن لفظن جو استعمال ڪنهن بہ جئنيءَ جي ڪنن کي پيارو لڳندو آهي. اهڙي نموني، 'شيل، سماڌي ۽ پرگيا' ڪنهن بہ ٻوڌيءَ کي، 'ستتپرگيہ' (هر حال ۾ ساڳيو يا ڏک سک کي سمان سمجهندڙ) 'اناسڪت' (موهہ نہ رکندڙ) ڪنهن بہ گيتا پريميءَ کي ۽ 'هولي اِنڊفرنس' جو استعمال ڪنهن بہ عيسائيءَ (ڪرشچن) کي پيارو لڳندو آهي. ساڳئي نموني ڪنهن کي ڌرم لفظ ٻڌندي ئي لڳي ٿو تہ جڻ ڪنن ۾ چانديءَ جون گهنڊڙيون وڄي رهيون آهن ۽ ڪنهن ماڻهوءَ کي ڌرم لفظ ٻڌندي ئي لڳي ٿو تہ جڻ ڇاتيءَ تي مهرين جا ڌماڌم ڌڪ لڳي رهيا آهن. ان جي ٺيڪ اُبتڙ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي 'ڌرم' لفظ ۾ ديو دنديي (ديوتائن جو خاص شنک) جهڙو ڪنن کي مٺو لڳندڙ شبد ساز جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ۽ 'ڌرم' لفظ وري هن کي ڪنڊي وانگر چڀندو آهي. ڪهڙو نہ موهہ پئدا ڪيو آهي اسانکي هنن لفظن لاءِ انهيءَ سبب انهنجي معنيٰ ڏانهن اسانجو ڌيان نٿو وڃي ۽ جيڪڏهن ڌيان وڃي بہ تہ اهو بہ بي معنيٰ آهي ڇاڪاڻ تہ ان جو عمل جيون ۾ نٿو ڪيو وڃي. فرقي ۽ ڌرم ۾ اهو ئي بنيادي (مکيہ) فرق آهي. فرقو لفظن کي اهميت ٿو ڏئي ۽ ڌرم معنيٰ کي ۽ ان تي عمل ڪرڻ کي. اسين پل پاڻ کي هزار دفعا فرقي سان واسطو رکندڙ نہ چئون پر سچائي اها آهي تہ فرقا ئي اسان لاءِ سڀ ڪان وڏا بڻجي ويا آهن. انڪري لفظ وڏا ۽ معنيٰ ننڍي ٿي پيئي آهي. ساکيات آزمودو تہ لڳہ ڀڳہ غائب ٿي ويو آهي، جنهنکي ڏسو اُهو لفظي سچ جي پنيان ڇريو آهي ۽ تمام ٿورا آهن جيڪي انومان سچ طرف وڌن ٿا. ساکيات سچ ڏانهن وڃڻ لاءِ ڪنهن کي فرصت ئي نہ آهي ۽ ڪو ئي ان جي ضرورت بہ محسوس نہ ٿو ڪري.

اسان هندن جون واڇون ٽڙي ويندون آهن جڏهن ڪوئي غير هندو گيتا جو شلوڪ پنهنجي تقرير ڪندي سنسڪرت ۾ چئي ٻڌائيندو آهي. اهڙيءَ طرح اسان ٻوڌن جي ۽ جئنن جي دل جي ساز جون تارون وڄڻ لڳنديون آهن جڏهن ڪوئي غير ٻوڌي يا غير جئني ڌم پد يا مهاوير واڻيءَ کي پنهنجي

نظرن ۾ ڏرم پلي غرق ٿي وڃي پر فرقو قائم رهي. ڪهڙي حالت ٿي ويئي آهي اسان منوءَ جي پٽن (سنتان) جي؟ منن ۾ چنتن جو سياءُ تہ ڇا وڃايو پر انڌي فرقي جو ڀوت سر تي سوار ڪري ڇڏيو. اسان پنهنجن ڏرمي گرنٿن کي بنا سوچي سمجهي سچ مڃيون ۽ بين ڏرمي گرنٿن کي بنا پڙهي ئي ڪوڙو مڃيون اهڙي جذبات (جوشيلي ڀاونا) اسانجي اندر دٻي دٻي پري ويئي آهي. اسان کي ڏرم سان ڪو واسطو نہ آهي. اسان جي لاءِ فرقو ئي سڀ ڪان وڏو آهي. خراب ۾ خراب، اِڌرمي ۽ بدهلت ماڻهو بہ جيڪڏهن اسانجي فرقي جو آهي تہ چڱو آهي. نہ تہ تہ سٺي ۾ سٺو، ڏرمي ۽ سداچاري بہ جيڪڏهن ڏارئي فرقي جو آهي تہ اهو اکين کي نٿو وڻي.

اسان کي جئن ورثي ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ جهڙي شڪل صورت ملندي آهي، ٻولي ملندي آهي، اهڙي نموني انڌيون مڃتائون بہ ملنديون آهن. اسان کي انڌي ڀڳتيءَ (بندگي) جي جوشيلي ڀاونا بہ ملندي آهي. فرقيپرستيءَ جي اها دکدائي لالچ بہ ملندي آهي جيڪا اسانجي انڌي مڃتائن جي گرفت (پڪڙ) کي مضبوط بڻائيندي آهي. پر اُن سان گڏ انساني عقل روپي ملڪيت جو ٻج بہ شامل هوندو آهي. اسان پنهنجي ماءُ پيءُ کان مليل شڪل شبيهہ تہ بدلي نٿا سگهون پر اِنهن مڃتائن کي پنهنجي عقل جي استعمال سان ۽ پنهنجي آزمودن جي زور تي ضرور بدلي سگهون ٿا. جيتريون ڪم جون هجن انهن کي رکي سگهون ٿا، جيڪي نڪميون هجن انهن کي اُکيڙي ڦٽي ڪري سگهون ٿا. عقل جو بلڪل استعمال نہ ڪريون ۽ پنهنجي آزمودن جو ذرا بہ ابياس نہ ڪريون تہ سمجهڻ بنا ئي انهن انڌن آزمودن کي پنهنجي شڪل ۽ صورت وانگر جئن جو تئن بڻائي رکڻ جي هرڪا ڪوشش ڪنداسين.

سچي ڏرم جي سوڌڻ ۾ انڌي مڃتائن سان ڪوئي سمجهوتو (ناهہ) ٿي نٿو سگهي. جتي جتي انڌي مڃتائن جو زور آهي اُتي ڏرم نہ پر فرقو آهي ۽ سمجهڻ کپي تہ اسان کي ڪوئي خود غرضيءَ يا اڻڄاڻائيءَ جي وس ٿي پنهنجي واڙي ۾ ٻڌي رکڻ ٿو چاهي. سچ ۽ ڏرم لاءِ ويچار، خيالات جي ڏي وٺ ۽ زبان جي آزادي بلڪل ضروري آهي. ساکيات آزمودن جو ابياس ان

دماغي ڪلپنا جي آڌار تي سچ مڃڻ لڳندا آهيون تہ الڳپڻو پيدا ٿئي ٿو. بيطرف آزمودي دوران پيدا ٿيل سچ ۾ فرق نہ ٿيندو آهي. لفظي سچ ۽ انومان سچ جي حدن کي پار ڪري جڏهن اسان ساڪيات (عملي) سچ کي اهميت ڏيڻ لڳندا آهيون تہ ڪوڙين ڪلپنائن جون پاڙون ڏڍڻ لڳنديون آهن ۽ شڌ ڌرم قائم ٿيڻ لڳندو آهي. جنهنجو آزمودو ڪري سگهجي اهو ئي سچ آهي، اِهو مڃي هلڻ تي ڌرم جي رستي تي هلڻ آهي. اهڙي ماحول ۾ انڌ وشواس ٽڪي نہ سگهندو، ڪوڙ پلجي نہ سگهندو. سچو ڌرم کوجنا جو وشئہ (معاملو) آهي، انڌي پوئواريءَ جو نہ آهي.

پر جتي فرقو پلجي ٿو اُتي فرقيرست اڳوان سچ کي ويجهو اچڻ نٿا ڏين. سچائيءَ کي بحث جي ڪسوٽيءَ تي لڳڻ نٿا ڏين آزمودو ڪرڻ تہ پري رهيو، چون ٿا ڌرم ۾ عقل جو دخل ئي نٿو رهي. اُهو ڌرم ڪهڙو جنهن ۾ عقل کي ڪا جاءِ نہ هجي؟ بنا عقل ۽ بنا گيان وارو ڌرم، ڌرم ڪيئن ٿيو؟ ها، اِهو برابر آهي تہ فرقي ۾ عقل کي جاءِ نہ آهي، چاڪاڻ تہ عقل اچڻ سان فرقي جا ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندا آهن. اُتي تہ انڌ وشواس ئي پلجندو آهي. ڪوڙ جي جڳهہ تي اَڌرم ئي پلجندو آهي، ڌرم پلجي نٿو سگهي. جڏهن ماڻهو پنهنجي دماغ کي قيد ڪري ڇڏيندو آهي تہ سچائيءَ جي کوجنا (سوڌ) پنهنجو پاڻ ئي بند ٿي ويندي آهي. ڌرم جا پير ڪٽجي ويندا آهن ان جون اکيون ڏري پونديون آهن ۽ اهو منڊو ۽ انڌو فرقو بڻجي پوندو آهي. جڏهن ”گرو جو وچن ئي سڀ ڪجهہ آهي“ اهڙي گرو بڻجڻ جو دعويٰ هن جي سامهون ديوار بڻجي بيهي رهي تڏهن هن سچ جي ڳولها ڪرڻ ڇڏي ڏني.

ڪنهن بہ تنگ ذهن واري فرقيپرست اڳوان کي اِهو ڀئہ بڻيو رهندو آهي تہ منهنجي واڙي جي هڪ بہ رڍ واڙو ڇني ڪنهن ٻئي واڙي ۾ وڃي نہ شامل ٿئي. منهنجي سيني پوئلڳن جو رڍن ٻڪرين ۽ ڳانين، ڏاندن جهڙي انڌي پوئواريءَ وارو سياءُ قائم رهي. انڪري هو انهن کي پنهنجي فرقي جي مڃتائن جي ڳهري نشي جي اثر هيٺ رکي ٿو. ڪيترين ئي ڍنگين ۽ اٽنهڪندڙ ڳالهين کي مڃائڻ لاءِ مجبور ڪندو ٿو رهي. نہ مڃون تہ نرڪ جي عذابن جو ڊپ ۽ مڃون تہ مڪتي ۽ موک جي لالچ ڏيندو رهي ٿو. هنجي

دوها

سچ نہ ٻيو ڪو ٽي سگهي، سچ اصل ۾ هڪ،
بنا درشن ۽ گيان بنا، خيال سچ انيڪ.

شڌ سچ ئي ڌرم آ، ڪوڙ نہ آهي ڌرم،
پلجي ٿي جت ڪلپنا، اتي دکي ٿئي ڌرم.

منن ڪرڻ، چنتن ڪرڻ، اِهو منش جو ڌرم،
اڪيون ٻوٽي پوئتان هلڻ، اِهو پسن جو ڪرم.

شبد ويچارو ڇا ڪري، جو اَرٿ نہ سمجهي ڪوئي،
اَرٿ ويچارو ڇا ڪري، جو عمل ڪري نہ ڪوئي.

پنهنجي پنهنجي گرنٿ سان، ڏاڍو پريم ڪيو،
اِهو منش جو بدنصيب، جو گرنٿ زنجير ٿيو.

گيتا هجي يا بائيبل، سچ حاصل ٿئي اُتي،
جتي گيان جا وچن هجن ۽ سياٽپ جا سخن جتي.

ڪان بہ وڌ ضروري آهي. انهن تي هٺڪڙيون لڳل هجن تہ سمجهو تہ اسان سچ ۽ ڌرم ڪان پري پٽڪي رهيا آهيون.

انومان ۽ ساکيات سچ جو ميل جول ڏاڍو ڪلياڻڪاري ٿيندو آهي. جيڪو آزمودو پرايون ان کي عقل جي سطح تي سمجهون ۽ جنهنکي عقل جي سطح تي سمجهون تا ان کي آزمودي جي سطح تي بہ سمجهڻ کپي. اِهو ئي سچ کي سوڌڻ آهي. هن سچ جي سوڌڻ ۾ لفظي سچ، شروعات ۾ رهبريءَ جو ڪم ڪري سگهي ٿو، بشرطيڪ اسان ان جو استعمال کليل دماغ سان ڪريون. پر جڏهن سچ کي سوڌيندڙ ڪن اڳين مڃتائن جو حمايتي بڻجي ويندو آهي ۽ پوءِ ڪنهن بہ نموني پنهنجي مڃتا کي ثابت ڪرڻ ۾ سموري شڪتي لڳائيندو آهي.

ڪنهن مهاپرش جا سخن (وچن) پنهنجي آزمودي جي آڌار تي چيل هجن ۽ اُهي اسانجي عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکيل هجن ۽ انجي آڌار تي اسان جو ساکيات اپياس ڪيل هجي تہ پوءِ سچي ڌرم جو رٿ صحيح طرف ۾ اڳتي وڌندو آهي ۽ منزل تي پهچندو آهي. سچ جي هن ٽنهي اهم جڙن (انگن يا حصن) جو پورو استعمال ڪندي اسان ڪوڙ ڪان سچ جي طرف ۽ اڳيان ڪان ڳ يان جي طرف، غلاميءَ ڪان آزاديءَ جي طرف وڌندا رهون، انهيءَ ۾ اسان سيني جو ڀلو آهي.

* * *

تہ پنھنجو ۽ ٻين جو نقصان ڪنداسين. برابر استعمال ڪنداسين تہ ان جو پرپور فائدو حاصل ڪنداسين. اسانجا ڏکہ ۽ ڏکن کان ڇوٽڪارو اسانجي بيعقلائي ۽ عقل تي مدار رکن ٿا. نرگڻ، نراڪار، هرهنڌ حاضر، بي اَنت، ڪائنات جي قاعدي يعني سرشتيءَ جي ڌرم ۾ ڪوبہ پاسخاطريءَ جو ويچار آهي ئي ڪونہ. هي قدرت جو قاعدو سيني سان هڪجهڙو لاڳو ٿيندو آهي. جيڪو ان تي هليو اهو ڏکن کان ڇٽندو. جيستائين اسان هن سچائيءَ کي نٿا سمجهون تيستائين پٽڪون ٿا ۽ پنهنجي هاڃي ڪريون ٿا. پورو پورو سمجهون تہ پٽڪڻ بند ٿئي. وڏان يعني ڌرم تي هلڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃون، جئن اڻڄاڻائيءَ ڪري وڏان جي خلاف هلڻ ڪري جيڪا تڪليف پوڳي رهيا آهيون ان کان ڇوٽڪارو پائي سگهون.

ٿلهي پئماني، ڪائڻ پيئڻ ۽ هلت چلت سان واسطو رکندڙ قدرت جا جيڪي قاعدا آهن انهن کي سمجهي ۽ انهن مطابق هلي اسان شرير کي صحتمند رکون ٿا. بلڪل تئن ئي تمام سوکيم سطح تي جيڪي قانون آهن، انهنکي ڄاڻي ۽ سمجهي ۽ انهن مطابق هلي اسان اندر جو سک شانتي حاصل ڪري سگهون ٿا.

بيماريءَ جو سبب نہ ڄاڻينداسين تہ ان کان ڇٽي نہ سگهنداسين. ڪٿي ٻئي هنڌ ئي وڃي ڦاسنداسين جنهن جو بيماريءَ سان ڪنهن قسم جو لاڳاپو نہ هوندو. اِهائي اڻڄاڻائي آهي جيڪا اسانکي بيماريءَ مان ڇٽڻ نٿي ڏئي. بيماريءَ جو صحيح سبب معلوم ٿي وڃي ۽ ان سبب کان ڇوٽڪاري پائڻ ۾ لڳي وڃون تہ پوءِ بيماري مان ڇٽڻ ۾ ڪوئي شڪ نہ رهي.

جڏهن اِنساني گيان ۽ عقل ٻاراڻي اَوسٿا ۾ هئا تڏهن ماڻهو وائڙو ٿي قدرت جي هرهڪ صورت (سروپ) کي هڪ منجهيل راز سمجهندو هو. هنجي سهڻي صورت کي ڏسي خوش ٿيندو هو ۽ هن جي شڪتي شالي صورت کي ڏسي ڊڄندو هو. صحيح سببن کي نہ ڄاڻڻ جي ان حالت ۾ ڊنل انسان ڪلپنا جي آڌار تي ڪنهن لڪل ديوتا جي ناراضگيءَ کي قدرت جي نابودگيءَ جو سبب سمجهي ۽ پنهنجي حفاظت لاءِ هنجي راضپي جو بکاري بڻيو، هن جي ساراهہ جا گيت ڳاتائين. هنجي پوڄا ڪيائين، هن تي اناج

18. ڌرم درشن

ڌرم درشن معنيٰ سچ جو درشن. هتي درشن جو مطلب نہ فيلسوفي آهي نہ تتوَ جي وياکيا (تت يا سار جي وصف) ۽ نہ ڪنهن صورت يا مورت کي ڏسڻ ئي. هتي درشن جو مطلب آهي ساکيات سچ جو آزمودو جيون جڳت جي سچاين کي ۽ قدرت جي وڌان کي ساکيات تجربي دواران جاڻڻ ئي ڌرم درشن آهي ۽ سچ جو درشن آهي.

ڌرم ڏکن کان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ آهي ۽ درشن آهي ان جو وگيان دواران اَڀياس. قدرت جا اُهي قاعدا جيڪي اسان تي هر پل لاڳو ٿين ٿا، جن جو اسان سان سڌو واسطو آهي، انهنکي جاڻڻ، سمجهڻ قبول ڪرڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي انهن موافق ڍاهڻ اِهو ئي ڌرم درشن جو مقصد آهي. درشن جو اَڀياس دواران اسان هن ۾ جيترو جيترو پڇندا آهيون، اوترو اوترو ڌرم ۾ مضبوط ٿيندا آهيون، سک ۽ شانتيءَ جا سچا حقدار ٿيندا آهيون. ڌرم درشن جو ابياس اسانجي روحاني واڌاري جي ڏاڪڻ آهي.

قدرت جا اُهي نيم جن جو اسانجي ڏکن سان ۽ ڏکن کان ڇوٽڪارو پائڻ سان، اسانجي بنڌنن سان ۽ بنڌن کان مڪتي حاصل ڪرڻ سان سڌو واسطو آهي، انهنکي جاڻڻ ۽ انهنکي سمجهي انهنجو پنهنجي ڀلي لاءِ استعمال ڪرڻ ئي ڌرم آهي. جيڪو ڏکن جو سبب آهي ان کان ڇوٽڪارو پائڻ ۽ ڏکن کان ڇٽڻ جو اُپاءُ آهي ان کي عمل ۾ آڻڻ اِهو ئي هر هنڌ حاضر وڌان سان هڪ ٿي وڃڻ جو، پنهنجو ڀلو ڪندڙ ۽ سڀني جو ڀلو ڪندڙ ڌرم آهي. قدرت جي 'سبب ۽ نتيجو' وارو دستور سڀ سان لاڳو ٿيندو آهي. هي دستور نہ ڪنهن تي ڪاوڙ ڪندو آهي نہ رحم. قدرت ڪنهن جو لحاظ نہ ڪندي آهي. جيڪو قانون ڀڃندو آهي ان کي سزا ڏيندي آهي، جيڪو قانون جو عمل ڪندو آهي ان کي انعام ڏيندي آهي. باهہ جو ڪم جلائڻ آهي، هي قدرت جو قاعدو آهي. اسان پنهنجي اڻڄاڻائيءَ سان باهہ جو غلط استعمال ڪنداسين

دور ٿي وڃن ته دکه کان ڇٽي ويندا آهيون. انهن کوج ڪئي ته آخر هي برايون به ڇو ٿيون پئدا ٿين ۽ ڇاتو ته سيني براين جي ماءُ چاهنا آهي. وٽندڙ کي حاصل ڪرڻ جي چاهنا ۽ اٽوٽندڙ کي پري هٽائڻ جي چاهنا. اندر ئي اندر ڪابه وٽندڙ ۽ سکدائي سنويدنا جاڳي ته موهه روپي چاهنا ۽ اٽوٽندڙ دکدائي سنويدنا پئدا ٿئي ته نفرت روپي چاهنا جاڳندي. ڳولها جاري رهي ۽ اُنهن ڄاڻڻ چاهيو ته هي وٽندڙ، اٽوٽندڙ، سکدائي ۽ دکدائي سنويدنائون آخر ڇو ٿيون پئدا ٿين؟ هنن ڏٺو ته جڏهن جڏهن اکيون، ڪن، نڪ، ڄڀ، چمڙي ۽ من، هنن ڇهن حواسن جو پنهنجن ڪمن، جهڙوڪ ڏسڻ، ٻڌڻ، سنگهڻ، سواد وٺڻ، ڇهڻ ۽ سوچڻ سان لاڳاپو يا ٽڪرڻ ٿئي ٿو، تڏهن تڏهن اندر ئي اندر شرير ۽ من تي قسمين قسمين، بيشمار سوکيم لهرون پئدا ٿين ٿيون ۽ پنهنجي اڳين سنسڪارن ۽ آزمودن جي آڌار تي وٽندڙ يا اٽوٽندڙ جو نالو ڏيون ٿا. انهن اِهو به ڏٺو ته جيتوڻيڪ اکين، ڪنن، نڪ ۽ ڄڀ تي ڪنهن شيءِ جو ڇهاءُ نه ٿيڻ ڪري ڇهاءُ سان پيدا ٿيندڙ سنويدنا نه ٿيندي هجي تڏهن به شرير ۽ سرت (سرجيتائي، سجاڳي) جي سطح تي جيستائين جيئرا آهيون، تيستائين هر پل هي ڇهاءُ ۽ سنويدنائون ٿينديون ئي رهن ٿيون ۽ انهن کي وٽندڙ ۽ اٽوٽندڙ مڃي پيار ۽ ڌڪار جي پرتيڪريا (جوابي ڪارروائي) ڪندا ئي رهيا آهيون. انهن اِهو به ڏٺو ته سمورو پرپنچ (مانداڻ) اندرين جي من جي ان سطح تي هلندو رهي ٿو جنهن سطح تي اسان کي هوش ئي نه رهندو آهي يعني اسان کي خبر ئي نه پوندي ته ڇهاءُ ڪڏهن ٿيو؟ جنهن ڪري سنويدنا ڪڏهن جاڳي؟ ۽ ان جي پرتيڪريا ڪندي اسان ڪڏهن موهه ۽ نفرت جي وهڪري ۾ وهي وياسين؟ ڪڏهن چڪتاڻ جون ڳنڍيون ٻڌڻ لڳاسين ۽ ڪڏهن دکن جا ڍير لڳائڻ لڳاسين؟ انهن ڏٺو ته مٿان مٿان ته مٿي ذکر ڪيل هوش هوندي به اندر بيهوشي، اَگيان، جاهليت ۽ موهه جي ماحول ۾ اسان هن من جي وهڪري ۾ هر پل اڻڇاڻائيءَ ۾ ئي لڳاءُ ۽ نفرت جي گندگي وهائيندا رهون ٿا. ساڳيءَ طرح جيئن جيئن ناسور مان روڳه پس لاڳيتو وهندي رهندي آهي، ان سببان دکن ۾ ٻڌل رهون ٿا.

ڳولها جاري رهي. هنن ڏٺو ته جنهن جنهن پل ۾ اندرين من جي اونهاين

جي ٻل ئي نہ پر گگدام بيڏوھي جانورن ۽ انسانن جي بہ ٻل چاڙھي ڏرتي ۽
کي رت سان رنگيائين. پر جڏھن صحيح سبب ئي نہ سمجھيائين تہ بيماري ۽
جو علاج ڪيئن ٿئي ھا؟ جن ٿورن ماڻھن اِنھن انڌ وشواس جي پرواھہ نہ
ڪري سچائيءَ جي ڳولھا ڪئي انھنکي پنھنجي صحت جو جوڳو ڦل مليو.
ھنن قدرت جي سچاين جا ڪيئي راز ڳولھي ڪڍيا. پليگ، وبا (ڪالرا)،
وڏي ماتا جھڙين موتمار بيمارين جو صحيح، سبب معلوم ڪيا. دماغي اِنسان
ھنن بيمارين جي پاڙ پٽڻ ۾ پنھنجي سموري طاقت لڳائي ڇڏي. ڏکر ۽ ٻوڏ
ڏسي بي سھاري ٻڻجي ھٿ جوڙڻ جي بجاءِ ھن پنھنجو عقل ھلايو ۽ بھادري
ڏيکاري. ندين تي بند ٻڌا ويا. سچ جي ڳولھا ڪندڙ ھنن عقلمندن اھڙي
نموني جدا جدا کيترن ۾ انڌ وشواس جون پاڙون پٽيون ۽ آدم ذات کي سکي
۽ مالا مال ڪرڻ ۾ لڳي ويا. اسان جي سچ جي ڳولھا ۾ ھيءَ ھلچل ساراھہ لائق
آھي جيڪا ھاڻي تہ آڪاش ڪوچ ۾ بہ پنھنجو پتڪڙو قدم وڌائي رھي آھي.

پر ھن آڪاش ڪوچ کان وڌيڪ ضروري آھي پنھنجي اندر جي آڪاش جي
ڪوچ، پنھنجي پاڻ سان واسطو رکندڙ قدرت جي سچاين جي ڳولھا. اھي
سچايون جن جي سببان اسان دکي ٿيون ٿا ۽ اھي جن سببان اسان دک کان
آزاد ٿي سگھون ٿا، انھن کي نہ ڄاڻڻ سببان پنھنجي روزاني حياتي جي
تڪليفن جي سبب: ھنن ديوي ديوتائن جي ناراضگي ۽ تڪليفن مان ڇوٽڪارو
ھنن جي راضپي تي مڙھڻ لڳاسين. ان ڪري جڏھن جڏھن ننڍو يا وڏو دک
آيو تہ پنھنجي ابوجھہ ۽ دنل من جي حالت ۾ اسان انھن جي باس باسڻ
لڳاسين پيتا چاڙھڻ لڳاسين، انھن جي استانن جي ياترا ڪرڻ لڳاسين، ھنن
جي ساراھہ سان پريل پاٺ ڪرڻ لڳاسين. ھنن خيالي وڏاتائن کي خوش
ڪرڻ لاءِ اڻڳڻيا ڪرم ڪانڊ پئدا ڪياسين ۽ انھن تي عمل ڪرڻ لڳاسين.

پر اِنسان ذات جو سچاڳہ طبقو اندرين ڳولھا ۾ لڳو رھيو. گذريل يڳن ۾
کيترا رشي، مني، سنت، گياني، عقلمند، تيرتنڪر (جئنن جا سنت) پئدا
ٿيا. جن اندر جي آڪاش جي ڪوچ ڪري ھي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ اسان
جي ھن چت ڌارا ۾ جڏھن ڪاوڙ، حسد، پڙ، واسنا، ساڙ وغيرہ برابن جي
ڪري ڦيرو يا بگاڙو ٿئي ٿو تہ اسان دکي ٿيندا آھيون ۽ جيڪڏھن ھي وڪار

سائنسدان ڳولهي ڪڍيو تہ مليريا جي بيماريءَ جو فلاڻو سبب آهي ۽ ان سبب جو علاج آهي ڪئنن جي دوا. هاڻي ڪئنن ڪيتري بہ فائدي واري هجي پر بيمار جڏهن اُها پاڻ ڦڪيندو تڏهن تہ مليريا کان آجو ٿيندو. اهڙي نموني جدا جدا قسمن جي طريقن مان هنن پلو چاهيندڙ ساڌڪن ڌرم درشن جي دوا ڳولهي ڪڍي جيڪا چاهي رام باڻ دوا هجي، تڏهن بہ تہ اُن جو استعمال ڪرڻ اڻٽر يا ضروري آهي ئي. هنن شڌ، سياڻن ۽ مڪت مهاپرشن جي ايتري تہ ڪرپا آهي جو هنن رستو ڳولهي ڏنو. ان تي هلڻو تہ، اسان کي ئي آهي. ڪوئي ڪلهن تي چاڙهي منزل تائين پهچائڻ لاءِ ڪونہ ايندو. ”پنهنجي مڪتي پنهنجي هٿ“، واري سچائيءَ کي مڃڻ اهنڪاري نہ بڻجڻو آهي پر نهني ڀاوَ سان پنهنجي ذميواري قبول ڪرڻي آهي.

ساڌڪو، مان پنهنجي ۽ پنهنجي سڄاتل هزارن ساڌڪن جي تجربي جي آڌار تي چوان ٿو تہ هن جوڳي ڪم جي اڀياس ڪرڻ ۾ ڪوئي عجيب چمتڪار نہ آهي. جيڪو حاصل ٿئي ٿو اُهو پنهنجي سخت محنت وسيلي ئي حاصل ٿئي ٿو. مون وٽ تہ منهنجي ميري من جو دشالو (ٽوال) آهي. خوشقسمتيءَ سان هي طريقو صابڻ سمان حاصل ٿيو. مون هن صابڻ جو جيترو استعمال ڪيو اوتري ئي ميراڻ صاف ٿي ان کان وڌيڪ نہ ٿي. جيتري باقي ميراڻ بچي آهي اوترا ئي دڪہ رهجي ويا آهن. محنت ڪجهہ نہ ڪريان يا ٿوري ڪريان ۽ سڀ داغ صاف ٿي وڃن اهڙو ڪوئي ڪمال ٿي نہ ٿو سگهي. سچ تہ هي ڪم حياتيءَ ڀر جو آهي. سڄي حياتي پاڻ کي هوشيار ۽ سڄاڳہ رکڻو ئي پوندو. ٻڌيمان رهڻو ئي پوندو. ڪم حقيقت ۾ ڏکيو آهي پر ٻيو ڪوئي رستو بہ تہ نہ آهي.

پر اِها اسان جي ڀورڙائي آهي جو اسان ڪوئي جادوُ جو رستو ڳولهيون ٿا، اهڙو جادو جنهن ذريعي اسان کي سخت محنت نہ ڪرڻي پوي ۽ ڪاميابي بہ ملي وڃي. اهڙي حالت ۾ اسان خيالي دنيا ۾ اُڏامڻ لڳون ٿا. هيترن گيانين دواران ڀرم (عظيم اُتم وڏو) سچ جي ڳولها ٿيڻ بعد (پهچڻ ڪانپوءِ) اسان کي اهو قبول ڪرڻو پوندو تہ اسان جي دکن جو سبب ڪوئي ديو يا جڳديشور نہ آهي پر اسانجا پنهنجا اڳوٽا ڪرم سنسڪار ئي آهن. پر تڏهن بہ اُميدون

تائين سچائيءَ رهندا آهيون، شانت رهندا آهيون، اَگيان، جاهليت ۽ موهه کان ڇٽل هوندا آهيون ۽ هن ٿوري وقت لاءِ جتاءُ ڪندڙ وهڪري کي نرموهي ياونا سان ڏسندا رهندا آهيون، اُن پل ۾ من جي وهڪري ۾ نئون لڳاءُ ۽ نفرت نٿي جاڳي. اِن جو نتيجو اِهو ٿو ٿئي تہ پراڻا وهڪرا ڪمزور بڻجن ٿا ۽ اڳہ جمع ٿيل ڪچرو نڪرڻ لڳي ٿو. هنن ڏنو تہ وري وري سمتا واري سچائيءَ جي اپياس سان من جو وهڪرو صاف ٿئي ٿو ۽ جيترو جيترو صاف ٿئي ٿو اوترو اوترو سنن گڻن سان خود ئي پرجڻ لڳي ٿو. جڏهن سدا صاف رهي ٿو تڏهن سيني سنن گڻن سان پرجي وڃي ٿو.

اهڙيءَ طرح پنهنجن آزمودن جي آڌار تي انهن سچ جي ڳولهائن ڏٺو تہ بيماريءَ جو اصلي سبب ۽ ڇٽڻ جو اُپاءُ ڪهڙو آهي؟ قدرت بہ انهن جي اڳيان پنهنجا سڀ راز ۽ ڳجهہ کولي رکي ڇڏيا. هنن ڏٺو تہ سچ ڳولهڻ جي هن سلسلي ۾ انهن جي چت ڌارا جو وهڪرو گندگيءَ کان آجو ٿي ويو. انهن جاتو تہ جيڪو ماڻهو هن اندر جي جاچ ۽ آتم درشن جي سلسلي کي اپنائيندو آهي ان جو من صاف ٿي ويندو آهي ۽ هوُ دکہ کان آجو ٿي ويندو آهي. سچ جي ڳولها جو هي پڌرو فائدو اِنسان ذات لاءِ هڪ وڏي حاصلات آهي.

ڪڏهن ڪڏهن اهو سوال اُٿندو آهي تہ جيئن ٻاهرين جسماني (جڙ پدارٿ) جڳت جي سائنسدانن جي کوج جو فائدو وٺندي انهن دواران ڪيل کوجنا جي تجربن کي اسين پاڻ تہ دهرائيندا آهيون ۽ اسان کي هنن جي حاصلات جو تہ سڌو فائدو ملڻ لڳندو آهي، تيئن ئي هن اندرين سرت جي جڳت جي کوج جو فائدو بہ اسان کي اهڙيءَ طرح ڇو نہ ملي؟ اسان هنن دواران ڳولهيل سچائيءَ کي مڃيون، ان ۾ شرڌا رکون، تہ بس ڪم پورو ٿيو. اسان مان هر هڪ ماڻهو ان سوڌڻ جي سلسلي مان پاڻ ڇو گذري؟ ڌرم درشن جو اپياس ڇو ڪري؟ ان جو جواب اِهو آهي تہ ان سوڌڻ جو سلسلو ئي تہ هنن جي ڳولها هئي ۽ اِهو ئي اسان جي بيماريءَ جو علاج آهي. جيستائين ڪوئي بہ پاڻ پنهنجي جاچ پڙتال نہ ڪندو تيستائين دکہ کان آجو نہ ٿي سگهندو. پنهنجي من جي برائين کي پاڻ سچائي اُنهن کي پاڙون پٽي سگهجي ٿو. اِها ئي دوا آهي جنهن کي پيئڻو ئي پوندو آهي. جيئن ڪنهن حڪومت جي جڳت جي

سبب من جون برايون آهن من جي براين کان آزاد ٿيڻ ئي دکہ کان آزاد ٿيڻ آهي. قدرت جو هي اٽل نيم (قاعدو) ۽ دستور جيترو سمجهہ ۾ ايندو وڃي اوترو من جي صفائيءَ کي ئي رکو هڪڙو ئي مقصد مڃي اسان ڌرم جي رستي تي هلڻ شروع ڪريون. پوءِ تہ دستور کي پالڻ ئي اسان لاءِ ست کان وڌيڪ ٿيندو ۽ بيو سڀ ڪجهہ ان کان گهٽ. دستور ئي دستور جو لاڳو ڪندڙ بڻجي وڃي، قانون ئي قانون جو رکپال بڻجي وڃي، سچ ئي نارايڻ بڻجي وڃي، ڌرم ئي ايشور بڻجي وڃي. دستور، قانون، سچ ۽ ڌرم جي پرواهہ نہ ڪري، انهن کان الڳہ ڪنهن نارايڻ کي راضي ڪرڻ جي ڳالهہ من ۾ اچي ئي نہ. ڌرم ڇڏڻ ۾ برائي سمجهي ۽ ڌرم پالڻ ۾ ڀلائي ئي ڀلائي.

سچ کي ئي ايشور مڃي ان لاءِ وويڪ (ضمير) سان شرڌا رکندي، جڏهن اسان ڌرم درشن جو اڀياس ڪندا آهيون تہ سچ پچ جيترو جيترو ڌرم درشن يعني سچ جو درشن ٿيندو آهي اوترو اوترو دکن کان آجا ٿيندا آهيون. ان حالت ۾ بي انتها (بي انت) قدرت جي سوکيم (باريڪ) سچاين سان ملي هڪ ٿيڻ لڳندا آهيون ۽ قدرت جي هيءَ سچائي (حقيقت) پنهنجي نيمن جي پابندي خود ئي اسان جو بچاءُ ڪرڻ لڳندي آهي. عمل ڪريون تہ ڌرم خود اسان جي رکيا ڪندو آهي. ان لاءِ ان جي يا ٻئي ڪنهن جي بہ خوشامند ڪرڻ نٿي پوي. ان کي ئي ڌرم جو نيم چئجي، جڏهن اسان جو من براين ۾ ڦاسندو آهي ۽ خراب ورتين جون لهرون پئدا ڪندو آهي، تہ سڄو جڳت ڦهليل ساڳين لهرن سان ملي هڪ ٿي اسان جي اوگڻن کي ۽ نتيجي طور ڏکن کي وڌائيندو آهي. بلڪل ابتڙ نموني جڏهن اسان جو من اوگڻن کان آجو ٿي صاف ٿيندو آهي، گڻن سان ڀرجندو آهي ۽ سٺين ورتين جون لهرون پئدا ڪرڻ لڳندو آهي تہ هن وشال جڳت ۾ سمايل ظاهر يا لڪل ساهوارن جون ۽ جيکي بہ ساتوڪ ديوتائون ۽ برهما آهن، انهن جي شڌ ڌرم واريون ساتوڪ لهرون اسان سان اچي ملنديون آهن، اسان کي طاقت بخشينديون آهن، اسان جي سکہ کي وڌائينديون آهن ۽ بچاءُ ڪنديون آهن. اِهو نيم آهي ۽ دستور آهي جنهن کي ساکيات ڪري آزمائي سگهجي ٿو.

ڪنهن بہ ملڪ جي راڄ جو جوڙجڪ (وڌان) ان ملڪ جو ڌرم هوندو آهي

اَڏڻ لڳون ٿا تہ اسان دواران هزارين براين ڪندي بہ ڪوئي اهڙو سرو شڪتيمان ۽ ديا جو ساگر آهي جنهن کي ڪنهن طرح راضي ڪريون تہ هوُ اسان جي سيني ڏکن کي دور ڪري ڇڏيندو. هن اُميد ۾ خوشامد ڪرڻ ۽ پيئائون چاڙهڻ جو سلسلو جاري ٿي ويندو آهي. اسان اهو نٿا چاڻون تہ اسين ڪري ڇا رهيا آهيون؟ انڌي ڀڳتيءَ جي پاونا ۾ اسان جنهن ڀڳوان کي پئدا ڪيو اُن ويچاري جي ئي مٽي پليت ڪري رهيا آهيون. ڪهڙو آهي هيءُ ڀڳوان جيڪو پنهنجي وڏائي ۽ عزت ڪرڻ سان خوش ٿئي ٿو ۽ حد کان وڌيڪ ساراهہ ٻڌي خوشيءَ ۾ نٿو ماپي. سائين سائين (جي حضور) ڪرڻ وارن خوشامندڙين تي مهر جي ورکا ڪري ٿو. پنهنجي ساراهہ ڪندڙ تي خوش ٿي اُنهن جي ڪاري ناڻي کي سفيد ڪري ٿو. نڳہ ۽ گنهگار کي بيگناهہ سان گڏ ويهاري اهنڪار جو پتلو وري اهڙو آهي جو پل ڇڪ ۾ بہ ڪوئي هن جو نالو وٺي ڇڏي تہ جهٽ پٽ ان کي مڪتي ڏيڻ لاءِ راضي ٿي ويندو آهي. اهڙو موهہ آهي هن کي پنهنجي نالي سان ۽ هن کي پنهنجي سمبردايہ سان. جنهن جنهن پنٿ جو ڀڳوان آهي اُن اُن پنٿ جي ماڻهوءَ جو پاسو وٺي ٿو. اهڙي نموني الڳہ الڳہ پنٿن جا الڳہ الڳہ ڀڳوان اسان پئدا ڪيا آهن، اڙي ڪا حد بہ آهي اسان جي پورڙائيءَ جي؟ ڇا سچ پچ هن وشال جڳت جو بندوبست (قانون) اهڙي حڪمران يا حڪمرانن جي هٿ ۾ آهي جيڪي پاسخاطري ڪندڙ آهن، اَهنڪاري آهن، قانون قاعدي کي ۽ ڌرمي وڌان کي پاسيرو رکي من ماني ڪرڻ وارا آهن يا عيبن سان پريل آهن؟

جيڪڏهن مڃتا ئي ڪرڻي هئي تہ اهڙي اوگڻن جي جڳهہ تي ڪنهن گڻوان ديوتا جي ڪريون ها، جيئن هنن جي گڻن جو ويچار ڪري، انهن مان اُتساهہ پائي پاڻ کي گڻوان بڻائڻ ۾ تہ لڳي وڃون ها! ڪلياڻ تہ ٿئي ها! پر پنهنجي پورڙائيءَ جي ڪري اسان پنهنجو ئي دک پئدا ڪرڻ لڳاسين. من کي صاف ڪرڻ سان ئي دکہ کان ڇوٽڪارو ملٺو آهي، اهڙي دستور کي مڃيندي بہ پلي من صاف ٿئي نہ ٿئي، اسان هن دستور کي ڇڏي ڪنهن من ماني ڪندڙ حاڪم جي ساراهہ ڪرڻ جي ناداني ۾ لڳي وياسين.

ڌرم درشن جو اڀياس اسان کي اهڙين پلن کان ٻاهر ٿو ڪڍي. دکہ جو

دوھا

قدرت جو قانون آ، ڪروڙ ڪرپا ڪان چڱل،
صاف من سڪي ٿئي، دکي من بگڙيل.

ڪنهن کي پوڄيان، ارڳہ ڏيان؟ ڪهڙو آهي ايشور؟
مان تہ سچ کي پوڄيان، سوچ ڌرم ئي جگديشور.

سچ ويو ۽ ڪوڙ رهيو، ٿيو رچيندڙ پرڌان،
سچ رچيندڙ جي چڪر ۾، سچ وساريو نادان.

ايشور پوڄي ڇا ڪريون، اگر رهي ڌرم نہ ساڻ،
ڌرم جنهن سان ساڻ آ، سو ايشور پوڄي ڇاڪاڻ؟

شيل پالڻ آ ڏکيو، پوڄن ڪرڻ آ آسان،
شيل ڇڏي پوڄن ڪري، ڪهڙو نہ ھي نادان.

ڌرم پالڻ ۾ جتي، جيڪو وڳهن وجهي،
موهہ ڇڏي اُن کي تياڳيو، پل پيارو ڇو نہ ھجي.

جيڪو هونءَ بہ سيني ملڪن سان واسطو رکندڙ، سيني زمانن (هلندڙ، گذريل ۽ ايندڙ) سان واسطو رکندڙ، جڳت جو وڏان ۽ جڳت جو ڌرم آهي. جيستائين ان ملڪ جو رهواسي ان راڄ جي سرشتي موجب جيون گذاريندو آهي، سرشتي جي ڀڃڪڙي نہ ڪندو آهي تيستائين اُن کي حاڪم جي غصي ٿيڻ جو ڪوئي ڊپ نہ ٿيندو آهي. هوڏانهن بنا پرارٿنا ۽ پڪار جي اُن جي بچاءَ جي سموري ذميواري حڪومت جي ٻلي هوندي آهي. پر جيڪو ان سرشتي کي ٽوڙيندو آهي ۽ حاڪم کي خوش رکڻ لاءِ هن جي خوشامند ڪندو آهي، اُن تي ڳل چاڙهيندو آهي تہ اهڙو ماڻهو نہ صرف پنهنجي لاءِ پر سڄي ملڪ ۽ سماج جي سک ۽ شانتيءَ لاءِ ۽ انتظام لاءِ خطرناڪ ثابت ٿئي ٿو. جنهن ملڪ جا ماڻهو، راڄ جي قانون جو خبرداريءَ سان پالن ڪن تہ ان ملڪ ۾ سک ۽ شانتي ئي رهندي، اهڙيءَ طرح هن وشال جڳت جي راڄ ۾ ڌرم پالن جهڙي جڳت جي سرشتي ڪانسواءِ سک شانتيءَ حاصل ڪرڻ جو ٻيو ڪهڙو اُپاءُ ٿي سگهي ٿو؟

تنهن ڪري نہ صرف پنهنجي سک شانتيءَ لاءِ پر سڀ جي سک شانتيءَ لاءِ ڌرم جو پالن ڪريون. جڳت جي وڏان موجب جيون گذاريون ۽ لڳاتار پوري وشواس سان ڌرم درشن جي اَڀياس دواران من کي براين کان آجي ڪرڻ ۾ لڳون. هن اڀياس ڪرڻ ۾ جيڪي رڪاوٽون اچن، اُهي ڪيتريون بہ پياريون لڳندڙ چو نہ هجن، اُهي اسان جي ويچارن جي پراڻين روايتن سان چو نہ نهڪندڙ هجن، تڏهن بہ انهن کي نرموهي ٿڻجي پري ڪري ''هڪ پاڙ کي پاڻي ڏيڻ سان هر شاخ کي ازخود ملي ٿو'' اهڙي طرح من کي صاف ڪرڻ جي اَٽڪ ڪوشش ڪندا ئي رهون، ڪندا ئي رهون. ٻي انت جي ذري ذري سمايل سڪدائي سچ جو اِهو ئي وڏان آهي.

* * *

ته اسان جُتي پائي هلون. تيز برسات ۾ اُس ايندي ئي، بچاءُ ان ۾ آهي ته اسان ڇٽي کولي هلون يعني ته هر حالت ۾ اسان پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪري سگهون.

بچاءُ ان ۾ آهي ته ڪوئي گار ڏئي يا بي‌عزتي ڪري ته به مان ڪاوڙ نه ڪري برائيءَ کان آجو رهان. هتي هيءَ ڳالهه سوچڻ لائق آهي ڪنهن ماڻهوءَ دواران بي‌واجبي هلت هلڻ سببان يعني هن جي ڏوهه سببان منهنجي اندر ڪروڌ يا برائي ڇو ٿي پئدا ٿئي؟ ان جو سبب مون ۾ يعني منهنجي سٽل من ۾ ڪنو ٿيل اَهنڪار، موهه، لڳاءُ ۽ نفرت وغيره جون ڳنديون آهن، جن تي ڪنهن خاص موقع تي ڏڪ لڳڻ ڪري غصو ۽ نفرت وغيره برايون سڄاڳ ٿي من تي اُڀرن ٿيون، تنهن ڪري جنهن ماڻهوءَ جو اندريون من تمام شڌ آهي ۽ ان ۾ اهڙن اِتفاقن سببان ڪوئي به وڪار يا اَشانتي پئدا نه ٿيندي آهي.

پر سوال هي آهي ته جيستائين اندر تمام شڌ نه ٿيو آهي تيستائين ڇا ڪيو وڃي؟ من ۾ اڳئين ڪني ٿيل سنسڪارن جون گندگيون ته آهن ئي ۽ انهن سببان ڪنهن به اڻوٽندڙ اتفاق سان واسطو ٿيندي ئي نوان وڪار پئدا ٿين ئي ٿا. اهڙي حالت ۾ ڇا ڪريون؟

هڪڙو اُپاءُ ته هيءُ آهي ته جڏهن من ۾ ڪا به برائي پئدا ٿئي ٿي ته ان کي ڪنهن ٻئي ويچار يا ٻئي ڪم طرف ڦيرائي ڇڏيون يعني ته حقيقي حالت کان پٺي پاسو ڪريون! پر هي صحيح اُپاءُ نه آهي. جنهن کي اسان ٻئي طرف رنيائي يا لڳائي ڇڏيون اُهو ته ٻاهريون سڄاڳ من آهي. اندر وارو سٽل يا اڌ سڄاڳ من ته ساڳئي نموني ڪاوڙجي اندر ئي اندر مچ جي نوڙيءَ وانگر سخت ٿيندو ۽ ڳنديون ٻڌندو رهي ٿو. ايندڙ وقت ۾ جڏهن هي ڳنديون مٿي اُڀري سڄاڳ من تائين اينديون، تڏهن وڌيڪ اَشانتي ۽ بي‌آرامي پئدا ڪنديون. تنهن ڪري ڀڄڻ مسئلي جو صحيح حل نه آهي ۽ بيماريءَ جو پڻ صحيح علاج نه آهي.

هن مسئلي کي سلجهائڻ ۽ حل ڪرڻ لاءِ کوج اڄ کان لڳ ڀڳ 2500 (اڍائي هزار) سال اڳ هن ديش ۾ ڀڳوان گوتم ٻڌ ڪئي ۽ ماڻهن جي ڪلياڻ لاءِ هن کي هر طرح سولو بڻايو. هُن پنهنجي تجربن جي آڌار تي ڄاتو ته اهڙي

19. وپشينا ڇو؟

من ۾ مترتا ۽ ديا، واڻيءَ ۾ امبرت ملاءِ،
سڀ جي ڀلي واسطي، رکو ڌرم -وچن ڳالهاءِ.

جڏهن ساري سنسار ۾ اَشانتي ۽ بي آرامي ڦهليل آهي تہ شانتي ۽ آرام ڪنهن کي نہ کپي؟ شانتيءَ سان جيئڻ اچي وڃي تہ جيئڻ جي ڪلا هٿ اچي وڃي. سچو ڌرم سچ پچ جيئڻ جي ڪلا ئي آهي. جنهن سان اسان خود بہ سک ۽ شانتيءَ سان جيئون ۽ ٻين کي بہ سک ۽ شانتيءَ سان جيئڻ ڏيون. شڌ ڌرم اِهو ئي سيکاري ٿو، ان ڪري اُهو هرهڪ ماڻهوءَ لاءِ هر وقت ۽ هرهنڌ هڪجهڙو ٿيندو آهي. سمپردايہ ڌرم نہ آهي. سمپردايہ کي ڌرم مڃڻ دوکو آهي.

اڃو تہ سمجهون تہ ڌرم شانتي ڪيئن ڏيندو آهي؟ پهريون تہ اِهو ڄاڻون تہ اسان اَشانت ۽ بي آرام ڇو ٿي ويندا آهيون؟ ڳهرائيءَ سان سوچبو تہ صاف معلوم ٿيندو تہ جڏهن اسان جو من براين ڪري بگڙجي ويندو آهي تڏهن اُهو اَشانت ٿي ويندو آهي. ڀلي ڪروڌ هجي، لوڀ هجي، ڊپ هجي، حسد هجي يا ٻيو ڪو وڪار هجي، اُن وقت اسان بيصبر ٿجي من جو ميزان وڃائي ويهندا آهيون. اهڙي من جو ڪهڙو علاج آهي جنهن سان اسان ۾ ڪاوڙ، حسد، ساڙ، ڊپ وغيره پئدا نہ ٿين ۽ جيڪڏهن پئدا بہ ٿين تہ اسان اَشانت نہ ٿيون؟

آخر هي وڪار ڇو پئدا ٿيندا آهن؟ گهڻو ڪري ڪنهن اڻوڻندڙ واقع جي جوابي ڪارروائيءَ ڪري پئدا ٿيندا آهن. تہ ڇا اِهو ممڪن آهي تہ دنيا ۾ رهندي ڪوئي اڻوڻندڙ واقع ٿئي ئي ڪونہ؟ نہ، اهو ڪنهن جي لاءِ بہ ممڪن نہ آهي. دنيا ۾ وڻندڙ ۽ اڻوڻندڙ ٻئي حالتون اينديون ئي رهنديون آهن. اِها ئي ڪوشش ڪرڻي آهي تہ حالت بگڙيل هوندي بہ اسان پنهنجي من کي شانت ۽ هڪ ڪرو رکون. رستي ۾ تہ ڪنڊا ۽ پٿر رهندا ئي، اُپاءُ اِهو ئي آهي

ڪانپوءِ ساڪي ڀاوَ جي جاچ پڙتال ڪيئن ڪريون؟ مهاپرش قدرت جي سچاين جي اونهي کوج ڪرڻ کانپوءِ اهو ڏٺو ته ڪنهن به سبب ڪري جڏهن به من ۾ ڪوئي وڪار پئدا ٿيندو آهي تڏهن هڪ ته ساهه کڻڻ جي رفتار ۾ غير قدرتيپڻو اچي ويندو آهي ٻيو ته شرير جي هڪ هڪ عضوي يا حصي ۾ سوکيم سطح تي ڪنهن نه ڪنهن قسم جي جاندار ڪيميائي ڪارروائي ٿيڻ لڳندي آهي. جيڪڏهن انهن ٻنهي کي ڏسڻ جو اڀياس ڪيو وڃي ته لڪل روپ (ٻجهيءَ طرح) سان يا اڻسڌي نموني پنهنجي وڪار کي ڏسڻ جو ڪم ٿي ٿيڻ لڳي ٿو ۽ وڪار خود ئي ڪمزور ٿيندي ٿيندي پاڙون پٽجڻ لڳي ٿو. ساهه کي ڏسڻ جي اڀياس کي 'آنا-پان ستي' (سجاڳي) چيو ويندو آهي ۽ شرير ۾ ٿيندڙ جاندار ڪيميائي جوابي ڪاررواين کي ساڪي ڀاوَ سان ڏسڻ جي اڀياس کي وپشينا چيو ويندو آهي. هڪ ٻئي سان گهاٽو سنٻنڌ رکندڙ آهن. انهن ٻنهي جو ڏاڍو سٺو اڀياس ٿي وڃي ته ڪنهن به سبب ڪري جڏهن من ۾ وڪار اُڀري ته پهريون ڪم هي ٿيندو ته ساهه جي بدليل رفتار ۽ شرير ۾ پئدا ٿيل ڪنهن به قسم جي جاندار ڪيميائي جوابي ڪارروائي (پرتيڪريا) اسان کي سجاڳ ڪندي ته من ۾ ڪوئي وڪار پئدا ٿي رهيو آهي. ساهه ۽ هن سوکيم سنويدنا کي ڏسڻ لڳون ته قدرتي اُن وقت اُڀريل وڪار شانت ٿيڻ ۽ اُکڙجڻ لڳندو. جنهن وقت اسان پنهنجي ساهه جي اندر کڻڻ ۽ ٻاهر ڪڍڻ کي ساڪي (شاهد بڻجي) ڀاوَ سان ڏسون ٿا يا شرير جي جاندار ڪيميائي يا بجلي چقمق واري جوابي ڪارروائيءَ کي ساڪي ڀاوَ سان ڏسون ٿا، ان وڪار پئدا ڪندڙ آڌار يا ذريعي سان سولائيءَ سان سنٻنڌ ٽٽي ويندو آهي. اِئين ڪرڻ حقيقي حالت کان ڀڄڻ نه آهي، چو ته اندرئين من تائين هن وڪار جيڪا اُٿل پٿل (هلچل) پئدا ڪري ڇڏي ان سچائيءَ کي سامهون ڏسي رهيا آهيون. لاڳيتي اڀياس دوارن پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ جي هيءَ ڪلا جيتري مضبوط ٿيندي اوتري ئي سڀاوَ جو حصو بڻجي ٿي ۽ آهستي اهڙي حالت اچي ٿو جو وڪار پئدا ئي نٿا ٿين يا پئدا ٿين به ٿا ته گهٽي عرصي تائين ٽڪن نٿا يا ٽڪن به ٿا ته اُهي پٿر جي ليڪ نٿا بڻجن ۽ اُهي واريءَ يا پاڻيءَ تي پاتل ليڪ سمان هلڪو اثر ڪن ٿا جن مان جلدي ڇوٽڪارو

موقع تي پچڻ بجاءِ موجود حالت جو مقابلو ڪرڻ ڪپي. ڪنهن به واردات، پرسنگ يا واقعي سببان جيڪو به وڪار جاڳي اُن کي هوُبهو جهڙو آهي تهڙو ڏسڻ ڪپي. ڪاوڙ اچي ته ڪاوڙ جهڙي آهي اُن کي تهڙي ئي روپ ۾ ڏسون ۽ ڏسندا رهون. ان نموني ڪاوڙ يا غصو شانت ٿيندو ويندو. اهڙي نموني جيڪو به وڪار پئدا ٿئي اُن کي اصلي روپ ۾ ڏسڻ لڳون ته هن جو زور گهٽجڻ لڳندو. پر ڏکيائي اِها آهي ته جنهن وقت وڪار پئدا ٿئي تو اُن وقت اسان کي هوش نٿو رهي. غصي اچڻ وقت اِهو نٿا ڄاڻون ته غصو آيو آهي، غصو پوري ٿيڻ ڪانپوءِ هوش اچي ٿو ۽ تڏهن سوچيون ٿا ته وڏي پل ڪئي جو غصي ۾ اچي ڪنهن کي گار ڏني يا مارڻ لاءِ آماده ٿي وياسين. اِن ڳالھ ته پڇتاءُ به ڪندا اهيون پر ٻئي دفعي ساڳيءَ حالت ۾ وري ساڳئي نموني هلندا آهيون. سچ ته اِهو آهي ته غصي اچڻ وقت اسان کي هوش ئي نٿو رهي ۽ هوش اچڻ ڪانپوءِ پڇتاءُ ڪرڻ مان ڪوئي فائدو نٿو ٿئي. چور اچي ته اُن وقت ته سمهيل رهون ۽ جڏهن گهر جو مال چوري ٿي وڃي اُن ڪانپوءِ جلدي جلدي ڪلف لڳايون ته ڪهڙو فائدو؟ وڪار پئدا ٿيڻ تي هوش ڪير ڏيکاري؟ ڇا هرهڪ ماڻهو پاڻ سان گڏ سجاڳہ ڪرڻ لاءِ ڪوئي مددگار رکي؟ اِهو ممڪن نہ آهي ۽ سمجهو ڪٿي ته ممڪن هجي به ۽ ڪنهن پنهنجي لاءِ مددگار مقرر ڪري ڇڏيو، جنهن اهڙي موقع اچڻ تي توهان کي سجاڳہ ڪيو به ته توهان کي غصو اچي رهيو آهي تنهن ڪري غصي کي ڏسو. ان وقت بي ڏکيائي اِها پئدا ٿيندي ته ڪوئي نراڪار جنهن جو روپ يا صورت نہ هجي اهڙي غصي کي ڪوئي ڪيئن ڏسي؟ جڏهن غصي کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا تڏهن جنهن سبب ڪري غصو آيو آهي اُهو آڌار وري وري من ۾ اُڀري ٿو ۽ باهہ ۾ گيھ جو ڪم ٿو ڪري جيڪو باهہ کي تيز ڪندڙ آهي اُن جي سوچ ويچار ڪرڻ سان وڪارن کان ڇوٽڪارو ڪيئن ملندو؟ ان سان ته اُلٽو وڪار پڙڪو کائيندو. هائي هڪ بي وڏي مشڪل ڳالھ هيءَ آهي ته آڌار کان ڇوٽڪارو پائي نراڪار ساکي پاو (جيئن جو تيئن ڏسڻ) سان ڪيئن ڏنو وڃي؟

تنهن ڪري اسان جي سامهون بہ مسئلا آهن. هڪ ته هيءُ آهي ته وڪار پئدا ٿيڻ وقت اسان هوشيار يا سجاڳہ ڪيئن ٿيون؟ ۽ ٻيو هيءُ ته هوشيار ٿيڻ

جائزو آهي، آزمودن جي آذار تي سچائيءَ جو جائزو (جاچ) ڪرڻ آهي. سچ کي جيئن جو تيئن ڏسڻ جو اپياس وپشينا آهي. ان کي ذهني وندر جو ذريعو بڻائڻ مان ڪوبہ فائدو نہ آهي. پڙهڻ، ٻڌڻ يا ويچارن جي ڏي-وٺ سان ذهني سطح تي سمجهي سگهجي ٿو ۽ ان سان ڪجهہ اُتساهہ بہ ملي سگهي ٿو پر اصل لاڀ اپياس ڪرڻ ۾ آهي. پنهنجي من کي بگيڙڻ نہ ڏيون. سدائين سجاڳہ رهي پنهنجي جاچ ڪندا رهون پر هيءُ ڪم بنا اپياس جي ممڪن نہ آهي. ڪيترن جنمن کان من تي سنسڪارن ۽ وڪارن جا تهہ جمي ويا آهن ۽ نون نون وڪارن کي ٺاهيندو رهڻ جو سڀاءُ ٺهي ويو آهي، اُن کان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ ساڌنا جو اپياس بلڪل ضروري آهي. اُن کي صرف اصولي سطح تي سمجهي ڇڏڻ ڪافي نہ آهي ۽ نہ صرف ڏهن ڏينهن جي هڪ ڪئمپ ڪافي آهي پر لاڳيتي اپياس جي ضرورت آهي.

صرف ڏهن ڏينهن جي اپياس سان ڪوبہ ماڻهو پورو اَپياس ڪرڻ جو هڪ طريقو هٿ ٿو ڪري جڏهن ڪ اپياس تہ پورو جيون ڪرڻو آهي. جيترو اپياس وڌندو اوترو ڌرم جيون ۾ ايندو ۽ حياتي گذارڻ جي ڪلا پڪتي ٿيندي آهي. آخر سجاڳي وڌندي آهي تہ هلت چلت سڌرندي آهي، من صاف ۽ وڪار بنا من مترتا، ديا، آنند ۽ برابريءَ جهڙن سٺن گڻن سان قدرتي پرجندو آهي. ساڌڪ جو جيون تہ سڦل ٿيندو آهي پر سماج لاءِ پڻ سکہ ۽ شانتيءَ جو سبب بڻجندو آهي.

خوشقسمتيءَ (سوڀاڳيہ) سان هي پنهنجي اندر جهاتي پائڻ جاچ جو اَپياس، وپشينا جي ساڌنا جو طريقو برما (برهم ديش) ۾ اڍائي هزار سالن کان وٺي اَڄ تائين پنهنجي اصلي روپ (صورت) ۾ قائم آهي. خوشقسمتيءَ سان هن طريقي کي سکڻ جو ڪلياڻڪاري موقعو مليو. بدني بيماريءَ سان گڏ من جي وڪارن ۽ موهہ سان پريل تناون (ڇڪتاڻ) کان ڇوٽڪاري پائڻ جو رستو مليو. سچ پچ هڪ نئون جيون ئي مليو. ڌرم جو راز جيون ۾ آڻي سگهڻ جو هڪ سٺو طريقو حاصل ٿيو. هاڻي 1971 کان ڀارت ۾ آهيان. هي طريقو تہ هن ديش جو پراڻو خزانو آهي. پوتر ملڪيت آهي جيڪا ڪنهن بہ سبب ڪري هتان گم ٿي ويئي. مان تہ ڀاڳيرت (هڪ رشي) وانگر هن وچايل ڌرم گنگا کي برما مان

ملي وڃي ٿو. سنسڪار (من تي پيل اثر) جيترو اونهو ٿيندو آهي اوترو ئي وڌيڪ ڏکدائي ۽ بندن ۾ وجهندڙ ٿيندو آهي. جيتري شڪتيءَ سان جيتري دير تائين وڪار جو ڪارنامو چالو رهندو آهي. اندرين من تي اُن جي اوتري ئي اونهي ليڪ پوندي آهي. تنهنڪري سياڻپ ان ۾ آهي ته وڪار پئدا ٿيندي ئي اُن کي ساڪي پاو سان ڏسي ان جو زور هيٺو ڪيو وڃي جيئن هوُ وڌيڪ لنبي عرصي تائين تکي اونهو اثر نه ڪري سگهي. باهه لڳندي ئي اُن تي پاڻي ڇڻڪايون. ڪٿي ائين نه ٿئي ته پيٽرول ڇڻڪائي باهه کي تيز ڪري ڇڏيون. پئدا ٿيل وڪار کي سڄاڳ تي هڪدم ڏسڻ لڳڻ سان ان وڪار تي پاڻي ڇڻڪائڻ برابر آهي ۽ جنهن آڌار جي سهاري يا سببان وڪار پئدا ٿيو، وري وري اُن تي غور (ڌيان يا چنتن) ڪرڻ اُن تي پيٽرول ڇڻڪائڻ برابر آهي. پنهنجي بيعزتيءَ جو اڻوڻندڙ واقع ياد ڪندا رهون ته وير ونڻ يا دشمنيءَ جي ليڪ کي ياد ڪري اُن کي وڌيڪ اونهو بڻايون ٿا جنهن کان ٻاهر نڪرڻ مشڪل ٿي پوي ٿو.

قدرت جي قانون کي رت سچ چئبو آهي اسان اُن کي ئي ڌرم چوندا آهيون. اِهو قدرت جو نيم آهي ته جڏهن اسان جي من ۾ ڪوئي وڪار جاڳندو آهي تڏهن اسان اَشانت بڻجي پوندا آهيون ۽ وڪار کان ڇوٽڪارو پائيندي ئي اَشانتيءَ کان ڇوٽڪارو پائيندا آهيون، سک ۽ شانتي محسوس ڪرڻ لڳندا آهيون. قدرت جي هن نيم کي ڄاڻي، برابين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو ڪوئي طريقو، ڪوئي مهاپرش ڌرم جي صورت (روپ) ۾ ڏکي ماڻهن کي ڏئي ٿو، پر پنهنجي چرپائپ سببان انهن طريقن کي استعمال ڪرڻ جي بجاءِ يعني ڌرم تي هلڻ جي بدران اسان اُن کي بحث مباحثي جو مضمون (وشيه) بڻائي اصولن (سڌانتن) جي لڙائيءَ ۾ پئجي وڃون ٿا ۽ خالي فيلسوفاڻي ذهني ونڊر سان هڪ ٻئي سان دشمني وڌائي پنهنجي هاڃي ڪريون ٿا. وپشينا، فيلسوفيءَ جي اصولن خلاف نه آهي. هرڪو ماڻهو گيان جي اکين سان پنهنجو پاڻ کي ڏسي ۽ پنهنجي جاچ پڙتال ڪري. پنهنجي اندر جڏهن وڪارن جي باهه لڳي تڏهن اُن کي پاڻ ڏسي وسايون. اِهو ئي سميڪ درشن آهي، اِهو ئي خود جو جائزو ڪرڻ آهي، گيان جي نظرن سان

دوها

پاپ کي جهٽ روڪيون ۽ وري نہ دهرايون،
ڏرموان، هوشيار بڻجي پنهنجي پل سڌاريون.

ڏسون من جي گندگي ۽ ڏسون من جا عيب،
عيبن کي ڏسندي ڏسندي من بڻجي بيعيب.

من ۾ اُٿن وڪار جڏهن تہ ڏس بڻجي ساکي،
تي اچاهہ من کي ڏسي، تہ رهي نہ دکہ باقي.

من ۾ جڏهن وڪار اُٿن تہ ساهہ بي ريت ڪچي،
هلچل مچي شرير ۾، سا ڏسي ڏسي گهٽجي.

بين جا ڏوهہ ڏسي ڪري، من وياڪل بڻايو،
جڏهن ڏٺا ڏوهہ پنهنجا، تڏهن هوش آيو.

امبرت جهڙي ڌرم رس، اُجايل پيئي،
نرڏن کي ملي ڌرم ڌن تہ بنا دکہ جيئي.

هن ديش (هندستان) ۾ وري وني آيو آهيان جنهن ڪري پاڻ کي وڏڀاڳي ٿو مڃان.

ياد ٿي اچي تہ وڪارن ۾ ڦاسي ڪيترو نہ دکي رهندو هوس ۽ هاڻي انهن وڪارن کان ڇٽي ڪيترو نہ سکي آهيان. تنهن ڪري دل چوي ٿي تہ وڏ ۾ وڏ ماڻهو جيڪي پنهنجي وڪارن ۾ ڦاٿل آهن ۽ ان سببان دکي آهن اُهي هن ڪلياڻڪاري طريقي سان وڪارن کان ڇوٽڪارو پائڻ سکن ۽ دکن کان ڇٽي سکہ حاصل ڪن. ياد ٿو اچي تہ جڏهن مان وڪارن ۾ ڦاسي دکي ٿيندو هوس تہ پنهنجو دکہ پاڻ تائين محدود نہ رکي ٻين ۾ پڻ ورهائيندو هوس ۽ ٻين کي پڻ دکي بڻائيندو هوس. ان وقت ٻين ۾ ورهائڻ لاءِ مون وٽ صرف دکہ ئي هئو. هاڻي دل ٿي چوي تہ هن ڪلياڻڪاري طريقي دواران جيترو جيترو وڪارن کان آزاد ٿيس ۽ جنهن جي نتيجي سببان جيتري بہ سکہ ۽ شانتي حاصل ٿي، اها ماڻهن ۾ ورهايان. ان کي ورهائڻ سان سکہ وڌي ٿو، من خوش ٿئي ٿو. هنن ڏهن ڏينهن جي ڏيان شبرن ۾ ماڻهو اڪثر مرجهايل چهرو کڻي ايندا آهن ۽ سکيا پوري ڪري کلندڙ چهرن سان واپس گهر ويندا آهن. انهن کي ڏسي من سکہ ۽ سنتوش سان ڀرجي ويندو آهي. وڏ ۾ وڏ ماڻهو هن شبہ طريقي جو فائدو وٺي سکہ جا ڀاڳي ٿين ۽ وڏ ۾ وڏ ماڻهن جو ڀلو ٿئي اِها ئي ڌرم جي ڪامنا (خواهش) آهي.

شل سڀ سکي ٿين!

(**سوچنا** : شبرن ۾ شري گروجيءَ جو 30 ڊسمبر 1975 ۾ عام خلق ۾ ڏنل پروچن جو سار.)

* * *

جو رس پيِ سگهن ۽ دکن کان ڇٽي سگهن. ڏرم لاءِ انهن جي جيتري سيوا ڪري سگهون اوتري ڪريون، انهن کي جيتريون سهوليتون ڏيئي سگهون اوتريون ڏيون، جيتري راحت ڏيئي سگهون اوتري ڏيون. هنن کي صحيح معنيٰ ۾ سک جا ڀاڳي بڻايون.

پنهنجي سک ورهائڻ (ونڊڻ) ۾ اسان جو سک سمايل آهي ۽ سڀ جو سک سمايل آهي.

* * *

20. اچو تہ سکہ ورهايون!

حياتيءَ ير اسان ماڻهن ۾ ڪيڏو دکہ ورهايو آهي! پنهنجي بيوقوفيءَ سببان جڏهن جڏهن من ۾ وڪار پئدا ڪيا تڏهن تڏهن ان جي ڪوت (ڪپٽ) سان ڀريو ۽ نہ صرف من سان پر وچن سان ۽ تن سان پڻ اهڙا برا ڪم ڪيا جنهن سان ماڻهو دکي ٿيا، ڏنا ۽ انهن جو من تپيو. ڪيترن جي دکہ جو ڪارڻ اسين بڻياسين ۽ ڪيترن جي وياڪلتا جو پڻ! دکہ ئي دکہ تہ ماڻهن ۾ ورهايو اسان!

هاڻي ڪوئي پراڻو پڇ جاڳيو جنهن سببان هي سپني سان لاڳو، فرقي بنا، بي بهاءِ سپني جو پلو ڪندڙ ڌرم روپي رتن حاصل ٿيو. هن ڌرم روپي سمپتيءَ اسان کي ڪيترو نہ مالامال ڪري ڇڏيو. ڪيتري نہ آفت دور ٿي! ڪيتري نہ وڪارن کان مڪتي ملي! ڪيترو نہ دکن کان ڇوٽڪارو مليو! اڻوٽندڙ حالت ۾ بہ مشڪل اچي ويو! من ۾ مترتا ۽ ديا جون لهرون اُٿڻ لڳيون! جيون ڌنيہ ٿيڻ لڳو. اڙي اِهو ئي تہ سکہ آهي! اِهو ئي تہ سچو سکہ آهي!

اچو تہ سپني ۾ اهڙو سکہ ورهايون! اهڙو سکہ شل سپني کي ملي. اهڙو ڌرم شل سڀ کي ملي. جڳہ ۾ ڪوئي دکي نہ رهي. سڀ پنهنجي براين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪن، من جون ڳنديون ۽ مونجهارا کلي پون ۽ گندگي صاف ٿي وڃي. سڀ وير ڀاو کان آجا ٿين! بي ڊپا ٿين! تندرست ٿين! وڪارن بنا ٿين! پاپ رهت ٿين! ۽ نرواڻ مڪتيءَ جا ڀاڳي بڻجن!

تنهن ڪري اچو، تہ هن اُتم (عمدي) ڌرم لاءِ اسيم شڪر گذاريءَ ۽ نرالي شرڌا جي ڀاونا رکندي، ساهوارن لاءِ اسيم، پنهنجائپ جو ڀاو رکندي، هرهڪ جي ڀلائيءَ ۽ پنهنجي ڀلائيءَ لاءِ اسان سڀ گڏجي ڪري پنهنجي گڏيل طاقت لڳايون ۽ اهڙو جيون گذاريون جنهن کي ڏسي وڏ ۾ وڏ ماڻهو هن عمدي ڌرم

پاڻ سڃاڻج پنهنجو

ستگر جهڙو شاهہ ڪونہ ڏنوسين ڪاٿهين،
پرچي ڏنو جنهن آتم ڏن اٿاهہ،
نڪي پڇيائين ذات پات، نہ ڪي پڇيائين راهہ،
ڪري من اڇاهہ-سامي گڏيو ڪن ۾.

* * *

ڪري ڪوچ ويا، سيئي سنسار مان،
پير پيغمبر اؤليا، جن پنهنجا پنٿ ڪيا،
گياني، ڏياني، گرهستي، سامي پنڌ پيا،
سيئي غيب ٿيا، تو ڇا سمجهيو پاڻ کي؟

* * *

بنا آتم گيان، ممت نہ مٽي من جي،
توڙي سڀ ساڌن ڪرين، پڙهين ويد پراڻ،
گيتا ۾ ڀڳوان، ارجن کي ائين چيو.

* * *

پاڻ وڃائي، پاڻ، ڳولهي لهج پاڻ کي،
پاڻ منجهائين، پاڻ کي، پوندي ڄاڻ-سڃاڻ،
مکڻ آخر هڪڙو، سو ئي ڪير سنياڻ،
اِهو اٿي اُهڃاڻ، سچو ڳهيلا انهيءَ ڳالهہ جو.

* * *

دوها

سيني ۾ جاڳي ڌرم ۽ سڌري جڳ وهنوار،
وير ڀاو سڀ دور ٿئي، رهي پيار ئي پيار.

شڌ ڌرم جهڙو مليو، تهڙو ئي سڀ کي ملي،
منهنجي من جي شانتي سڀ ڪنهن ۾ ڦهلي.

سک چانئي هن جڳت ۾، رهي دکي نہ ڪوئي،
سڀ ڪنهن ۾ جاڳي ڌرم، تہ سکي ٿئي سڀ ڪوئي.

شڌ ڌرم پئدا ٿئي تہ دور ٿئي دک سُور،
وير ۽ ڀئہ کي ڇڏي، پاپن کان ٿيون دور.

دکي سڄو سنسار آ ۽ سڀڪو آ وڪاري،
سڀ ڪنهن جو من صاف ٿئي، تہ سکي ٿئي نر ناري.

ڪنهن جو من ميرو نہ ٿئي ۽ وير نہ رکي ڪوئي،
سڀ ڪنهن جو ڀلو ٿئي ۽ سکي بڻي سڀ ڪوئي.

پاڻ سڃاڻج پانهنجو، اَتي گل اندر گوهر،
ڦٽو ڪري ٻيائيءَ جي ڀاري ٻوهر،
جوت پريو جوهر، پاڻيهي پسين پارکو.

* * *

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نکو ڏونگر ڏيهہ ۾، نکا ڪيڇن ڪاڻ،
پنهو ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

* * *

هيرو جنم نہ هار، مورکہ مايا جي پاءِ تون،
ملي ساڌ سنگت سان، اوديا پرم نوار،
پنهنجو پاڻ سنڀار تہ سکي ٿئين سامي چوي.

* * *

॥ सोरठ महला ५ ॥

गुर का सबदु रख्र वारे । चउकी चउगिरद हमारे । राम नामि मनु लागा, जमु लजाइ करि भागा ॥१॥ प्रभुजी तू मेरो सुख्र दाता । बंधन काटि करे मनु निरमलु पूरन पुरखु विधाता ॥ रहाउ ॥ नानक प्रभु अबिनासी ताकी सेव न बिरथी जासी । अनन्द करिह तेरे दासा । जपि पूरन होई आसा ॥

गुरु का ज्ञान ही हम जीवों का रक्षक है, वही हमारे चारों ओर का संरक्षक है (गुरु की शरण लेनेवाले) जिस मनुष्य का मन परमात्मा में प्रवृत्त होता है, उससे यमराज भी आतंकित होकर दूर हट जाता है ॥१॥

हे प्रभु ! मेरे लिए तो तुम ही सुखों के दाता हो । (आस्थावान प्राणी को) सर्वव्यापक प्रभु बन्धनमुक्त कर उसके मन को पवित्र कर देता है ॥ रहाउ ॥ नानक का कथन है कि अविनाशी प्रभु की की गई सेवा व्यर्थ नहीं जाती ।

हे प्रभु ! तुम्हारे सेवक आत्मिक आनन्द महसूस करते है, तुम्हारा नाम स्मरण करके उनकी प्रत्येक मनोकामना पूर्ण हो जाती है ।

Year - 2010
2000 Copies
printed by : scan computers
Ph. : 2283 6776, 3024 6776, 6607 6776
9327 007 002 (deepak) 9374 417 002 (dilip)